# ويهم وساريج

ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ

Sindhica
سنڌيڪا

# جاگرتا ۽ سماج

سماجي جاڳرتا ۽ سرگرمين متعلق ايشيائي ملڪن جا مشاهدا
۽ سنڌ جي سماجي صورتحال جو منظر

ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ

Sindhica
سنڌيڪا
عزيز ڪتاب گهر
ٻنڊر روڊ سکر

ڪتاب نمبر

72

ليکڪ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: ويهه مَ وساريج
ليکڪ: ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ
پهريون ڇاپو: مارچ 1998ع
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
ملهه: 80 رپيا

"Waih'o ma Visaaraij"
(Personal observations on Social Phenomenon in Asian Countries)
By: Dr. Muhammad Suleman Shaikh
Published by: Sindhica Academy, Karachi-74400
Ph: 7737290
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
**Price: Rs. . 80/=**

| |
|---|
| **هي ڪتاب سنڌيڪا ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي گڏيل سهڪار سان ڇپيو.** |

لکپڙهه ۽ وي پيءَ ذريعي گهرائڻ لاءِ.
**سنڌيڪا اڪيڊمي**
B-24 نيشنل آٽو پلازه، مارسٽن روڊ
ڪراچي 74400

# ارپڻا

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي
پرخلوص، هڏ ڏوکي ۽ پاڪ ارپيندڙ ساٿين جي
نالي. جن ڏکيءَ ڏکيءَ ڏکيءَ جهنگن ڏرن ۽ برن ۾
سنڌي سماجهڙن جي بي لوث خدمت ڪئي
آهي.

(محمد سليمان شيخ)

ويهه مَ وساريج مٽان ماٺ ڪري ويهين
قول اهو پاڙيج هو جو ڪيڙئي هوت سين
شاهه

# سٽاءُ


– نندپڻ ۽ جواني      جناب الطاف شيخ      ٧
– سنڌ جي مٽيءَ جو نچوڙ      بخش علي لاکو      ١١
* مهاڳ ............ جناب علي احمد بروهي      ١٤
* پنهنجي پاران      ليکڪ      ٢٢
* متان مات ڪري ويهين      ليکڪ      ٢٤
***باب پهريون**
بنگلاديش ۾ سماجي جاڳرتا.      ٣٣
*** باب ٻيو**
ٿائيلينڊ جي سماجي ترقياتي ادارن جو دورو      ٤٧
ٿائي – اين جي اوز سپورٽ پروگرام      ٦٠
*** باب ٽيون**
فلپائين جي غيرسرڪاري تنظيمن جو دورو      ٦٤
منيلا ۾ سماجي انتظام ڪاريءَ جي تربيت      ٨٨
*** باب چوٿون**
عالمي ڪانفرنسون
1) ڏکڻ ايشيا جي غيرسرڪاري تنظيمن جو
ساليانو ميڙ ۽ ميڙ ۾ پيش ڪيل مقالي جو متن      ١١١
2) اقوام متحده جي معاشرتي ترقيءَ لاءِ عالمي
ڪانفرنس      ١٢٢
3) سماجي ڀلائي ۽ پوليس جو ڪردار      ١٢٩
4) اسين غريب ڇو آهيون      ١٣٩
5) ايجنڊا 1995      ١٤٢
*** باب پنجون**
متفرق ليک
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي      ١٤٦
سنڌ جا مکيه ماحولياتي مسئلا      ١٦٨
اندر جنين اڌ      ١٧٥

## ليکڪ

جنم : 4 جون، 1942ع هالا نون.

اسڪول جي رجسٽر مطابق 9 فيبروري 1942ع

**تعليم :**

مئٽرڪ، مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا 1959ع

انٽر سائنس گورنمنٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد 1961ع

ايم بي بي ايس، لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو 1966ع

ڊپلوما بيهوشي (DA) ڪنگ ايڊورڊ ميڊيڪل ڪاليج لاهور 1969ع

ايم ايس بيهوشي ڪراچي يونيورسٽي 1991ع

**مهارتون :**

بيهوشي، اڪوپنڪچر، سور جو علاج ۽ ترقياتي ادارن جي انتظام ڪاري.

**ڇپيل ڪتاب :**

1- اڪيون اجايون (ڪهاڻين جو مجموعو) 1964ع

2- سون ورني ڌرتي (لبيا جي ڊائري) 1974ع

3- انسان جا پراسرا دشمن (علم جيوڙا) 1974ع

4- گلن جهڙا ٻارڙا ڦلن جيئن پنجن (ماءُ ٻار سنڀال) 1975ع

5- پيڪنگ پچارون (چين جو سفر نامو) 1991ع

**ڪالم :**

سرت جي ڊائري- روزانه هلال پاڪستان 73-1972ع

تعليم ۽ معاشرو - روزانه هلال پاڪستان 1985ع

منهن جي دنيا - روزانه جاڳو 94-1991

سفر زندگي جو - روزانه هلال پاڪستان 96-194ع

**مستقل پتو :**

احمد شاهه گهٽي، مارڪيٽ روڊ هالا نوان، سنڌ.

# ننڍپڻ ۽ جواني

ڊاڪٽر سليمان شيخ کي ننڍي هوندي کان فقط اهو شوق رهيو آهي ته انسان ذات جي خدمت ڪجي، ڏکويل سان همدردي ڪجي ۽ رڳو پنهنجي لاءِ نه پر ٻئي لاءِ به جيئجي.

سليمان منهنجو مائٽ آهي، منهنجو پاڙيسري آهي، دوست آهي ۽ ننڍپڻ کان وٺي اڄ تائين اٽڪل اڌ صدي هڪ ٻئي جي ويجهو رهيا آهيون. توهان جيڪڏهن هن جي ڪنهن عادت يا ڳالهه مان متاثر آهيو ۽ ضرور هوندئو تڏهن ته توهان پنهنجو خلوص ڏيکارڻ لاءِ هن جي شان ۾ هيءَ دعوت ڪئي آهي ته پوءِ توهان لاءِ هي ڳالهيون دلچسپ رهنديون.

سليمان جي ننڍپڻ کان ئي جُداگانا شخصيت هئي. گهٽيءَ جي وچ ۾ سندس گهر هوندو هو. سڄي گهٽيءَ جا ٻار صبح کان شام تائين ٻوڙ ٻڪ جون رانديون ۽ دانهون ڪندا هئا، پر هي پنهنجي گهر جي اڪيلي ڪمري ۾ ڪتاب ۽ اخبارون پڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو. ڇهين ڪلاس تائين هي اسان لاءِ گمنام هو ۽ پوءِ ١٩٥٨ع ۾، ستين ڪلاس ۾ پهتاسين ته هالا جي اسڪول طرفان ١٨٥٧ع واري آزاديءَ جي جدوجهد تي سئو ساله ڏينهن ملهايو ويو جنهن ۾ سڀ کان سٺي تقرير سليمان ڪئي. جيڪو ان وقت ٻين ٻارن ۾ سڀ کان ننڍو هو. اسين باقي گهٽيءَ جا ٻار ان ڏينهن وائڙا ٿي وياسين ته هي هيترن ماڻهن جي وچ ۾ اسٽيج تي چڙهي ڪيئن تقرير ڪري ويو.

بهرحال سليمان کي ننڍي هوندي کان راندين جو نه پر پڙهڻ ۽ تقريرن ڪرڻ جو شوق هو. مون سندس هٿن ۾ ڪڏهن به گلي ڏڪر يا بئٽ بال نه ڏٺو. مون ڪڏهن به ڪيس ٻوڙندي نه ڏٺو. جيڪا ڪا سٺي ڳالهه نه آهي: .All work & no play makes Jack a dull boy پر سليمان dull ثابت نه ٿيو اسڪول، توڙي ڪاليجي ڏينهن ۾ سٺين مارڪن سان نمبر

واري مشين گم ٿي ويئي آهي جنهن تي گذر سفر هلي رهيو هو"، هن ٻڌايو:

"ڪيئن گم ٿي ويئي ؟" "ڪو گاڏيءَ جي ڊڪيءَ مان چورائيَ ويو، گاڏي فلئٽ جي هيٺان ئي بيٺل هئي."

ڏاڍي پڇ ڊڪ ڪئيسين پر ڪونہ لڌي. ٽاٽي تي بہ ڪو ڪنگهي نہ پيو. چيڙي ڪري ويهي رهياسين. هفتي ڪن کان پوءِ سليمان ٻڌايو تہ ڪيس اها مشين ملي وئي.

"ڪيئن ملي ؟" پڇيومانس.

"ٽاٽي جي صوبيدر گهرائي مشين ڏني."

"پڇيس ڪونہ تہ ڪنهن ڪئي ؟"

" ها پڇيو مانس: چيائين تہ توکي شيءِ سان ڪم سا ملي ويئي. دعا ڪر تہ چور کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ اها آهي ڇا ۽ ڪنهن کي وڪڻجي."

اهڙي طرح سندس ڪار Medicare ڪلينڪ وٽان کڄي ويئي. ٽاٽي تي وياسين. ڪار جي چوريءَ جو ٻڌي ٽاٽي جي انچارج ڪجهہ دلچسپي ورتي، پر پراڻي ماڊل جي ڊئل مهانڊي واري غير مشهور نالي واري ڪار جو ٻڌي شڪل بڇڙي ڪري چيائين: "بابا کيون وقت ضايع کرتي هو. ايسي ڪار چوري تو نهين هوتي. گلي ڪا ڪوئي لوفر لي گيا هوگا. اگلي گلي ۾ ڇوڙ بهي گيا هوگا". اڳيئن ڪلاڪ ۾ وياسين تہ ڪار اتي بيٺي هئي. ريڊيو غائب هوس. سليمان کي ٻڌايم تہ ڪار ملي ويئي آهي پر ريڊيو نہ اٿس.

"اهو جائي جم کان ڪونہ هوس،" سليمان وراڻيو.

(نوٽ: ساموندي الطاف شيخ هي تقرير ڊاڪٽر سليمان شيخ جي مان ۾ جي پي ايم سي جي دوستن پاران هوٽل پرل ڪانٽينل ڪراچي ۾ ٿيل تقريب ۾ ڪئي جيڪا ٢٤ اپريل ١٩٩٤ جي هلال پاڪستان ۾ شايع ٿي.)

# سنڌ جي مٽيءَ جو نچوڙ

محبتي ميهار جون، دل اندر دونهيون،
آٿيو وجهي آر ۾، لهاٿو لوهيون،
جي ساهڙ جون سونهيون، سير سراڙو تن کي؟ (شاهه)

اڄ مان ڀاڳ ڀليرا ٿو ڀانيان جو مونکي اهڙي مهان هستيءَ لاءِ ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي جنهن پنهنجي زندگي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي ارپي ڇڏي، جنهن پنهنجي عيش ۽ آرام تي جهانگيرن ۽ سانگيئڙن لاءِ جبل جهاڳڻ کي ترجيح ڏني، جنهن هيڏي وڏي سائنسي دور ۾ لذتن کي ڦٽو ڪري سنڌي سماج کي اڏڻ لاءِ جدوجهد جو رستو اختيار ڪيو، جنهن سڪن جي سيج ماڻڻ بدران ڏکويل انسانن جي خدمت کي پنهنجي منزل تصور ڪيو. شايد اهڙي ئي هستيءَ جي عمل لاءِ شاهه سائينءَ فرمايو آهي ته:

ڪنڌا مون پيرن ۾، ٽوٽي لڪ لڳن،
اَڳر آڳوٺي نه مِڙي، ڇپون پير ڇڄن،
ويندي ڏانهن پرين، جتي جات نه پائيان.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي سرواڻ ڊاڪٽر سليمان شيخ سنڌ جي عوام کي سماجي شعور ۽ بيداري ڏني. جڏهن ته سنڌي قوم کي سياسي شعور ۽ زبان شهيد ذوالفقارعلي ڀٽي ڏني. هونءَ ته سنڌ ڌرتيءَ اسان کي وڏا ڏاها ۽ مدبر عطا ڪيا آهن. ليڪن هي ٻه هستيون جيڪي هن ڌرتيءَ اسان کي ڏنيون تن جو نه ڪو مقابلو آهي ۽ نه ئي ڪو مٽ. اهي مائرون ڪيڏيون نه ڀاڳوند آهن، جن اهڙا املهه فرزند ڄڻيا.

ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ ۾ اهڙا عجيب موڙ ايندا آهن، جنهن سان انسانن جي نظرين ۽ عمل ۾ انقلابي لاڙا اچي ويندا آهن. اهڙو هڪ حادثو مون سان پڻ پيش آيو، جنهن مون کي هڪ معتبر شخصيت سان روشناس ڪرايو ۽ سندس سات ۾ سلهاڙ جي ويس. ڊاڪٽر صاحب سان منهنجي دوستيءَ جي ابتدا اهڙي ئي موڙ تي ٿي. انهن املهه گهڙين کي اڄ وسارڻ لاءِ تيار نه آهيان. اهو زمانو ١٩٦٨ع جو هو. سنڌ ون يونٽ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئي لاهور اولهه پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ هو. ڪيترائي سنڌي لاهور ۾ سرڪاري نوڪري ڪندا هيا ۽ آءٌ لاهور ۾ چارٽرڊ اڪائونٽنٽس جو ڪورس ڪرڻ لاءِ ترسيل هيس. اسان جون سماجي گڏجاڻيون ڪڏهن ڪانئو مرحوم جي جاءِ تي ٿينديون هيون ته

ڏنو آهي. غريبن جو دوست ۽ هڏڏوکي، مونکي ويجهي قربت هئڻ جي ناتي اهو مشاهدو آهي تہ هر وقت مختلف قسمن جا ماڻهون انيک مسئلا کڻي هن وٽ ايندا آهن. پاڻ خنده پيشانيءَ سان هر ڏکويل جو حال ٻڌندو آهي ۽ وس آهر اهڙي نموني حل ڪندو هي جو ڪنهن بئي کي ڪل نہ پوي.

هائو! ڊاڪٽر صاحب جي ڪاوڙ بہ مون ڏٺي آهي. سدائين " رمزن ۾ " هوندو آهي جا ڪابہ ماڻهو شايد سمجهي بہ نہ سگهي سندن ڪاوڙ تنظيمي ڪمن جي رفتار ۾ گهٽتائي يا ڪمزوريءَ تي هوندي آهي ليڪن سندس انهيءَ ڪاوڙ ۾ رهنمائي جو درس هوندو آهي، پنهنجائپ هوندي آهي، پيار هوندو آهي ۽ اهو بہ "رمزن ۾"!

سگهڙ جيتوڻيڪ سنڌ يا پاڪستان سطح تي ڪم ڪري ٿي پر انهيءَ سماجي سلسلي کي بين الاقوامي سطح تي مڃتا ڏيارڻ، اهو ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت جوئي ڪمال آهي. سنڌ جي ريگستانن ۽ ڪوهستانن، لاڙ، سري ۽ وچولي پنهنجي مٽيءَ جي نچوڙ مان هڪ هستي اسان کي عطا ڪئي، جنهن اسان کي ڏکويل انسانيت لاءِ پاڻ ارپڻ سيکاريو، غريب کي ڳلي لڳائڻ ۾ مان ۽ مرتبو تصور ڪرڻ سيکاريو، غرور نفرت ۽ بيزاريءَ کان باغي بڻجڻ سيکاريو. آءُ اهو چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿو سمجهان تہ اها ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت ئي آهي جنهن مٽيءَ هاڻن ماڻهن جي خدمت جو تصور ڏيندي "حقوق الناس" جا سبق پڙهايا. اڄ انهيءَ جي مرهون منت ڪشمور کان ڪراچيءَ تائين سنڌ جا گريجوئيٽس هڪ تسبيح ۾ مڻين وانگر پويل آهن ۽ ٻيا نوجوان انهيءَ عمل لاءِ تيارين ۾ آهن ۽ اهڙيءَ طرح پيار ۽ پريت جي منزل تي راهي آهن. ائين ڪٿي چئون تہ سنڌ جي ماڻهن ۾ اڄ هڪبئي لاءِ سوچ ۽ پيار ڊاڪٽر صاحب جي ڪري ئي نظر اچي ٿو.

اهو ڏينهن پري نہ آهي، جو سندس رهنمائيءَ ۾ سنڌي سماج نفرتن کان پري پيار ۽ ڀائپ جي تاڃي پيٽي ۾ سمائجي وڃي ۽ هڪ وڏو سماجي انقلاب اچي جنهن ۾ سنڌي ماڻهو سک ۽ سلامتيءَ جو ساهہ کڻن.

آخر ۾ آءٌ ڊاڪٽر صاحب لاءِ هڪ انگريزي ۾ جملو چئي پنهنجي جاءِ وٺندس. Dr Suleman Sheikh is a living legend of Sindh!

(جناب بخش علي لاکو هيءَ تقرير ڊاڪٽر سليمان شيخ جي مان ۾ سندس " جي پي ايم سي " جي ساٿين جي ڏنل الوداعي دعوت ۾ ڪئي. جيڪا ٢٧ اپريل ١٩٩٤ع تي هلال پاڪستان ۾ شايع ٿي.)

طاقت تي سوري ۽ آدمي ڪٺ پتليءَ Puppet جيان پيو ٿو اشاري تي ٽينگ ٽپا ڏئي جئن صوفيائي ڪرام فرمائين ٿا تہ "واڳ واليءَ جي وس آءُ ڪا پاڻ وهيٺي. "مذهب جي نقط نگاه انسان کي "فعل المختيار" سڏيو ويو آهي. ساڳئي وقت هي پڻ فرمايو ويو آهي تہ ذات ربيءَ جي اَمر بنان وڻ جو پن پتو بہ چري پري نہ ٿو سگهي. ممڪن آهي تہ اها ڳالهہ اسان جي سمجهہ ڪان مٿي هجي.....

"پنهنجي پاران" تعارف ۾، پنهنجي ايڪونجاه سالہ پهاڙ جهڙي سخت جاکوڙ جي زندگيءَ جو نچوڙ هڪ نماڻي جملي ۾ نباه ڪندي جاڻائي ٿو تہ "بال اوستا کان وٺي هن عمر تائين تنظيم سازي ۽ سماجي ڪارج لاءِ ڪم ڪرڻ جو رحجان رهيو اٿم. "دراصل ليکڪ جنهن ڪارج کي فقط طبع جو رحجان يا لاڙو سڏي درگذر ٿو ڪري سو حقيقت ۾ هڪ عظيم انساني اعزاز ۽ صحيح معنيٰ ۾ بنان غرض جي خلق خدمت ۽ الله پاڪ جي عبادت آهي. انساني خدمت جو جذبو ڏاتر جي ڏنل ڏات آهي. اسان کي پليءَ پيٽ جاڻ آهي، تہ عام ماڻهن جي سماجي ڀلائيءَ، مسڪين ۽ مفلس ٻارڙن جي پڙهائي، غريب ۽ نادار بيمارن جي دوا درمل ۽ انگ اُگهاڙي ۽ بکئي پيٽ عوام کي اٽو لٽو ۽ اجهو ميسر ڪرڻ خاطر پاڻ پتوڙڻ لاءِ دردمند دلِ گهرجي ۽ نہ تجربو يا تربيت.

صوفي سڳورا فنافي الله هوندا آهن، پر ڊاڪٽر سليمان شيخ فنافي السنڌ آهي. هو سڌڙين صوفين جيان فقط نعره بازي تي يقين ۽ پروسو رکندڙ نہ آهي، پر هو عملي طور سنڌ ۽ سنڌين جي ڀلائي ۽ بهبودگيءَ لاءِ جماعتي عمل ۽ پروگرام جو قائل آهي. "سڳا" جو وجود ۽ "سڳا" جي لڳاتار جدوجهد، سنڌس ڪوشش ۽ ڪاوش جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهي. هي سفر نامون سنڌس سڪ ۽ سچائي جو آئينو آهي. اميد آهي تہ سنڌ جا سڄڻ ۽ سرواڻ سيبئي سنڌس سوچ ۽ لوچ کان لاڀ پرائي پنهنجي اميدن جا ڏيئا روشن ڪندا. آمين

علي احمد بروهي
ڪراچي.
11 مارچ 1998ع

# پنهنجي پاران

سيءَ حياتي جهدِ مسلسل آهي. ٻالڪ اوستا کان وٺي هن عمر تائين تنظيم سازي ۽ سماجي ڪارج لاءِ ڪم ڪرڻ جو رحجان رهيو اٿم. مون کي خبر ڪانهي تہ انسان پنهنجي زندگي ڪهڙي طرح رٿيندو آهي. ٥٥ سالن جي سفر کي پرکڻ ڪانپوءِ ائين محسوس ٿيندو اٿم تہ ڪنهن ٻئي منهنجي رستو جوڙيو آهي مون پنهنجي طرفان ڪئين انيڪ جوڙيا هوندا رٿائون ٺهيون هونديون، سڪي زندگي گهارڻ لاءِ ڪيئن جتن ڪيا هوندا پر "لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪياڙي نہ وهي" ڪڏهن موقعو مليو تہ زندگي جي سفر تي لکڻ جي ڪوشش ڪندس. هن ڪتاب ۾ منهنجي حياتي جي هاڻوڪي دور جي جهلڪ آهي. هن وقت آئون هڪ سماجي ترقيءَ جي مددگار اداري "اداره استحڪام شرڪتي ترقي" ۾ نوڪري تو ڪريان. هن اداري جي ڪم ڪار ۾ رضاڪار سماجي انجمن جي تربيت ۽ سهائتا جي جوابداري شامل آهي. ان سلسلي ۾ مون ١٩٩٣ع کان وٺي مختلف ملڪن ۽ پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ سماجي ڪيترن ۾ ٿيندڙ رضاڪار تنظيمن جي ڪوششن جو جائزو ورتو آهي. مون پنهنجي تجربن ۽ هنن ادارن جي جاچ کي ڊائريءَ جي صورت ۾ سنڌيءَ ۾ لکيو آهي. ان کان سواءِ مون کي ڪجهہ عالمي ڪانفرنسن ۾ شرڪت جو موقعو بہ مليو ان جو احوال پڻ لکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. هن ڊائريءَ جا ڪجهہ حصا اخبار هلال پاڪستان ڪراچيءَ ۾ "سفر زندگيءَ جو" جي سري هيٺ ۽ ڪجهہ مضمون اخبار "جاڳو" ۾ "منهنجي دنيا" ڪالم ۾ ڇپجي چڪا آهن. هن ڪتاب ۾ ١٩٩٣ع کان ١٩٩٦ع تائين جي لکيل مضمونن کي شامل ڪيو ويو آهي.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جي فيصلن جي روشنيءَ ۾ مون کي سماجي ترقيءَ جي موضوع تي

ڪتاب لکڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو هو. منهنجي سامهون هي عالمگير تجربو اهڙو هو جيڪو مون چاهيو ته ترتيب ڏئي سگهان. سِگا جي سلور جوبليءَ جي موقعي تي سماجي ڪيتر ۾ ڪم ڪندڙ هزارين ساٿين کي پيتا طور پيش ڪريان. جيئن اڄ جي دنيا ۾ سماجي ميدان ۾ ٿيندڙ ڪوشش کان هنن کي آگاهہ ڪري سگهان.

منهنجي نماڻي راءِ ۾ سنڌ جي سماجي ڪيتر ۾ گهڻو ڪجهہ ڪرڻ جي ضرورت آهي. ٿي سگهي ٿو ته منهنجو هي ننڍڙو ڪتاب سماجي ڪارڪنن لاءِ رهنمائيءَ جو ڪارڻ بنجي.

آئون محترم بخش علي لاکي چيئرمن سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۽ مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جي ميمبرن جو بيحد شڪر گذار آهيان جو مون کي هن ڪتاب لکڻ لاءِ همٿايائون. محترم شير محمد ڪهاوڙ ۽ ماستر حيدر بخش هڪڙو جن جو ٿو رائتو آهيان جن مواد جي سهيڙڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي ۽ مون کي منهنجو فرض ياد ڏياريندا رهيا.

زندگيءَ تي ناهہ ڪوئي پروسو
سنڌ کي ناهي وٺو ناهي وٺو
(استاد بخاري)

اسلام آباد ۱۸ مئي ۱۹۹۷ع

# متان مات ڪري ويهين !

ڊسمبر ١٩٦٨ع ۾ اگرين تي ڳڻڻ جيترن دوستن سان گڏ پنهنجي ڳوٺ هالا ۾ هالا گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو پايو وڌو هيوسين. ان وقت هڪ وچن ڪيو هوسين ته اسان پنهنجي پرائمري اسڪول کي نه وساريندا سين. اسان جي تعليمي ۽ روزگار جي اهليت جو بنيادي پٿر پرائمري اسڪول آهي. ان اداري طرف توجهه ڪرڻ ۽ ان جي واڌاري، سڌاري جو فرض انهن شاگردن تي آهي جيڪي ان اداري ۾ زندگيءَ جي پهرئين ڏاڪي تي پير رکڻ سکن ٿا. وڏا ٿي وڏيون منزلون ماڻي هو ان پهرئين ڏاڪي کي وساري ٿا ويهن ۽ پاڻ کي "جمندي ئي جام" تصور ٿا ڪن. يا وري ائين ڪٿي چئجي ته اسان تي اسان جي پرائمري اسڪول ۽ ڳوٺ جو قرض آهي، جيڪو پيرين پر ٿيڻ کان پوءِ ساري حياتي قسط وار ادا ڪرڻو آ هي.

انهن خيالن سان ڪجهه رنڊا روڙڻ شروع ڪياسين ١٩٧٠ع ۾ ون يونٽ ٽُٽي ويئي ۽ سنڌ صوبو قائم ٿيو. جولاءِ جي مهيني ۾ سيڪريٽريٽ وجود ۾ آئي ۽ ان ۾ ڪيئي نوجوان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اچي روزگار سان لڳا، ان کان سواءِ لاهور مان سنڌي عملو پڻ اچڻ لڳو. ان وقت آفيسن جي کوٽ، رهائش جا مسئلا، سنڌي ٻارن لاءِ تعليم جا مسئلا ۽ ڪيئي ٻيا سماجي مسئلا سامهون آيا. ان وقت ساٿين ۾ ون يونٽ جو ڪوٽ ڪيرائڻ واري فتح جا خوشگوار جذبا هئا ۽ سنڌ صوبي جي بهتري، ڀلائي ۽ واڌاري جا منصوبا هئا. هر هڪ ائين پئي چاهيو ته هو انفرادي طور به هن ڪم ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي. اهڙي فضا ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو خيال سنگت آڏو رکيو ويو. صلاح مشورا گڏجاڻيون، ملاقاتون، دعوتون ٿينديون رهيون. ١٩٧٠ع جي عام چونڊن ۾ سنڌ مان عوامي نمائندا چونڊجي آيا ۽ اسان سڀ وڏين اميدن ۽ اتساهه سان سياسي منظر کي ڏسندا رهياسين. چونڊن کان هڪدم پوءِ ملڪ ۾ سياسي ڇڪتاڻ وڌي ويئي.

١٣ فيبروري ١٩٧١ع تي اسان ٽن دوستن (مون، شمشيرالحيدري ۽

سائين بخش عباسي) گڏجي سنڌ گريجوئيٽس ئاهڻ جو فيصلو ڪيو. پر حالتون ناهموار هيون ان ڪري اسان خاموشيءَ سان اداري جي آئين ۽ رٿابنديءَ تي غور ڪندا رهياسين. هن ڪم ۾ اسان سان ٻيا وڏيڪ ساٿي محبوب شيخ، مراد علي جوڻيجو، عبدالڪريم بلوچ، بخش علي لاکو، فضل الله قريشي، مختيار احمد مغل، علي انور شيخ، محمد بلال سيال، محمد بخش شاهاڻي، محمد صالح شيخ، بشيراحمد قريشي، ۽ عبدالرحمان شورو پڻ شامل ٿي ويا ۽ اسان پنهنجي گشتي آفيس سان ڪڏهن ڪيفي نيويارڪ، لائرس چيمبرس ۽ صالح شيخ جي فليٽ جي ڇت تي ملندا رهياسين. آخر ٤ جون ١٩٧٢ع تي مختيار احمد مغل جي گهر ۾ پهرين جنرل باڊي جي گڏجاڻي ٿي، پهريون چونڊون ٿيون، جن مطابق محمد بلال سيال پهريون صدر چونڊيو ۽ مون کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. ان وقت اسان جي سامهون سنڌي نوجوانن لاءِ رهائش ۽ روزگار جا مسئلا حل ڪرڻ، ٻارڙن جي تعليم لاءِ جوڳو انتظام ڪرڻ ۽ سنڌي ڪتبن جون گڏجاڻيون ڪرائڻ هو.

هي سڀ ڳالهيون ورجائڻ ان ڪري ضروري پيو سمجهان جو اڄ اوهان جي سامهون هن اهم (سڳا جي چيئرمين جي) حيثيت ۾ منهنجو آخري ڏينهن آهي ۽ آئون تاريخ جي واقعن کي صاف طور پيش ڪرڻ ٿو گهران ته جيئن ايندڙ مورخ کي ڪا غلط فهمي نه ٿئي ۽ نه وري اسان جي بنيادي خيالن کي غلط رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. منهنجو اهو به مقصد آهي ته اسان جا نوان ميمبر ساٿي جيڪي هن وقت اسان سان گڏ آهن ۽ جيڪي هن کان پوءِ اسان جي ساٿ ۾ ايندا رهندا انهن لاءِ هي دستاويز هڪ بنيادي پٿر جي حيثيت رکي.

اسان جي سامهون سنڌي ماڻهن جي تعليم، صحت، سماج، روزگار، ثقافت، معاشري ۽ ڀائيچاري جي ترقيءَ ۽ بهتريءَ جا حدف هئا، آهن ۽ قائم رهندا. اهو مقصد ان وقت ڪيترن دوستن لاءِ چيڙائيندڙ ۽ پريشان ڪندڙ هو. پر هاڻي سڄي دنيا ان موقف کي مڃي ٿي ته هر جاتيءَ کي اهو حق حاصل آهي ته اهي پاڻ ۾ گڏجي پنهنجي مستقبل کي بهتر بنائڻ لاءِ رٿابندي ڪن ۽ پنهنجي مدد پاڻ جي اصول هيٺ اڳيرو ٿيڻ لاءِ هٿ پير هڻن. ان ڪري اڄ به اسان اهو چئون ٿا ته:

"ويهه مَ وساريج، متان ماٺ ڪري وهين،
قول اهو پاريج، هو جو ڪيڙئي هوت سين."

اسان گذريل ٢٢ سالن ۾ ڇا حاصل ڪيو؟ اهو هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن جو مختصر جواب ضرور ڏيڻ کپي. اسان جون ساليانيون رپورٽون اسان جي عملي ڪم جون آرسيون آهن. انهن انگن اکرن جي روشنيءَ ۾ ته اسان ڪا وڏي هام هڻي نه ٿا سگهون ته سنڌ جي معاشري ۾ ڪي تبديليون جا اهڃاڻ نمايان ٿيا آهن.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۾ سماجي ترقياتي رضاڪار ادارن جي اڻ هوند هئي. وڏن شهرن ۾ ڪي ادارا شهري ماڻهن جي ضرورت مطابق ضرور جڙيا پر ٻهراڙين جي مدد، سهائتا، رهنمائي ۽ ترقيءَ لاءِ ان قسم جي ادارن جي شديد کوٽ هئي. اڄ جي سنڌ ۾ ايئن نٿو چئي سگهجي. پاڪستان جي غير سرڪاري ترقياتي ادارن جي غيرجانبدار کوجيندڙن جو اهو تاثر آهي ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ هن وقت ملڪ جي ٻين پاڱن جي مقابلي ۾ ترقياتي رضاڪار سماجي ڀلائي جي ادارن جو وڏو انگ مصروف عمل آهي.

ان چوڻ مان منهنجو اهو مقصد هرگز ڪونهي ته ان سڄي عمل جو سهرو سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن تي آهي پر ايترو چوڻ ۾ مون کي هٻڪ ڪانهي ته سگا جي تجربن جي روشنيءَ مان ڪيترن ساٿين نئين راهه ڳولي آهي ۽ پنهنجا ادارا ٺاهيا آهن. اسان ڪي اوهان روايت نه مڃيو پر روايت جو بنياد وجهندڙ طور ضرور ياد ڪندا.

ڳوٺ سڌار سنگٺن جي تحريڪ، مهراڻ ايجوڪيشنل فائونڊيشن جي اعليٰ تعليمي ادارن جو قيام، هڪ ٻئي جي مدد وسيلي گهرن جوڙڻ ۽ ننڍن ڪارخانن واري سگا ملٽي پرپز سوسائٽيءَ جي رٿا سڀ اسان جي بنيادي فلسفي جي توثيق ڪن ٿا. ملڪ جي مکيه ادارن ۾سنڌي نوجوانن جي پراعمتاد محنت، لگن ۽ خلوص کي ڏسي مون کي هڪ سياويڪ خوشي ۽ فخر محسوس ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ هن جي ڪاميابيءَ ۾ اسان جو ڪو گهڻو عمل دخل ڪونهي پر ماحول کي سازگار بنائڻ لاءِ ڪي بنيادي ڪم اسان اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ضرور ڪيا آهن.

آئون هميشه ايئن محسوس ڪندو آهيان ۽ تنوير جي زباني چوندو آهيان ته :

بڙياسون ته پل پر اجهامڻ کان اڳ ۾،
هزارين چراغن کي ٻاري ڇڏيوسين.

دوستو، منهنجي ڏيئي جو تيل ڪٽڻ تي آهي، پر اهو يقين اٿم ته

اوهان جون جوانيون ڪامرانيون ماڻينديون. اوهان جا جذبا اسان جي پياري سنڌ جي سگهنڊ بڻيا ۽ ان جو واس منهنجي روح کي فرحت بخشيندو رهندو.

هاڻي آئون ترقي ۽ گهوڻاڻي ترقيءَ جي حوالي سان ڪجهہ ڳنڀير مسئلن تي پنهنجا خيال اوهان آڏو رکڻ گهران ٿو.

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ، دنيا جي نقشي تي ڪيترائي ملڪ زور وارن کان آزادي حاصل ڪري نروار ٿيا. انهن ملڪن کي ٽين دنيا جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. جهيڙي ۾ وڙهندڙن مان ٻہ وڏيون طاقتون ايريون جن مان هڪ زر جي آزاد ڦهلاءَ ۽ خانگي ملڪيت گيريءَ کي چيڪ چڙڻ جي پاليسي بڻائي ۽ ٻي طاقت سماجوادي نظام وسيلي ملڪي ۽ قومي وسيلن کي مملڪت وٽ رکي عام خلق ۾ هڪ جيترا فائدا ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي. اسان جهڙا غريب پٺتي پيل غلاميءَ مان آزاد ٿيل ملڪ وري هنن ٻن وڏن جي وچ ۾ مال غنيمت وانگر لُٽڪندا رهيا.

وڏين طاقتن جواهو جتن رهيو تہ هي ٽين دنيا وارا سائنسي ۽ فني ڄاڻ ۽ مهارت کان پري رهن. پنهنجي معدني ۽ قدرتي وسيلن کي استعمال ڪرڻ کان پرهيز ڪن يا وري پنهنجي ڪچي مال کي هنن طاقتن جي قيمتن ۽ شرطن تي وڪڻن.

ان ريت اسان جا ملڪ آزاد هوندي بہ هڪ معاشي غلاميءَ ۾ جڪڙجيُ پيا ۽ اڄا تائين جڪڙيل آهن. ان کان سواءِ جهڙي ريت غريب کي بيماريون، جهيڙا جهٽا ۽ جهالت گهيرو ڪنديون آهن، ان ساڳئي نموني غريب قومن ۾ جهالت ۽ بيماري کانسواءِ جهيڙا ۽ فساد پيدا ڪيا ويا تہ جيئن هنن ننڍين قومن جو سڄو ڌيان هڪ ٻئي خلاف بارود ڪٺو ڪرڻ ۽ هٿيار بند پيدا ڪرڻ تي هجي ۽ هو ملڪي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهن. انهن پاليسين جا دنيا تي تمام گهڻا هاڃيڪار اثر پيا آهن. منشيات، تشدد، رشوت جو ڪاروبار، انساني حقن جي لتاڙ، نت نيون بيماريون، بيروزگارن جا لشڪر، ناڻي جي ٻي طاقتي ۽ وڏي ڳالهہ تہ ناقص امن امان جو ماحول، افراتفري ۽ بي اعتباري اڄ جي انسان کي هڪ ڳنڀير صورتحال آڏو آڻي بيهاريو آهي. سڌريل قومن جو خيال هو تہ اهي سڀ ٽول هو اسان غريبن ڏي موڪلي پاڻ آنند ڪندا رهندا پر ائين ڪونهي.

اڄ اهو نظريو طاقتور بڻيو آهي تہ "انسان اڪيلو ٻيٽ ڪونهي"

ان ريت دنيا ۾ ڪوبہ ملڪ يا معاشرو الڳ الڳ رهي ڪا منزل ماڻي نٿو سگهي. دنيا جي ترقي غريب ۽ امير ملڪن جي گڏيل ڪوشش کان سواءِ ناممڪن آهي دنيا جي منظر نامي تي خوشگوار گلن جي وچ ۾ وڏا گند جا ڍُبا انهن گلن جي خوشبوءِ کي بدبوءِ ۾ بدلايو ڇڏين. ان ڪري هاڻي انساني دنيا جا مسئلا لاڳاپيل ۽ هڪ جهڙا آهن. ان ڪري ترقي جي فلسفي جي ڦهلاءَ ۾ ماحول جي گدلاڻ جوانت، عورتن جي هڪ جيتري شراڪت، غريبن جي پاڻ پرائي، طاقتور ٿيڻ ۽ پاڻ تي پروسو ڪرڻ اهم ڏاڪا ۽ بنياد بنيا آهن. انهن بنيادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسريل قومون ۽ اسرندڙ قومون متفق آهن تہ اهو سڀ ڪجهہ عام ماڻهن جي اشتراڪ ۽ سرگرمي ڪانسواءِ حاصل نٿو ڪري سگهجي. ان ڪري اڄ جي دنيا ۾ ڪنهن بہ ملڪ جي ترقي جاتي وار سماجي ترقياتي رضاڪار ادارن جي عمل دخل ڪانسواءِ ممڪن ڪانهي. جنهن ڪري سڀ پرڏيهي مالياتي ادارا ۽ قرض ڏيندڙ دوست ملڪ پنهنجي شرطن ۾ اهڙن ادارن جي موجودگي ۽ انهن وسيلي ترقي جي رٿابندي ڪرڻ جا شرط لاڳو ڪن ٿا. هن وقت پاڪستان ۾ ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هي ادارا موجود آهن.

-1 نيشنل رورل سپورٽ پروگرام (NRSP)، -2 ٽرسٽ فار والنٽيئري آرگنائيزيشن (TVO)، -3 ايس پي او (SPO) ۽ -4 سائوٿ ايشين پارٽنرشپ پاڪ SAP(PAK)

اهي سڀ ادارا حڪومت پاڪستان جي سڌي يا اڻ سڌي سهڪار ۽ رهنمائي ۾ ڪم ڪن ٿا. هن کان سواءِ ڪجهہ ادارا صوبائي حڪومتن بہ قائم ڪيا آهن. جهڙوڪ، سرحد رورل سپورٽ ڪارپوريشن (SRSC) بلوچستان رورل سپورٽ پروگرام (BRSP) پنجاب سوشل سروسز بورڊ (PSSB) وغيره.

اهي سڀئي ادارا ڪل وقتي فني ماهرن جي رهنمائي ۾ هلي رهيا آهن ۽ اهي عام ماڻهن تائين پهچڻ لاءِ جاتيءَ وار ترقياتي انجمنن سان اشتراڪ ڪن ٿا يا وري پنهنجي پروگرام هيٺ ڳوٺاڻيون تنظيمون جوڙين ٿا.

سنڌ صوبي ۾ اڃا تائين ان قسم جي ترقياتي انجمن قائم نہ ٿي آهي. پر ان خال کي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن پنهنجي رضاڪار دستي وسيلي پر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيتوڻيڪ اسان وٽ ڪل

وقتي فني مهارت رکندڙ عملو ڪونهي، رٿابندي ۽ تربيت جا ادارا ڪونهن، سنڌ سرڪار جي مدد ۽ همت افزائي ڪانهي. ان هوندي بہ اوهان سيني ساٿين پنهنجون جوانيون، پنهنجو وقت، ڏات ۽ پورهي جي ڪمائي هن اداري کي ڏيئي عالمي شهرت بخشي آهي، اسان کي ان تي خوش ٿي ويهڻ جي ضرورت ڪونهي پر اسان کي اڃا بہ وڌيڪ محنت جي ضرورت آهي. اسان کي پنهجي شاخن کي وڌيڪ مستحڪم ۽ منظم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ هر شاخ کي پنهنجي ڳوٺ، شهر يا واهڻ ۾ هڪ ترقياتي اداري جو روپ اختيار ڪرڻو آهي.

هر شهر ۾ ايندڙ پنجن سالن لاءِ ترقياتي رٿا سگا کي جوڙڻ کپي، مون کي اوهان جي خلوص ۾ پڪو پختو ويساهہ آهي تہ اوهان اهي جوابداريون احسن طريقي سان بجا آڻيندا. ڪنهن بہ ملڪ وٽ سڀ کان قيمتي سرمايو ماڻهو هوندا آهن. اڄ ان چوڻ ۾ حق بجانب آهيان تہ سگا سنڌ جي واحد ترقياتي رضاڪار انجمن آهي جنهن وٽ تعليم يافتہ هڏ ڏوکي ايماندار ڪارڪن جو تمام وڏو تعداد موجود آهي. اسان سان بدقسمتي اها آهي جو سنڌ ۾ خانگي واپاري ۽ صنعتي ادارا سنڌ جي سماجي ڀلائي ۾ حصو ڪونہ ٿا وٺن. هتي جا ادارا پاڻ کي هڪ مفتوحہ يا غلام علائقي ۾ محسوس ڪن ٿا. جيئن سندن آقا پنجاهہ سال اڳ ڪندا هئا. ان ڪري هنن واپاري صنعتي ادارن جي نفسيات اها آهي تہ هو پنهنجي ڪاروباري مان گهٽي ۾ گهٽو لاڀ وٺن ۽ پوءِ ڪراچي، لاهور، اسلام آباد ۾ پنهنجا محل ٺاهين يا وري ڏيساور ۾ وڏيون ڪوٺيون ڪولين.

فلپائين ۾ واپاري ادارن پنهنجي ڪمائي جو هڪ سيڪڙو هڪ فنڊ ۾ جمع ڪرائڻ شروع ڪيو آ هي جنهن مان هڪ وڏي ترقياتي انجمن PBSP (فلپائين بزنيس فار سوشل پروگريس) قائم ٿي آهي. اسان اڃا منزل کان گهڻو پري آهيون، جڏهن اسان جا واپاري سنڌ جي غريب ۽ پهراڙين جي ماڻهن کي بہ ماڻهو سمجهن.

فلپائين جي مٿي ڄاڻايل اداري جو هڪڙو مٽو آهي:

The Ultimate objective of private enterprise is to help create and maintain a home worthy of dignity of a man.

"خانگي ڪاروبارين جو آدرش هئڻ گهرجي تہ اهڙو گهر تخليق ڪن ۽ ان کي قائم رکن جيڪو انسان جي عظمت جي رهڻ لائق هجي."

اها هڪ خوش آئينده ڳالهہ آهي تہ هن وقت سنڌ ۾ TVO, NRSP, OXFAM, SPO جا دفتر قائم ٿيا آهن. هنن ادارن مختلف ضلعن ۾ پنهنجو ڪم شروع ڪيو آهي. ان کان سواءِ آغا خان فائونڊيشن پاران خيرپور ضلعي ۾ رضاڪار ترقياتي انجمن جي تربيت جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي، "بانهن بيلي" تر ۾ تعليم ۽ صحت لاءِ ڪم ڪري ٿي ۽ السٽيءَ پاران ٺٽي ۾ ڇوڪرين جا اسڪول يونيسيف جي مدد سان کوليا پيا وڃن. ان کان سواءِ SAP پڻ ڪجهہ رٿائون سکر جي علائقي ۾ شروع ڪيون آهن. هنن سيني ادارن جي موجودگي ۾ سڳا جو ڪم اجا بہ وڌيڪ اجاگر ٿيندو. ان لاءِ اسان جي اڳو پنهنجي علائقي ۾ موجود وڏن غير سرڪاري ترقياتي ادارن متعلق وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو هدف هئڻ گهرجي ۽ انهن ادارن سان لاڳاپو رکڻ گهرجي.

TVO سڳا جي تمام گهڻي مدد ڪئي آهي ۽ SPO پڻ اسان جي ڪجهہ رٿائن ۾ مددگار ٿي آهي. OXFAM پوڻ جي وقت اسان جي مختلف شاخن جي مدد ڪري چڪي آهي. ان ڪري مون کي يقين آهي تہ اوهان جي محنت، لگن ۽ خلوص هنن وڏن ادارن کي اوهان جي وڌيڪ ويجهو آڻيندو.

وهہ م منڊ پنيور ۾، ڪر ڪو واڪو وس
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر ڏينديءَ ڏس
پنهون اُتي پس، سرير هلي سسئي.

هاڻي آئون سِڳا جي تنظيمي ڪمن ڪارين تي ڪجهہ روشني وجهڻ گهران ٿو. هي تنظيم هڪ مسلسل عمل آهي جنهن وسيلي ساٿين سان ڪل وقتي-لاڳاپو هڪ اهم عنصر آهي، اسان ان ڪم ۾ پنتي رهيا آهيون. اسان کي ايسوسيئيشن جي هر عمل جي ڄاڻ عام ميمبر تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجا وسيلا استعمال ڪرڻا پوندا. سِڳا سرڪيولر باقاعدي جاري نہ ٿي سگهيو آهي، ان وسيلي اسان پنهنجي رٿائن، آدرشن ۽ احساسن کي هڪ ٻئي تائين پهچائڻ گهرون ٿا. وسيلن جي کوٽ اسان کي ان ڪم ۾ پنتي رکيو آهي ان ڪري گهڻا ساٿي بي خبر رهجي ويا آهن. مون کي اميد آهي تہ ايندڙ وقت ۾ ان طرف وڌيڪ ڌيان ڏنو ويندو. عورتن جي شموليت تمام گهٽ رهي آهي ان ڪري اسان جاڳرتا جي لهر پنهنجي گهرن ۾ پهچائي نہ سگهيا آهيون. جيستائين اسان جا گهر روشن نہ ٿيندا، تيستائين اسان سنڌ کي روشن بنائي نہ سگهنداسين. هن سال

ساٿيو! اهو دور ضرور ايندو اسان ان دور لاءِ حياتين جا ڏيئا روشن ڪيا آهن. هيءَ ڌرتي جنت ٿيندي.

دوستو ! اچو تہ ان جنت لاءِ پاڻ پتوڙيون. پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ پنهنجا ننيڙا فائدا، لالچون، حسد ۽ ذاتي خواهشون قربان ڪريون. اچو تہ گڏجي هن نئين ريت ڪي جنم ڏيون.

ساٿيو! يقين اٿم تہ اوهان پنهنجي هن عظيم جاکوڙ کي قائم رکندا هن ساٿ کي مضبوط کان مضبوط تر ڪندا.

آخر ۾ آئون اوهان سڀني جو بيحد شڪر گذار آهيان جو اوهان مونکي پنهنجون محبتون بخشيون، اعتماد ڏنو اوهان جي ساٿ ئي مون کي پنهنجا فرض پورو ڪرڻ لاءِ همٿايو.

مونکي جاڻ آهي تہ آئون اهو سڀ ڪجهہ ڪري نہ سگهيو آهيان جيڪي مون کي ڪرڻ گهربو هو. ان ڪانسواءِ هن اعليٰ منصب جي دوران مونکان ڪيئي غلطيون پڻ ٿيون آهن، مون کي اميد آهي تہ اوهان مون کي منهجي ڪچاين لاءِ معاف ڪندا ۽ دعائن ۾ ياد رکندا.

منهن جي مداين جي، ڪل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا، ڏوراپا ڏيئي،
ساجن سيئي، ڀڪين ڀول ڀلائيون.

موڪلاڻي ڪانهي، جيسين ساهہ جي تند چرندي پئي آئون اوهان جي ساٿ جو هڪ ادنيٰ خادم ٿي ڪم ڪندو رهندس.

(سگا جي چيئرمين جي عهدي تان سڪدوش ٿيڻ وقت گمبٽ ڪنويشن ۾ ٢٢ مارچ ١٩٩٤ تي ڪيل تقرير. جيڪا هلال پاڪستان ۾ ٢٧ ۽ ٢٨ مارچ ١٩٩٤ تي شايع ٿي.)

## باب پهريون

# بنگلاديش ۾ سماجي جاڳرتا

زندگيءَ جو هيءُ سفر ڪيترن ئي ڇرڪائيندڙ ۽ همتائيندڙ تجربن سان روان آهي. ڪيترن ئي ملڪن جي ياترا جو موقعو مليو آهي. گهڻو ڪري گهمڻ يا وري مطالعاتي دورن جو بهانو بنيو آهي. سڀ کان پهرين ١٩٧٠ع جي نومبر ۾ آيل دنيا جي موتمار طوفان جي ستايل مشرقي پاڪستان (بنگلہ ديش) وڃڻ جو موقعو ميلو اهو پهريون پيرو هو جو هوائي سفر جو موقعو مليو هو. ان وقت بنگال ۾ طوفان ۽ ٻوڏ جي تباهين سان گڏوگڏ سياسي هلچل جو دور هو. ڊسمبر ۾ ملڪ ۾ عام چونڊون ٿيڻ واريون هيون، هزارين غير ملڪي اطلاعاتي ذريعن جا ڪارڪن ٻوڏ ۽ تباهي کي منهن ڏيڻ لاءِ آمريڪي فوجي عالمي ريڊڪراس جا رضاڪار ۽ ٻين ڪيترن ملڪن جا ڪارڪن ڪم ۾ لڳل هئا. اسان 15- کن ڊاڪٽرن جو جٿو پڻ ان جمِ غفير ۾ سمنڊ ۾ ٻوند مثل هو. ان وقت جا تاثر ماهوار نئين زندگي ۾ محترم شمشير الحيدري "پاڻي مٿي جهوپڙا مورک اڄ مرن جي عنوان سان مضمون شايع ڪيو هو. ان کان سنت پوءِ ١٩٧٢ع ۾ روزگار سانگي لبيا ويو هوس، جتي سوا سال کن رهڻ جو موقعو مليو ۽ ان دوران مون پنهنجي خيالن ۽ تاثرات کي "سرت جي ڊائري" جي سري هيٺ لکڻ شروع ڪيو. هي سلسلو 73-٧٢ دوران روزانہ هلال پاڪستان ۾ ڇپبو رهيو ۽ پوءِ ١٩٧٥ع ڌاري "سون ورتي ڌرتيءَ" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو.

١٩٧٥ع ۾ چين ۾ تربيت لاءِ وڃڻ جو موقعو مليو جتي ٽن مهينن جي قيام دوران پيڪنگ پچارون ترتيب ڏنم جيڪو ١٩٩١ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب جي ڇپجڻ ۾ جيڪي ٻراسايون ۽ ڪدورتون نصيب ٿيون انهن

وڏيڪ لکڻ جو اتساهہ ئيٰ ختم ڪري ڇڏيو.

١٩٧٥ع کان وٺي ١٩٩٥ع تائين ويهارو کن ملڪن جي ياترا نصيب ٿي آهي ۽ ان دوران ڪيترائي عجيب واقعا بہ پيش آيا. گاهي بہ گاهي اهي قلمبند ڪندو رهيو آهيان پر انهن ڪچن ڦڪن خيالن کي ۽ احساسن کي ترتيب ڏيڻ جو خيال ڪونہ آيم.

هاڻي ميلي جي موٽ آهي، ان ڪري سوچيان ٿو تہ هي ڪچا ڦڪا خيال ترتيب ڏيان. في الحال جيڪا ڊائري هٿ لڳي آهي ان ۾ ڪيل داخلائن جي بنياد تي بنگلاديش جي مطالعاتي سفر (٨ جولاءِ کان ١٨ جولاءِ ١٩٩٣ع) جي ڊائري پيش خدمت آهي :

هڪ لک تيتاليهہ هزار نو سو نوانوي چورس ڪلو ميٽرن تي پکڙيل بنگلاديش ١٧ ڊسمبر ١٩٧١ع تي لکين ماڻهن جي رت جي نذراني جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو. ٿن پاسن کان ڀارت جي علائقي ۾ گهيريل هيءُ ملڪ بنگالي ڪاريءَ جي منهن ۾ آهي، هندستان جي وڏين ندين گنگا، برهمپترا ۽ ميگهنا جي ڀوڇڙيءَ ۾ قائم آهي.

اٽڪل ٢٣ سالن کان پوءِ ڍاڪا آيو آهيان. اڳ حيدرآباد جيڏو ننڍو هوائي اڏو هو، هاڻ ان جاءِ تي وڏو ۽ بهتر قسم جو هوائي اڏو آهي، جيڪو هاڻي ضياءُ انٽرنيشنل ايئرپورٽ سڏجي ٿو. اميگريشن ۽ ڪسٽم ۾ ڪو گهڻو وقت ڪونہ لڳو. ٻاهر بنگلاديش رورل ايڊوانسٽمنٽ ڪميٽي (BRAC) جا دوست موجود هئا. "آئون تنوير آهيان ۽ هيءُ مطيع الرحمان اسان برئڪ کان آيا آهيون خوش آمديد. اوهان ڍاڪا ۾ پهريون ڀيرو آيا آهيو؟" ان رسمي ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ اسان گاڏيءَ طرف وڌياسين.

اڳ جڏهين آيو هوس تہ ايئرپورٽ بلڊنگ جي ٻاهران سوين فقيرن جا ميڙا هئا جيڪي مکين وانگر اسان کي ورائي وٺيا هئا. اڄ بہ چند اٺ اڳهاڙا ٻار اسان جي پرسان اچن ٿا، پر اڳي جهڙي صورتحال ڪانهي. اڳي ايئرپورٽ کان هوٽل ويندي رستي تي ٿين جي هزارين جهوپڙين جون قطارون ڏٺيون هيم. هينئر ان جي جاءِ تي فليٽ ٺهي ويا آهن. ايئرپورٽ وارو رستو چڱو آهي ۽ ٻٽو ٿي ويو آهي. گل ٻوٽا ۽ چوڌاري ساوڪ هڪ سهڻو منظر ڇٽي ٿي. موسم جهڙالي آهي. ڪڏهين ڪڏهين ٻوندا ٻاندي يا وري وڏ ڦڙو پئجيو وڃي. ٻڍي گنگا جي ڪناري تي وسندڙ ڍاڪا بنگلاديش جو دارالحڪومت آهي.

پراڻو شهر سوڙهن رستن ۽ ڳتيل بازارن تي مشتمل آهي. باقي شهر هڪ ماڊرن شهر جي صورت اختيار ڪندو پيو وڃي. فليٽ پڻ نظر اچن ٿا. سائيڪل رڪشا اڃان تائين هتي عام سواريءَ جو وسيلو آهي. آٽو رڪشا کي "بي بي ٽيڪسي" چون، ڪارون صرف "رينٽ ڪار" وٽان ملي سگهن.

عام ماڻهو جيڪي آزاديءَ کان اڳ گنجي ۽ گوڏ ۾ نظر ايندا هئا اُهي هاڻي قميص ۽ گوڏ ۾ ملبوس آهن. ڍاڪا انٽرڪانٽينينٽل هوٽل هاڻي ڍاڪا شيرٽن بنجي ويئي آهي. عام ماڻهو صرف بنگلا ٻولي ڳالهائي ٿو. ڪو پراڻو ماڻهو اردو جا چند اکر ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هوٽل شيرٽن جي سامهون رستي جي ٻئي پاسي قومي عجائب گهر آهي. هيءَ هڪ ٣ منزلہ عمارت آهي، جنهن ۾ هڪ ملڪ جي مختلف روپن کي محفوظ ڪيو ويو آهي، زندگيءَ جي هر روپ جي ڄاڻ ڏنل آهي. جانور، پکي، جيت، سامونڊي جيوت، رهڻي ڪهڻي، ٿانءَ ٿپا، سڪا، زيور، ڪپڙا سڀ ڪجهہ تہ رکيل آهي. ان کان سواءِ آزاديءَ جي جنگ سان لاڳاپيل مواد پڻ هن عجائب گهر ۾ خاص طور جاڳير ڪيو ويو آهي. بنگالي رهنمائڻ جون تصويرون، آزاديءَ لاءِ جان ڏيندڙ جوڌن جون ذاتي شيون، تصويرون ۽ احوال سڀ محفوظ ڪيا ويا آهن. جنگ آزاديءَ جي آندل تباهيءَ جا منظر پڻ سانڍيا ويا آهن. "شهيد مُناري" جو ٿنڀو بم لڳڻ سبب ڀڄي پيو هو. اهو ٿنڀ بہ محفوظ ڪيل آهي. عجائب گهر جو هڪ حصو مصوري ۽ مجسمہ سازيءَ تي مشتمل آهي. هن ۾ دنيا جي اهم ماڻهن جون تصويرون آهن جن ۾ عالم، اديب، سياستدان ۽ دانشور اچي وڃن ٿا. انهن تصويرن ۾ ننڍي ڪنڊ مان مهاتما گانڌي ۽ علامہ اقبال جون تصويرون آهن. مجسمن جي حصي ۾ جنگ کان پوءِ اڌ اگهاڙن ٽڪرا ٽڪرا ٿيل لاشن تي مشتمل Sculpture ۽ هڪ هٿ پير اکيون ٻڌل سيني ۾ گولي لڳل مجسمو رقت آميز آهي.

جمعي جي ڏينهن سڀ سوين ماڻهو هن عجائب گهر ۾ ڪٺا آهن. ٻار، عورتون، نوجوان، پوڙها سڀ ميوزيم جي شين ۽ هنن عبرتناڪ منظرن کي غور سان ڏسن ٿا. سندن ٻولي سمجهہ ۾ نٿي اچي.

ٻڍي گنگا جي پتڻ تي سوين اڌ اگهاڙا ماڻهو بينچن تي ويٺا آهن. ننڍا جهاز ماڻهن ۽ سامان سان پرجن پيا، شايد هي باڙيسال پيا وڃن.

١٩٧٠ع ۾ جڏهن ڍاڪا آيو هوس تہ هن ئي پتڻ تان باڙيسال روانو ٿيو هوس. سڄو منظر ساڳيو آهي پر ان وقت هي سڀ ڪجهہ ڏاڍو

پراسرار لڳو هو. طوفان جي تباهہ ڪاريءَ ملڪ جي صورتحال بدلائي ڇڏي هئي. ٻئي طرف سياسي ڪشمڪش جو دور هو. هر طرف "امار ديش تمار ديش بنگلاديش" جا نعرا ۽ پوسٽر هئا. ساڳئي ملڪ جو شهري هوندي بہ خوف ۽ غير يقينيءَ جو عالم هو. اچ آئون غير ملڪي هوندي بہ بنا خوف جي گهمان پيو.

مشهور "پلٽڻ ميدان" (جتي ٧ مارچ ١٩٧١ع تي شيخ مجيب الرحمان تاريخي خطاب ڪيو هو) هاڻي هڪ وڏي خوبصورت پارڪ جي صورت اختيار ڪئي آهي. ان ڪي هاڻي "پسپائي پارڪ "Surrender-Park" چون ٿا، جو هن ئي جاءِ تي هٿيار ڦٽا ڪرڻ واري رسم ٿي هئي. اها ميز، جنهن تي ويهي اهو عهدنامو صحيح ڪيو ويوهو، پڻ قومي عجائب گهر ۾ محفوظ آهي.

هن ئي ميدان جو هڪ پاسو ٻارڙن لاءِ مخصوص آهي، جتي تفريحي پينگها ۽ ٻين راندين جو سامان نصب آهي. پراڻي شهر ۾ لال باغ قلعو آهي جيڪو اعظم خان (جهانگير جي پٽ) جوڙائڻ شروع ڪيو. شائستہ خان جي ڏينهن ۾ هن قلعي جي تعمير رڪجي ويئي. هن قلعي ۾ هڪ مسجد بي بي پريءَ جو مقبرو، دربار هال ۽ هڪ حمام موجود آهن. هن عمارت جي هڪ دروازي جي تصوير ڏهن ٽڪن جي نوٽ تي ڇپيل آهي. هتي هڪ ڪتبي جو پٿر پيل آهي جنهن ۾ فارسيءَ ۾ عبارت لکيل آهي، ان جو انگريزي ترجمو پڻ موجود آهي، جنهن ۾ الله سائينءَ جي تعريف هن ريت شروع ڪيل آهي: "اهو جيڪو سنڌ هند ۽ چين جهڙن وڏن ملڪن جو مالڪ آهي." لڳي ٿو تہ ان دور (مغلن جي دور) ۾ هتي جي ماڻهن لاءِ اهي ئي ٻي وڏا پرڳڻا هئا.

بنگلاديش جو پارليمينٽ هائوس ڏسڻ جهڙي عمارت آهي. فضا مان ڏسجي تہ ائين لڳندو تہ سيمنٽ جا وڏي گهيري وارا پائيپ پاڻيءَ ۾ اُڀا بيٺا آهن. هن عمارت جي تعمير ايوب خان شروع ڪرائي هئي. هيءَ عمارت ڍاڪا ۾ متبادل دارالحڪومت جو حصو هئي. هيءَ هڪ وڏي ايراضيءَ تي مشتمل آهي. عمارت جي چوگرد هڪ وڏي ڍنڍ آهي. هڪ پاسي پارليامينٽ جي ميمبرن لاءِ ڳاڙهين سرن سان ٺهيل هاسٽل جي خوبصورت عمارت آهي ۽ ٻئي پاسي اسٽاف ڪوارٽر آهن. حد نگاهہ وڏا پارڪ آهن جيڪي هتي جي برساتي موسم سبب بيحد سهڻا ۽ ڇهڇ ساوا لڳا پيا آهن.

رابندر ناٿ ٽيگور ۽ قاضي نذرالاسلام جي ديس بنگلاديش ۾ ٻهرئين ڏينهن ائين لڳو تہ قومون آزادي لاءِ ڪيڏي ڀيانڪ تجربي مان گذرن ٿيون.

(هلال پاڪستان ٨ مارچ ١٩٩٦ع)

## برئڪ جو مطالعو

بنگلاديش ۾ برئڪ جي مطائعي تي آيو آهيان. برئڪ Bangladesh Rural Advancement Committee بنگلاديش جي ٻهراڙين جي ترقي ۽ واڌاري جو ادارو آهي.

فبروري 1972ع ۾ سلا (سلهٽ ضلع) ۾ جنگ ۽ طوفان جي ستايل غريب ماڻهن جي آبادڪاريءَ لاءِ تڪڙا اپاءَ وٺڻ لاءِ هيءَ جماعت قائم ڪئي وئي. محترم فضل حسين عابد ان وقت شيل (هڪ آمريڪي تيل ڪمپني) ۾ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو هو. جنگ ۽ آسماني آفتن جي ستايل ماڻهن جي مصيبت، هن کي پنهنجي سڪئي ستابي نوڪري ڇڏي، پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن جي مدد ڪرڻ تي آماده ڪيو. هن پنهنجي دوستن جي مدد سان آبادڪاري ۽ سهائتا جا ڪم شروع ڪيا.

سنت ئي هن محسوس ڪيو ته بنگلاديش جي غريب ماڻهن جي مصيبت متائڻ جو اهو طريقو ڪونهي پر سهائتا ۽ خيرات بدران ٻيو ڪجهه ڪرڻو پوندو جيڪو هنن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ مدد ڪري. ان ريت جڳ مشهور اداري برئڪ جو بنياد پيو.

اڄ هيءَ ادارو دنيا ۾ ترقي ۽ غريبن جي جاڳرتا جو هڪ اهم ادارو سمجهيو وڃي ٿو. هن اداري جون شاخون بنگلاديش جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آهن. برئڪ جو مرڪزي دفتر ڍاڪا جي موهاکالي علائقي ۾ هڪ پنج منزله عمارت ۾ آهي. پر اها عمارت هاڻي هنن جي ضرورتن کان ننڍي ٿي پئي آهي. ان ڪري هڪ ويهه منزله عمارت تعمير هيٺ آهي (هن وقت برئڪ پنهنجي نئين عمارت ۾ منتقل ٿي چڪي آهي).

فضل عابد جي گهر واريءَ عائشه پڻ عورتن ۾ ڪم شروع ڪيو ۽ هٿ جي هنرن جا مرڪز کوليا. عائشه عابد کي بنگالي محبت مان "بهار" جي نالي سڏين ٿا. افسوس جو هوءَ ١١ جولاءِ ١٩٨١ع تي وفات ڪري ويئي.

عورتن جي هٿ جي هنرن واري مرڪز ۾ تيار ٿيل شيون ڍاڪا ۾ وڪڻڻ لاءِ شاندار دوڪان کوليا ويا آهن. هنن دوڪانن کي "آرونگ" سڏجي ٿو. هنن دوڪانن جو هيڊ ڪوارٽر هڪ چار منزله عمارت ۾ آهي جتي غريب عورتن پاران هٿ سان جوڙيل هزارين شيون وڪري لاءِ موجود آهن.

گڏجاڻين جي شروعات هڪ عهدنامي سان ڪن. هن عهدنامي کي برئڪ جا ١٧ واعدا چون ٿا. اهي هن ريت آهن :

-1- اسان ٻچڙا ۽ غير قانوني طريقا استعمال نہ ڪنداسين.

-2- اسان سخت محنت ڪري پنهنجي رهڻي ڪهڻي بدلائينداسين.

-3- اسان پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏياريندا سين.

-4 اسان خانداني منصوبہ بنديءَ تي عمل ڪري ننڍا خاندان پالينداسين.

-5 اسان پنهنجي پاڻ کي، پنهنجي گهرن کي ۽ پاڙن کي صاف رکنداسين.

-6 اسان هميشہ صاف پاڻي پيئنداسين.

-7 اسان هميشہ پنهنجو ڪاڪوس ڍڪي رکنداسين ۽ ڪاڪوس ڪائڻ کان اڳ هٿ ڌوئينداسين.

-8 اسان صحت جي اصولن هيٺ ڪاڪوس جوڙينداسين ۽ جنهگ ۾ ڪاڪوس ڪرڻ جي عادت ترڪ ڪنداسين.

-9 اسان پنهنجي گهرن جي پر پاسي ۾ ڀاجيون پوکينداسين ۽ ڳوٺ ۾ وڻ پوکينداسين.

-10 اسان هميشہ ڀين جي مدد ڪنداسين.

-11 اسان هڪ ڪان وڏيڪ شادين جي رواج خلاف تحريڪ هلائينداسين ۽ عورتن تي ٿيندڙ ظلم خلاف آواز اٿاريندا سين.

-12 اسان پنهنجي ڳوٺاڻي تنظيم جا وفادار رهنداسين ۽ ان جي قانونن جو احترام ڪنداسين.

-13 اسان ڪنهن بہ دستاويز تي تيستائين صحيح نہ ڪنداسين جيستائين ان جو مطلب نہ سمجهون.

-14 اسان تنظيم جي هفتيوار ۽ ماهوار گڏجاڻين ۾ باقاعدي شريڪ ٿينداسين.

-15 اسان پنهنجي ڳوٺاڻي تنظيم جا فيصلا مڃينداسين.

-16 اسان هفتيوار بچت باقاعدگيءَ سان جمع ڪرائينداسين.

-17 اسان سڀ قرض وقت اندر ادا ڪنداسين.

(هي واعدا هر هفتيوار گڏجاڻيءَ ۾ سيني ميمبرن کي دهرائڻا آهن تہ جيئن هنن کي ياد ٿي وڃن).

برئڪ جي پروگرام ۾ ڳوٺاڻي صحت جي ذميواري خاتون ڪارڪن "شاستو شابيڪا" (صحت ڪارڪن) جي آهي. هيءَ خاتون مائرن جون ڪلبون ترتيب ڏئي ٿي ۽ سندن گڏجاڻيون ڪوٺائي کين صحت سکيا ۽

بنيادي صحت جي تعليم ڏئي ٿي. هيءَ خاتون ويم کان اڳ واري عرصي ۾ گرڀ وندي‌ءَ جي سنڀال ڪري ٿي. ٻن سالن تائين ٻار جي واڌاري ۽ نشونما جو جائزو وٺي ٿي. مائرن کي ٻارن جي خطرناڪ بيمارين خلاف ٽڪا ڏيارڻ جي ترغيب پڻ ڏئي ٿي. ان ڪانسواءِ ڳوٺاڻي تنظيمن جي ڪارڪنن کي ملڪي قانونن ۽ قانوني حقن جي تربيت ڏيڻ جو انتظام پڻ برئڪ ڪري ٿي. هنن ۾ شهرين جا بنيادي حق، ڪٽنبي قانون، وراثت جو قانون ۽ زمين جي حقن جو قانون سيکاريو وڃي ٿو.

هن سڄي نظام کي هلائڻ لاءِ برئڪ وٽ ڪل وقتي ڪارڪن آهن جن جو تعداد ١٩٩٣ع ۾ نو هزار هو. ان ڪانسواءِ رضاڪار ڪارڪن جيڪي جز وقتي (PART-TIME) آهن (ڪين ڀنج سو ٽڪا گذارو الائونس ملي ٿو) اهي هزارن ۾ آهن. انهن ۾ ماسترياڻيون 12-11 هزار ڪن آهن. صحت جا ڪارڪن ۽ قانوني مددگار پڻ هن صف جا ڪارڪن آهن.

هنن ڪل وقتي ۽ جزوقتي ڪارڪنن لاءِ ويهه تربيتي ادارا ملڪ جي مختلف حصن ۾ قائم ڪيا ويا آهن. جتي اقامتي تربيت ڏني وڃي ٿي. هنن ادارن کي ٽريننگ ۽ ريسورس سينٽر TARC چئجي ٿو. هنن مرڪزن ۾ گروپ ليڊر رضاڪار (تعليم، صحت ۽ قانون) تربيت ڏيندڙ آرگنائيزر سڀ تربيت حاصل ڪن ٿا. هي مرڪز سڄو سال مصروف رهن ٿا.

سينٽر مئنيجر يعني ايريا مئنيجر، ريجنل مئنيجر، زونل مئنيجر وغيره جي تربيت لاءِ ترقياتي انتظام ڪاريءَ جو تربيتي مرڪز يعني Centre For Development Management (CDM) قائم ڪيو ويو آهي. هي شاندار ادارو ٢١ ايڪڙن تي مشتمل هڪ بيحد خوبصورت عمارت ۾ قائم آهي جيڪا غازي پور ۾ آهي (ڍاڪا کان ٥٠ ڪن ڪلوميٽر ٻاهر آهي) هي اقامتي اداروآ هي ۽ ان کي بين الاقوامي تربيتي اداري جي حيثيت ڏيارڻ جي ڪوشش جاري آهي. في الحال هن اداري ۾ ٻاهران ايندڙ سماجي رهنمائن لاءِ تعارفي ڪورس ١٥ ڏينهن جا ترتيب ڏنا وڃن ٿا جن جي في ١٩٩٣ع ۾ هڪ هزار ٽيهه آمريڪي ڊالر ورتي وڃي ٿي جنهن ۾ رهائش ۽ کاڌي جو خرچ پڻ شامل آهي.

١٦ جولاءِ ١٩٩٣ع تي انگريز حڪومت کان اڳ واري بنگال جي راڄ ڌاني ڏسڻ لاءِ شونارگائون وڃڻ جو موقعو مليو. بنگال جي بادشاهه جي دربار وارو محل اڄا به چڱيءَ حالت ۾ موجود آهي جنهن

جي اترئين دروازي سامهون ہہ گهوڙي سوار مجسما آهن ۽ ان جي سامهون هڪ تلاءُ آهي. الهندي دروازي جي سامهون مشهور چترڪار / مجسمہ ساز زين العابدين جو ٺاهيل هڪ وڏو مجسمو آهي، جنهن ۾ هڪ ڍڳي گاڏي ڪاٺ سان پريل آهي ۽ ان جي ڦيٿن کي غريب انگ اگهاڙا ڪڙمي ڌڪين پيا.

دربار واري عمارت ۾ عجائب گهر قائم ڪيل آهي جنهن ۾ هن وقت گهرو سامان ۽ عام استعمال جون شيون رکيل آهن. هنن شين کي سٺي نموني نہ رکيو ويو آهي. عمارت بيحد ڪمزور ٿي نظر اچي. ان ڪري هڪ نئين عمارت جوڙي پيئي وڃي تہ جيئن عجائب گهر جو سامان ان ۾ منتقل ٿي سگهي. هتي هڪ لائبريري جي عمارت پڻ جوڙي ويئي آهي. هنن عمارتن ڪانسواءِ ان وقت جي شونار گائون جي هڪ گهٽي پڻ محفوظ ڪئي ويئي آهي. جنهن ۾ وڏيون ڳاڙهين سرن واريون عمارتون آهن جيڪي هن وقت خالي آهن. هنن جي حفاظت لاءِ ڪي خاص انتظام ڪيل نٿا ڏسجن. موسم جي بي رحم ٿڦڙن سان هي عمارتون ڳري رهيون آهن. لڳي ٿو تہ چند سالن ۾ عمارت سازيءَ جي هنن نادر نمونن جو ڪوبہ وجود ڪونہ هوندو.

١٧ جولاءِ ١٩٩٣ع : برئڪ جي اعليٰ انتظامي ٽيم سان سڄي تحريڪ تي منهنجي تاثرات جي حوالي سان بحث ٿيو. منهنجي خيال ۾ سماجي جاڳرتا واري تعليم سماجي ڪارڪن ۽ سماجي انجمن جي ميمبرن لاءِ بيحد لازمي ۽ ضروري آهي. هنن اهو ڪم ڳوٺاڻين تنظيمن جي ڪارڪن کان وٺي مٿين سطح تائين جي ڪارڪن لاءِ سٺي نموني منظم ڪيو آهي.

هر گڏجاڻيءَ ۾ ١٧ واعدا دهرائڻ واري ڳالهہ عجيب لڳيم. اهو ائين لڳو جيئن چين ۾ ثقافتي انقلاب دوران ماٺهو ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ مائوءَ جو ڳاڙهو ڪتاب پڙهندا هئا. ان قسم جي مشق مان Regimentation جو اثر اڀري ٿو. منهنجي ان سوال جو جواب هنن هيئن ڏنو تہ اهي ١٧ واعدا ڪنهن شخص جا چيل نڪتا ڪونہ آهن پر اهي ماٺهن پاڻ گڏجي ٺاهيا آهن ۽ هنن کي دهرائڻ جو مقصد هڪ اخلاقي نظام Ethicla Discipline جوڙڻو آهي. اهو چين جي روايت کان بلڪل مختلف آهي. هي واعدا سڀ اهڙا آهن جيڪي آسانيءَ سان پورا ڪري سگهجن ٿا ۽ انهن جو تعلق روزمره جي زندگيءَ سان آهي. ان ڪري ماٺهو انهن

واعدن کي خوشيءَ سان قبول کن ٿا. مون اها صلاح ڏني ته جيو نه انهن واعدن کي گيت جي صورت ۾ آندو وڃي. شايد گيت وسيلي اهو دستاويز وڌيڪ قبوليو وڃي.

بي ڳالهه جيڪا دلچسپ هئي سا هئي ماڻهن کي بنيادي حقن جي حوالي سان تربيت ڏيڻ. منهنجو سوال اهو هو ته ان قسم جي تربيت سان مقامي وڏا ماڻهو، سياستدان ۽ سرڪار بڇي ته نه ٿي وڃي يا وري هو اهو تصور ته نٿا ڪن ته ڪا بي تحريڪ شروع ٿي رهي آهي؟ برئڪ وارن کي اسان جهڙا تلخ تجربا ڪونه ٿيا آهن. اسان وٽ ڪو وقت اهڙو به هو جو سنڌي نالي سان تنظيم ڪاري ڏوهه سمان هئي. ضياءَ الحق ۽ سنڌس ساٿارين کي سڀ کان اهو بپ لڳو هو ته هي ماڻهن جي خدمت ڪندي ڪندي ڪٿي تخت جي وارثيءَ جا دعويدار نه بنجي پون.

بنگلاديش ۾ وڏا زميندار ڪونه آهن بيو ته برئڪ آزاديءَ کان اڳ شروع ٿي هئي ۽ هن ان وقت ڏتڙيل، زخميل ۽ رنجايل ماڻهن جي دل و جان سان مدد ڪئي، ان ڪري برئڪ جي انسان دوستيءَ تي شڪ جي گنجائش گهٽ آهي. هن تنظيم کي حڪومت، مخالف ڌر ۽ ٻين مختلف ڌرين ۾ هڪجهڙي عزت ۽ اهميت حاصل آهي. اهو ئي سبب آهي ته ٻاهرين امداد جو وڏو حصو برئڪ ڏي وڃي ٿو ۽ برئڪ هڪ تمام وڏي اداري جي حيثيت ۾ قائم آهي. غير رسمي تعليم متعلق سوال تي هنن ٻڌايو ته هاڻي ان کي ڏهن ڪلاسن تائين وڌايو پيو وڃي.

هن وقت پاڪستان ۾ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ئي غير رسمي تعليم جي معيار کي پرکڻ ۽ درجه بنديءَ تي ڪم ڪري رهي آهي ۽ تجرباتي طور تي پرائمري، مڊل ۽ سيڪنڊري نصاب جوڙي انهن تي تجربا ڪرڻ واري عمل مان گذري پئي پر اها غير رسمي تعليم جي سڄي تحريڪ صرف اردوءَ ۾ آهي، ان ڪري مختلف علائقن ۾ شايد اهو تجربو گهڻو ڪامياب نه ٿي سگهي.

برئڪ جي ملازمن جي پگهار متعلق سوال جي جواب ۾ هنن ٻڌايو ته انهن کي ڪم مطابق حڪومت جي قائم ڪيل پگهارن وارا اسڪيل ملن ٿا پر ناڻي جي اٿل پٿل سبب ايندڙ تبديليءَ Inflation مطابق پگهار پڻ وڌايا وڃن ٿا. برئڪ جي ملازمن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪين راءِ ڏنم ته انهن لاءِ ڪوآپريٽو بنيادن تي انهن جا محلا الڳ نهرايو. ان ريت هي سماجي ڪارڪن هن ڪارج ۾ پنهنجو مستقبل محفوظ سمجهندا.

ڊاڪٽر صلاح الدين احمد انتظامي علمن ۾ ڊاڪٽوريٽ ڪرڻ ڪانپوءِ ١٩٧٢ع ۾ جيئن بنگلاديش آيو تہ جناب فضل عابد جي هٿ چڙهي ويو ۽ ان وقت ڪان وٺي اڄا تائين مٿيءَ سان نينهن نڀايو اچي. مون ڪانئس پڇيو تہ اوهان ڪي تہ ١٩٧٢ع ۾ گهڻا موقعا ميسر هئا پوءِ اوهان ان وقت هن اداري ۾ تمام گهٽ پگهار سان چو نوڪري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو؟ هن جو جواب بيحد مختصر هو تہ اسان سوچي سمجهي پنهنجي مرضيءَ سان هيءَ ڏکئي راهہ چونڊي، ڇاڪاڻ تہ اها راهہ ئي بنگلاديش کي ترقيءَ ڏي وٺي ويندي ۽ اسان جي غريب ماڻهن لاءِ محفوظ مستقبل جوڙيندي ان ڪري اسان جو وچن تاحيات آهي.

برئڪ جي انتظامي ٽيم کان موڪلائي جيئن ٻاهر نڪتس تہ اوچتو هڪ ننڍي قد جي اڇي ڪاري مٿي واري هڪ بيحد قوّت شخص تي نظر پيم جيڪو ڪنهن مهمان خاتون کي الوداع ڪرڻ لاءِ ڪمري کان ٻاهر نڪتو هو. مون تي نظر پوڻ سان ئي هن مون کان پڇيو تہ آئون ڪير آهيان مون پنهنجو نالو ٻڌايو ۽ هتي اچڻ جو مقصد ٻڌايم، هن هڪ هٿ وڌائي چيو. "فضل عابد".

مون کي تيرس گاڏڙ خوشي ٿي. جو برئڪ جي اسٽاف مون کي ٻڌايو هو تہ عابد صاحب سان ملاقات ممڪن ڪانهي. مون کي سڄو وقت اها اداسي من تي هئي تہ هن عظيم ماڻهوءَ سان ملاقات نہ ٿي سگهندي. پر جڏهن ڪين اوچتو پنهنجي سامهون ڏٺم تہ هڪدم ڪانئن وقت وٺڻ لاءِ چيم ٻانهن کان وٺي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو.۔سندن ڪم تي ڪجهہ ڳالهائڻ ڪانپوءِ مون ايس پي او جي ڳالهہ ڪئي جنهن مون کي هن مطالعاتي دوري تي موڪليو هو. ان ڪانپوءِ سِگا جو ذڪر ڪرڻ اهم هو ڇاڪاڻ جو سگائي منهنجي اصل سڃاڻپ آهي ۽ ان ئي وسيلي اڄ ايس پي او ۾ پهتو آهيان، سنڌ جو ذڪر ٻڌنديئي عابد صاحب پڇيو. "اوهان حميده حسين کي سڃاڻو؟" آئون منجهي پيس تہ هن هڪدم تعارف ڪرايو. مسز ڊاڪٽر ڪمال حسين، مون کي ياد آيو تہ هيءَ سنڌي خاتون آهي ۽ محترمہ رشيده اخلاق حسين جي ڀيڻ آهي. مون ڪيس ٻڌايو تہ آئون ان خاندان جي رفيق آخوند ۽ اقبال آخوند کي سڃاڻان ۽ محترمہ حميده انهن جي ڀيڻ آهي جيڪا شيخ مجيب الرحمان جي ويجهي ساٿي ڊاڪٽر ڪمال حسين جي گهر واري آهي.

عابد صاحب فوراً ٽيليفون گهمايو ۽ بي ساختہ خوشيءَ مان چيو

"حميده تنهنجي ديس جو هڪ سنڌي مون وٽ ويٺو آهي ڳالهائيندا؟"
ائين محترمہ حميده حسين سان فون تي حال احوال ٿيو ساڻن تعارف ٿيو سِڳا جي حوالي سان، سڃاتائين. هن صرف سِڳا کي سڃاتو ٿي. اهو وڏو اعزاز هو. افسوس جو ساڻن وقت نہ هجڻ سبب ملاقات نہ ٿي سگهي. فضل عابد صاحب جن سان اڌ ڪلاڪ ڪن ملاقات ٿي. تصويرون ورتيوسين پر افسوس جو اهي تصويرون نہ آيون.

پاهر آيس تہ برٽڪ جي دوستن مبارڪ ڏني جو مونکي فضل عابد صاحب سان اڌ ڪلاڪ نويڪالائيءَ ۾ مليو نہ تہ هو ايڏو مصروف آهي جو ملي نہ سگهندو آهي.

اڄ منجهند جي مانيءَ جو انتظام برٽڪ جي دوستن ڊاڪٽر صمداني، شبير چوڌري، مسٽر راءِ ۽ شهادت حسين پاران ڪيل هو. گلشن جي علائقي ۾ غازي گيسٽ هائوس جنهن ۾ آئون ٽڪيل هوس ان جي سامهون هڪ مهانگي چيني ريسٽورنٽ ۾ بيحد لذيذ کاڌو مليو.

بنگلاديش اڃا بہ ڏاڍو غريب آهي پر ڏوهہ گهٽا ڪونہ ٿا ٿين. نوان ڌنڌا ۽ ڪارخانا نڪرن پيا. ڍاڪا ۾ گهڻ ماڙ عمارتون جڙن پيون.

غلام اعظم جماعت اسلامي جو رهنما ڪالهہ ١٦ مهينن جي نظربنديءَ کانپوءِ آزاد ٿيو آهي. "نرمل" تالي هڪ جماعت جيڪا ١٩٧١ع جي جنگ دوران دشمن جي ساٿين خلاف تحريڪ هلائي پئي، ان جو مطالبو آهي تہ غلام اعظم تي خاص ٽربيونل ۾ مقدمون هلائي غداريءَ جي الزام ۾ ڪيس موت جي سزا ڏني وڃي.

فرخا بيراج بنگلاديش لاءِ سياري جي موسم ۾ وڏا مسئلا پيدا ڪري پئي. فرخا بئراج هندوستان ۾ جوڙي بنگلاديش جو پاڻي روڪي ورتو آهي. ان ناهہ مطابق هندوستان کي بنگلاديش جي آبپاشي نظام لاءِ جيڪا مدد ڏيڻي هئي ان تان هو ڦري ويا آهن. ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ پارت کانئن آزاديءَ جو حساب پيو وٺي جي پاڪستان هجي ها تہ شايد فرخا بئراج نہ ٺهي سگهي ها. اهو هڪڙو پاسو آهي. ٻيو پاسو محسوس ڪري ٿو تہ جنگ آزادي ئي هڪ نقطو آهي جنهن تي سڀ بنگالي متحد آهن. بنگلابنڌوءَ تي بہ سڀ بنگالي متفق نہ آهن.

پر هن جنگ بنگالي ماڻهن کي امرتا بخشي آهي. هڪ جذبو ۽ ولولو عطا ڪيو آهي. جنهن وسيلي هو هن ڏکويل ۽ ڏتڙيل قوم کي جلد ئي ترقي يافتہ ملڪ ۾ تبديل ڪري سگهندا. بنگلاديش جي ترقياتي

ادارن جي ڪيل تجربن کي سڄي دنيا ۾ پذيرائي ملي آهي ۽ سڄي دنيا ۾ انهن ادارن کي وڏي عزت سان ڏٺو وڃي ٿو.

شهادت حسين برئڪ پاران منهنجو ميزبان هو ۽ ساٿي رهيو. هي دوست ايشين انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمنٽ منيلا مان ڊيولپمنٽ مئنيجمنٽ (ترقياتي انتظام ڪاري) ۾ ماسٽرس ڪئي آهي ۽ ان ۾ گولڊ ميڊل حاصل ڪيو اٿس. هي بيحد ذهين ترقياتي ورڪر آهي. ٻن ڌيئرن جو پيءُ آهي، چار ڀائرن ۽ ٽن ڀينرن ۾ سيني کان وڏو آهي. هڪ رٽائرڊ اسٽيشن ماسٽر جو هي ڪتنب پڙهيل آهي. شهادت ڀائي بيحد سادو سچو ۽ سباجهو ماڻهو آهي هڪ ننڍڙي ٻن ڪمرن واري گهر ۾ ميرپور واري علائقي ۾ رهي ٿو اجا تائين پنهنجو گهر ڪونہ اٿس.

بهارين جي خالي ڪيل سرڪاري گهر ۾ پنهنجي پاءُ جي نالي ۾ رهي ٿو. هاڻي سرڪار هي گهر هنن کي مالڪاڻي حق تي ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي. هن جي گهر جي قيمت ٣ لک ٽڪا لڳي آهي، جنهن لاءِ هو پريشان آهي. هنجي ننڍي ڀاءُ بي اي آنرس ڪئي آهي ۽ فارين سروس ۾ وڃڻ لاءِ تياري پيو ڪري. بنگلاديش آبادي گهٽائڻ جي مد ۾ چڱي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ۽ هن وقت سندن آباديءَ جي واڌ جو تناسب ٢ء٥ سيڪڙو آهي جڏهن تہ پاڪستان جو تناسب ٣ء٦ آهي، جنهن عزم ۽ همت سان بنگالي ماڻهو اڳتي وڌن پيا شايد هنن جي حڪومت ايتري باهمت ۽ سچي ڪانهي.

(هلال پاڪستان ١٥، ٢٢ ۽ ٢٩ مارچ ١٩٩٣ع)

باب ٻيو

# ٿائيلنڊ جي سماجي ترقياتي ادارن جو دورو

١٨ جولاءِ شام جو ٿائي ٽائيم مطابق ڇهين وڳي ڍاڪا کان بئنڪاڪ پهتس. ايئرپورٽ تي ڪا گهڻي دير نه وڳي ايئرپورٽ ڪافي وڏو آهي پر ڪراچيءَ جهڙو خوبصورت ڪونهي البت سهوليتن ۾ وڌيڪ آهي هتي هوائي اڏي تي ٽيڪسيءَ وارن جا دفتر آهن. انهن وسيلي گاڏي ڀاڙي ڪري منزل طرف روانا ٿياسين.

اڄ جي شام بئنڪاڪ جا رستا ڏاڍا مصروف، ٽريفڪ تمام آهستي پئي رڙهي، اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ ڪانپوءِ سيلام روڊ جي ڪانوينيٽ گهٽي ۾ سوئس اوٽيل پهتس. ڪائونٽر تي ايندڙ ڏهن ڏينهن جو پروگرام موجود هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٿائي ڪئنيڊين فيسلٽي TCF جي دفتر ۾ پروگرام انچارج مس ايسابيل ٻين وڳي ملڻ جو وقت ڏنو. ڊپارٽمينٽل اسٽور جو چڪر لڳائيندي ئي منجهند تي وئي. ٿائيلينڊ ۾ منهنجي پروگرام جي مددگار Thal, canadian Facility آهي. ان جي انچارج ايسابيل ڪيليءَ سان ملاقات ۾ هتي ڏهن ڏينهن جو پروگرام ٺاهڻ لاءِ پهتس. هي دفتر پڻ سيلام روڊ تي آهي. پروگرام مطابق اڄ رات جو ريل وسيلي ٿائيلينڊ جي اتر-اوڀر واري صوبي سورين (Surin) وڃڻو آهي. هيءَ رات جي مسافري آهي. رات جو پوڻين ڏهين وڳي گاڏي وڃڻي آهي، پر تجسس سبب ساڍي ائين وڳي ئي پهچي وڃان ٿو. هتي اسٽيشن تي هر بورڊ ٿائي ٻوليءَ ۾ آهي ريل جا اطلاع پڻ ٿائي ٻوليءَ ۾ ٻڌايا وڃن ٿا. ماٺهو انگريزي تمام ٿوري ۽ مختصر ڄاڻن ٿا. اسٽيشن جو نقشو

وڪٽوريا (لنڊن) اسٽيشن وارو لڳي ٿو، پر صفائي ۽ انتظام اهڙو ڪونهي. اسان واري ريل پليٽ فارم نمبر ٧ تان وڃڻي آهي.

گاڏي پارلر ايئرڪنڊيشنڊ آهي. سيٽ تي پهچڻ ڪانپوءِ هڪ مهماندار خاتون ڪوڪا ڪولا پيش ڪري ٿي ۽ مٿان اوڍڻ لاءِ اوڇڻ پڻ ڏئي ٿي. سيٽون پنٽي مڙڻ واريون هيون.

اڻ جاتل منزلن جو سفر رات جو پهر، ساگر ڪي بہ سيٽ پوئتي ملي، ان ڪري ڳالهائڻ وارو بہ ڪير ڪونہ هو. ننڊ ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪريان ٿو پر ڪنڪي ۾ ننڊ بنهہ ڪانہ آئي. سڄي رات ڏاڍي بي آرامي ۾ گذري ٿي. 2-3 وڳي ڌاري اٿي پيشاب جي خيال سان ويس. ڪاڪوس صاف ۽ پاڻيءَ جي انتظام سان هئا. الله الله ڪري سورين کي ويجها پهتاسين. گاڏيءَ جون بتيون روشن ٿيون. گارڊ اچي ماڻهن کي جاڳايو. پوڻين ڇهين ڌاري اسٽيشن تي پهتاسين. لهڻ شرط هڪ ڊگهو وڏين مڇن وارو انگريز نسل جو شخص اڳتي وڌي آيو. هي مسٽر ايلڪ بامفورڊ هو جيڪو هتي ڪئناڊين يونيورسٽي سروسز اوورسيز جو نمائندو آهي. هي بہ ڏينهن خاص منهنجي رهنمائيءَ لاءِ آيل آهي. هو برطانوي نسل جو آهي ۽ پيشي جي لحاظ کان استاد آهي. ١٧ سال کان اڳ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندو هو. ٿائي زبان نهايت رواني‌ءَ سان ڳالهائي سگهي ٿو. ملڻ شرط ٻڌايائين تہ سايي ائين وڃي نيٽ فائونڊيشن سان ملاقات ڪرڻي آهي.

ڏاڍو ٿڪل هوس سوچيم پئي تہ منجهند ڪانپوءِ ڪو ڪم ڪار رکجي پر ائين ممڪن نہ هو جو هتي وقت سان بازي هئي. سورين ٿائيلينڊ جو اتر اوڀر صوبو آهي ۽ ڪمپوچيا جو پاڙيسري آهي، ڪمپوچيا جي سياسي جدوجهد دوران پناهہ گزين هن صوبي ۾ اچي آباد ٿيا هئا. هتي جي سرحدي علاقي ۾ ماڻهو "لائو" بولي ڳالهائين ٿا ان ڪري ڪمپوچيا ۽ لائوس سان ويجها آهن، شڪلين ۾ بہ گهڻو فرق نہ لڳندو.

سورين جيتوڻيڪ صوبي جو دارالحڪومت آهي پر ان جي آبادي سٺ هزارن کان وڌيڪ ڪانهي. پر هتي جي ٿارن Tarin هوٽل فائيو اسٽار هوٽل لڳي ٿي جنهن ۾ سڀ جديد سهوليتون موجود آهن. شهر جا رستا پڪا آهن دوڪان ۽ شاپنگ سينٽر سهڻا آهن. هڪ وڏو ڊپارٽمينٽل اسٽور پڻ آهي.

نيٽ فائونڊيشن North East Thailand Foundation جي دفتر ۾ مسٽر

ڪنچت سان ملاقات هئي. فائونڊيشن جي انفارميشن آفيسر جو نالو مس "وچترا" هو. مون ڪائنس پڇيو تہ اهو نالو ڪٿان آيو آهي تہ وراڻيائين تہ اهو سنسڪرت جو نالو آهي. مونکي سائين مرنا ياد اچي ويو جيڪو پنهنجي عجيب غريب ساز کي وچترويِنا سڏيندو هو. يقيناً اهو بہ هندوستان جو ساز هوندو.

هتي ۹۵ سيڪڙو ماڻهو ٻڌ آهن. هر هڪ عمارت دوڪان ۾ گهر ۾ هڪ ننڍڙو مندر گوتم جي گيان جو نشان بڻيو بيٺو آهي. ان تي گل چاڙهڻ ۽ اگربتيون ٻارڻ روز جو معمول آهي. هر ڪو اول عبادت ڪري پوءِ ڪم شروع ڪري. گهر يا آفيس ۾ گهڙڻ کان اڳ جتيون دروازي جي ٻاهران لاهڻيون پونديون آهن. ملڻ جو انداز هٿ ٻڌي، ڪنڌ جهڪائي ڪيڪار ڪرڻ سان آهي. هٿ ملائڻ جو رواج عام طور ڪونهي.

نيت فائونڊيشن ۱۹۷۹ع ۾ ڪمپوچيا جي پناهگيرن جي سهائتا لاءِ جوڙي ويئي هئي. ان وقت CIDA ان جي سڄي خرچ جو بار کنيو هو. ۱۹۸۵ع ۾ سيبدا هٿ ڪيا پر ڪنچت ۽ ان جي ساٿين هن تحريڪ کي هلائڻ جو قصد ڪيو. هن جو ڪم ڳوٺاڻن کي پاڻ پرو ڪرڻ لاءِ بچت ڪرڻ سيکارڻ آهي ۽ ان کانسواءِ زراعت، جانورن جي پالنا ۽ هنرن جي بحاليءَ جي سکيا پڻ ڏني وڃي ٿي. جن جي وسيلي ڳوٺاڻا اڳيرا ٿي سگهن ٿا. هن وقت هن فائونڊيشن جي نگرانيءَ ۾ ۳۹ قرض ڏيڻ جا يونٽ، ۲۲ ڪوآپريٽو اسٽور، ٤٠ جانورن جون بئنڪون، ۲۹ مينهن جون بئنڪون ۽ ٤۳ ڀاڻ جا يونٽ قائم ٿيا آهن. جانورن جي بئنڪن مان اها مراد آهي تہ فصل لهڻ وقت جانور سستا ٿين ٿا هاري ناري پنهنجي ضرورت جا جانور بہ قرض لاهڻ لاءِ وڪڻيو ڇڏين. نيت جانور خريد ڪري هڪ قسم جي بئنڪ قائم ڪري ٿي. ٻج ۽ ضرورتن لاءِ هيءَ بئنڪ ٿوري نفعي تي هي جانور هارين کي مهيا ڪري ٿي. ان ريت هاري قرض جي گهاٽي مان نڪري وڃن ٿا.

مينهن جي بئنڪ وري هارين کي قسطن تي مينهن ڏئي ٿي تہ جيئن هن وٽ ٻارن لاءِ کير بچي پوي. هنن رٿائن جو مقصد اهو آهي تہ:

۱) هاريءَ کي قرض ڏيندڙن جي پرماريت کان بچائجي.

۲) کين زراعت مان وڌ کان وڌ پيداوار ڏيارجي.

۳) واڌو پيداوار جا ذريعي پيدا ڪجن.

جڏهن کان دنيا ۾ ڪارخانن جي گهٽائي ٿي آهي تہ شهر آباد ٿيا

آهن ۽ ڳوٺ برباد ٿيا آهن. نه صرف ايترو پر زراعت جي وسيلي پيداوار گهٽي آهي، ان ڪري زراعت پيشه ڪارڪنن لاءِ روزگار جا ذريعا گهٽبا رهيا آهن. نتيجي ۾ شاهوڪار، شاهوڪار ترين بنجي رهيو آهي ۽ غريب، غريب ترين ٿيندو وڃي. وچئين درجي جو سفيد پوش مهانگائي جي مونجهارن سبب جيئڻ لاءِ غير رواجي طريقن تي پاڙڻ لڳو آهي. ان ڪري رشوت هڪ عالمي بيماريءَ وانگر وچئين طبقي ۾ ڦهلجي پئي. ان کي ڪاري ڌنڌي تمام گهڻي مدد ڪئي آهي. هي سڀ ڪجهه ايندڙ وقت لاءِ هڪ وڏي ڀونچال کان گهٽ ڪونهي.

اسان نيت فائونڊيشن جي دفتر ۾ ويٺا آهيون ۽ ڪنچت جي تمام جهيڻي ۽ نماڻي آواز ۾ سندن ڪم جو وچور ٻڌون پيا. هو ٿائي ۾ ڳالهائي سگهي ٿو. ايلڪ ترجمان طور روانيءَ سان ڳالهائي پيو. ايلڪ تمام دلچسپ ماڻهو آهي. هڪ ٿائي نينگر جي محبت ۾ آمريڪا ۾ تعليم واري عرصي ۾ گرفتار ٿيو ۽ ان جي پويان هتي اچي ويو ۽ هميشه لاءِ هتي جو ٿي ويو. ڪيس هڪ پنجن سالن جو پٽ آهي. پاڻ ڪرستان ۽ زال ٻڌ اٿس. ٿائيلينڊ جي تاريخ جي چڱي ڄاڻ اٿس. ٻولين جو ماهر آهي. پراڪرت، سنسڪرت ۽ پاليءَ جي بڻ بنياد مان واقف آهي ان ڪري چيني رياستن ۾ مروج ٻولين جي ارتقا ۽ هئيت جي واقفيت اٿس. کل مک ۽ کليل دل جو مالڪ آهي هڪ ئي ڏينهن ۾ لڳي ٿو ته اسان هڪ ٻئي کي سالن کان سڃاڻون.

منجهند جي ماني نيت جي دوستن سان گڏ کائي هتان کان ١٤ ڪلو ميٽر پري فائونڊيشن جي تربيت گاهه ڏسڻ وياسين. مسٽر پريچا سنگپيت مرڪز جو انچارج آهي، هي تمام وڏو مرڪز آهي جتي هڪ سئو کن ڪارڪنن لاءِ هاسٽل جي سٺي سهوليت آهي. پڙهائڻ لاءِ سڀ سهوليتون آهن پر استاد صرف ٣ آهن. حڪومت ۽ ٻيا غيرسرڪاري ادارا هن اداري کي پنهنجي تربيتي ڪورسن لاءِ استعمال ڪن ٿا ۽ اهي پنهنجا استاد پڻ آڻين ٿا. هن اداري جا استاد تربيت يافته ڪونه آهن پر اهي ڪم ڪندي جيڪي سکيا آهن ان کي سيکارڻ کان نٿا ڪيٻائين.

هن اداري کي پنهنجو ڍڳين جو ڌڻ آهي، مڇين پالڻ جو يونٽ آهي. ان کانسواءِ ٻوٽن ۽ زراعت تي به تحقيق ڪن. ان يونٽ وسيلي انبن جي نين جنس جا ٻوٽا وڪري لاءِ تيار آهن. هن اداري ۾ سيمنٽ ۽ مٽيءَ کي ملائي هٿ جي ڪاربن وسيلي سرون جوڙڻ جو ننڍو ڪارخانو آهي. هي

سرون ڪوري ۾ ڪونہ پچائين. سرن کي ٺاهڻ ڪانپوءِ انهن تي پاٺي چڙڪايو ويندو آهي ۽ اُس ۾ سڪايون وينديون آهن. هنن جي چوائي هي ڏاڍيون مضبوط ٿين ٿيون. هيءَ ادارو پڻ هنن ئي سرن جو جڙيل آهي هيءَ ايجاد هڪ قيدي جي آهي. هي تربيتي ادارو پنهنجو خرچ ڍڳين، مڇين، سرن وڪڻڻ وسيلي پورو ڪري ٿو.

شهر کان ٻاهر هيءَ ادارو مهاتما ٻڌ جي گيان ۽ يڪسوئي (meditation) جو مرڪز لڳي پيو. هتي هڪ انگريز وڻ هيٺان ڪنهن بينچ تي ويهي استاد کان ٿائي ٻولي جو سنق پرائي رهيو آهي. اسان جي هن اداري سان واقفيت پڻ هڪ وڻ هيٺان سيمنٽ جي بينچ تي ٿي. استاد بيحد سادا ذهين ٿي لڳا. هنن کي بہ انگريزي ڪانہ ٿي آئي البتہ هڪ جوان استاد ڪجهہ انگريزي ڳالهائي سگهي پيو.

هن مرڪز ڏسڻ ڪانپوءِ هڪ ڪوآپريٽو اسٽور ڏسڻ وياسين جيڪو ڳوٺاڻن جي شيئر تي هلي ٿو. اسٽور سورين شهر ۾ آهي ۽ ان جا شيئر هولڊر پر وارن ڳوٺن جا ننڍا دوڪاندار آهن. ڪوآپريٽو اسٽو ر ٻڌي اگهہ تي سامان خريد ڪري پنهنجي ريزڪي گراهڪنُ کي ڏي ٿو. سال تي نفعي جو حساب ملي. ان ريت هر ڳوٺ ۾ ضرورت جي هر شئي مناسب اگهہ تي موجود بہ ٿئي.

نيت پاران هٿ جي هنرن جو پڻ هڪ دوڪان سورين شهر ۾ کوليو ويو آهي، جتي ٻهراڙيءَ جي عورتن ۽ هنر مندن کان شيون خريد ڪري رکيون وينديون آهن. هي دوڪان انهن ڳوٺاڻين هنرمند ڏياڻين جي مارڪيٽ طور استعمال ٿئي ٿو. ان ريت دلال جي ڪميشن ڏيڻي نہ ٿي پوي ۽ هنرمند عورتن کي پنهنجي ڪم جو سٺو اجورو ملي ٿو. بنگلاديش جي آرونگ کي ڏسڻ ڪانپوءِ هيءَ دوڪان ڪجهہ بہ نہ ٿو لڳي، شام هن شهر جي نانءَ ڪئي سون.

هي ڪو وڏو شهر ڪونهين پر رستا ڪشادا گهر ۽ دوڪان سهڻا جڙيل آهن. هڪ تمام وڏو ٻہ پڳوڙا هوٽل جي پرسان آهي جنهن ۾ ڪريا ڪرم جو انتظام پڻ ٿيل آهي. جديد قسم جو ڊپار ٽمنٽل اسٽور، ريلوي اسٽيشن، هوٽلون ۽ سئنيما سڀ ڪجهہ آهي. ساگر کي هالا ياد اچي ويو آهي ۽ ان جي پيٽ ڪرڻ لڳي ويو آهي جتي اجا سوڙهيون ۽ غليظ گهٽيون آهن. ڪوبہ ڊپار ٽمينٽل اسٽور ڪونهي. ريلوي اسٽيشن بند ٿي چڪي آهي ڪابہ هوٽل يا سئنيما ڪانهي. حالانڪ ان جي آبادي بہ اتڪل

سٺ هزار ٽيندي.

لڳي ٿو ٿائي ماڻهو اسان کان گهڻو اڳتي آهن ۽ پئسي ڏوڪڙ ۾ به سيرا آهن. بنگلاديشي وڌيڪ غريب آهن. سورين وارن پنهنجو شهر وڌيڪ ويڪرو ۽ صاف رکيو آهي. شهر ۾ ماڻهو چڪيندڙ سائيڪل رڪشا، ٽڪ ٽڪ (چون اهڙي آٽورڪشا کي جنهن جي پويان گاڏو لڳل آهي ۽ ان ۾ ڇهه ماڻهو سواري ڪري سگهن ٿا) ۽ پڪ اپ گاڏيون استعمال ٿين

تارن هوٽل ڏهه منزله عمارت ۾ قائم آهي. هن ۾ ترڻ جو تلاءُ، ڊسڪو ڪلب، بار ۽ نائٽ ڪلب آهن. ان ڪانسواءِ مختلف قسم جا ريسٽورنٽ پڻ آهن. شهر جو رونق وارو حصو اڌ مني ڪلاڪ ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

٢١ جولائي ١٩٩٣ع صبح جو اسان ڀراڙيءَ جي دوستن جي انجمن Rural Friends Association جي فيلڊ ڊئريڪٽر مسٽر سخون جانگيو، سان موانگ ڳوٺ ۾ ملڻ وياسين. جيڪو سورين کان ويهه ڪلو ميٽر ٻاهر آهي. هيءَ جماعت پڻ ڪيناڊا جي ترقياتي پروگرام ختم ٿيڻ ڪانپوءِ شروع ڪئي وئي، جيڪا موڙي بچي هئي ان کي بئنڪ ۾ رکي ١٩٨٤ع ڌاري هيءُ انجمن وجود ۾ آئي.

هن جماعت ٻاران ڳوٺن ۾ عورتن جا بچت گروپ جوڙيا ويا آهن جن کي سنڌن معاشي سرگرمين لاءِ ننڍا ننڍا قرض ڏنا وڃن ٿا. قرض هڪ هزار کان ساڍن سٺن هزارن ڀات تائين ڏئي سگهجي ٿو. هن قرض لاءِ هر مهيني ٢ سيڪڙو وياج ڏيڻو پوندو آهي. سالانه فائدي مان ١٨ سيڪڙو شيئر هولڊرن ۾ ورهايو وڃي ٿو ۽ ٦ سيڪڙو جماعت جي حصي ۾ اچي ٿو. جنهن مان ڪجهه ڪميٽي ميمبرن جي پگهار لاءِ خرچ ٿئي ٿو ۽ باقي بچت جماعت وٽ رهي ٿي. سخون چواڻي ته سئو سيڪڙو قرض واپس ٿين ٿا. جيتوڻيڪ اها حيرت انگيز ڳالهه آهي پر دنيا جي غريب ملڪن ۾ اها ڳالهه ڪنهن به شڪ ڪانسواءِ ثابت ٿي چڪي آهي ته غريب ماڻهو ۽ خاص طور عورتون قرض واپس ڪرڻ ۾ پابند آهن. گرامين بئنڪ جي پروفيسر يونس جي چواڻي "You can Bank on Poor" ڀراڙيءَ جي دوستن جي هيءَ جماعت پنهنجي ميمبرن لاءِ فني مددگاري وارا تربيتي پروگرام پڻ هلائي ٿي. هيءَ جماعت ٽن اصولن جي تبليغ ڪري ٿي: ١)صاف ڪاڪوس استعمال ڪريو. ٢)ڪچي مڇي نه

ڪاٺو جو ان سان ڏنبد (پيٽ جا ڪيڙا) ٿين ٿا. ۳)تماڪ نہ واپرايو.

منجهند جي ماني سورين جي هڪ عام ريسٽورنٽ ۾ وچترا ۽ اليڪ سان ڪاڏيسون. ان ڪانپوءِ وچترا موڪلائي ويئي اسان اين.جي او رابطا ڪائونسل (NGO-CORD) جي دفتر وياسين جتي مسٽر سنان چوساڪال اسان جو منتظر هو. هن وقت هن رابطي ۾ ستر جماعتن جي ميمبرشپ آهي جن ۾ سرڪاري ادارا پڻ اچي وڃن ٿا. هي رابطو ۱۹۸۵ع کان ڪم ڪري پيو. هن کي هڪ امدادي ادارو LDI مدد ڪري ٿو ۽ هي هڪ ذيلي تنظيم طور ڪم ڪن ٿا.

شام جو اليڪ سان ٿائيلينڊ جي تاريخ ۽ ٻوليءَ تي دلچسپ ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ٿائي ٻوليءَ جي موجوده لپي سخومت خاندان جي هڪ بادشاهہ جوڙي، ويجهي جڳ ۾ ۱۹۳۰ع واري ڏهاڪي ۾ بادشاهہ حڪم ڪيو تہ ٿائي ماڻهو جتي پائين ۽ مٿي تي ٽوپلو اوڍين تہ جيئن ترقي يافتہ سڏجن موجوده پٽاپٽي ٿائي قومي جهنڊو پڻ ان بادشاهہ جي ايجاد آهي. هن کي موسيقيءَ جو ڏاڍو شوق هو هن اهو قانون جوڙيو تہ سيني سرڪاري آفيسن ۾ شام جو سڀ ڪارڪن گڏجي ناچ ڪندا تہ جيئن چست رهي سگهن. ٻين مهاڀاري لڙائي دوران پڻ دلچسپ واقعا ٿيا. بادشاهي تخت تي اتاليق (رينجٽ) هو ۽ اتحادين سان مليل هو. وزيراعظم جاپانين سان گڏ هو. ان ڪري جنگ هلندي ملڪ کي گهڻو نقصان ڪونہ پهتو، پر جنگ ڪانپوءِ هارايل ڌر طور ٿائيلينڊ کي تاوان طور هندوستان کي چانور ڏيڻا پيا ۽ کٽيل ڌر سان گڏ فتح جي جشن ۾ بہ شريڪ ٿيو. هن وقت بادشاهہ کي گهڻا اختيار ڪونہ آهن، ٿائي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل آهي ۽ سندس چيني ٻولين سان گهرو لاڳاپو آهي. اترين علائقن ۾ ماڻهو لائو ٻولي ڳالهائين جيڪا لائوس ۽ ڪمپوچيا ۾ ڳالهائجي ٿي. اليڪ سان ڪچهريون ڪندا شهر کي پيادل گهمندا رهياسين ۽ اچي هاٿي چوڪ تي اسٽيشن وٽ پهتاسين.

هاٿيءَ کي هتي وڏي اهميت حاصل آهي. هڪ اندازي مطابق هن وقت ٿائيلينڊ ۾ پنج هزار هاٿي آهن جن مان ۱۸ سئو هاٿي آزاد آهن. ڊسمبر ۱۹۹۲ع جي اندازي مطابق ۲۹۵٤ هاٿي ماڻهن جي ملڪيت آهن. ٻيلائي ماڻهو هاٿي ان لاءِ رکندا آهن تہ جيئن هو وڏا ٻنڊ هنن کان ڇڪائي شهرن تائين پهچائين هيءُ سڀ کان سستو طريقو آهي. هنن هاٿين کان گهڻو ڪم وٺڻ لاءِ قوت وڌائڻ جون انجيڪشنون ايمفٽامين

هٿن اهو هڪ ظالماڻو طريقو آهي ان سبب هاٿين کي گهڻو نقصان پهچي ٿو.

هاٿين تي ظلم جي خلاف تازو هتي هڪ جماعت ايشيائي هاٿين جي دوست "Friends of Asian Elephant's Club" قائم ڪئي وئي آهي. هن تحريڪ جو باني پتاياهام ڪريلاس آهي جنهن پنهنجي دوستن جي مدد سان هاٿين جي مفت علاج ۽ دوائن جي عادت مان نجات ڏيارڻ جو بندوبست ڪيو آهي.

ريل جو واپسي سفر سليپر ۾ هو. بسترا صاف چادرن ۽ وهاڻن سان هئا. اوڇڻ پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ سيل مهر ٿيل هو. ٽڪيٽ تي نمبر لکيل هئا. ان وسيلي پنهنجي بستري تي پهتاسين تمام آرامده سفر گذريو، صبح جو سايي پنجين وڳي بئنڪاڪ اسٽيشن تي واپس پهتاسين.

(هلال پاڪستان ۱۲ ۽ ۱۹ اپريل ۱۹۹٦ع)

ٿائيلينڊ جو ڏورانهون ڳوٺاڻو علائقو مينهن جي گهڻائيءَ ۽ گهڻين ندين سبب سرسبز آهي. چانور، ڪيلو، ناريل، اناس، ڪٺهل (Durin) هتي جا خاص فصل آهن. اچا ٻہ ماڻهو ٽين جي جهوپڙين ۾ رهن ٿا. پر اسان جي ملڪ وانگر خانہ بدوش نظر ڪونہ آيا.

۲۲ جولاءِ تي لوڪل ڊيولپمينٽ انسٽيٽيوٽ جي ڊاڪٽر سانيهہ چمارڪ سان سندس آفيس ۾ ملاقات ٿي. هن اداري جا پنج مکيہ ڪم آهن:

۱) **رابطو:** هي ادارو ۲۱۵ ڳوٺاڻين تنظيمن سان ڪم ڪري ٿو، انهن سان رابطو رکڻ.

۲) **قرض:** ڪمائي وڌائڻ لاءِ غريب ماڻهن کي ننڍا ڪولڻ لاءِ قرض ڏنو وڃي ٿو، جنهن لاءِ هڪ خانگي ادارو "ڳوٺاڻو سرمائيڪاري سهڪار، "Rural capital partnership" بڻايو ويو آهي جيڪو ۱۵ سيڪڙو وياج تي قرض ڏي ٿو جنهن مان ست سيڪڙو ڪمپني پنهنجي خرچ لاءِ رکي ٿي ۽ ۸ سيڪڙو وياج انسٽيٽيوٽ کي ملي ٿو.

۳) **سنيال:** رٿائن جي سنيال ۽ انهن جي معاشي/معاشرتي اثرن جو جائزو وٺڻ.

٤) تربيت: مقامي ذريعن کي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ Local resource mapping training جو انتظام ڪيو ويجي ٿو.

٥) ڪوجنا ۽ تحقيق: مختلف سماجي مسئلن متعلق ڪوجنا هڪ مسلسل عمل آهي جيڪو هر تنظيم کي سندس ڪم ڪار لاءِ مددگار ثابت ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر سانيهه معاشيات جو ماهر آهي ۽ سائنس ڳالهائيندي اها خبر پئي ته ٿائيلينڊ ۾ سٺ ڪان ستر سيڪڙو ماڻهو ٻهراڙين ۾ رهن ٿا. تعليم جو تناسب ٩٥ سيڪڙو آهي. بيروزگاري ٥ سيڪڙو ڪان مٿي آهي. ان حساب سان لڳي ٿو ته ٿائيلينڊ جي صورتحال اسان ۽ بنگلہ ديش کان گهڻو بهتر آهي. ٢٣ جولاءِ تي ڪنهن سان به ملاقات رکيل ڪانه هئي، ان ڪري شهر گهمڻ جو فيصلو ٿيو. دنيا جي وڏن شهرن وانگر بئنڪاڪ ۾ پڻ وڏا وڏا شاپنگ سينٽر آهن، جتي هر شئي دستياب آهي. هوٽل جي پرواري رستي سيلام روڊ تي سينٽرل ۽ رابنسن Robinson به وڏا شاپنگ مرڪز آهن. رابنسن دنيا جي مشهور ڊپارٽمينٽل اسٽورن مان هڪ آهي. هن مرڪزن جو سٽاءُ هر ملڪ ۾ گهڻو ڪري ساڳيو آهي.

جيئن ته ٻُهري Basement ۾ روزمره جي ضرورت جون شيون جهڙوڪ ڀاڄيون، ميوا، گوشت، مڇي وغيره ۽ غسل خاني کان وٺي ٻورچي خاني تائين استعمال جي هر ڪا شئي موجود هوندي آهي، ان کانسواءِ مختلف کاڌن جا دوڪان Food stalls هوندا آهن. باقي طبقن تي سينگار جي شين کان ڪپڙن لٽن تائين، فرنيچر کان اليڪٽرانڪس جي سامان تائين هر ڪا شئي موجود هوندي آهي.

هتي قيمتون ڪافي چڙهيل آهن ۽ اهي ڪنهن به صورت ۾ پاڪستان جي قيمتن کان گهٽ نه آهن پر ڪجهه وڌيڪ آهن. فوٽ پاٿن تي گهٽ معيار جون شيون ملن ٿيون جن لاءِ به گهڻي سودي بازي ڪرڻي پوي ٿي. ان سودي بازيءَ سبب شين جي اصل قيمت جي ڪا به خبر نٿي پئجي سگهي.

سيلام روڊ جي ڀرسان پاسي گهٽين ۾ نائيٽ ڪلب، شراب خانا ۽ مالش گهر آهن. هن شهر لاءِ تازو لانگ مئن Longman ڊڪشنري ۾ آيو آهي ته "بئنڪاڪ اهو دارالحڪومت آهي جيڪو چڪلن کان مشهور آهي." ان وصف تي هتي جا ماڻهو سخت ڪاوڙيا آهن ۽ هتي جي اخبارن ۾ اڄڪلهه تمام گهڻا مضمون ۽ خط شايع ٿيا آهن. حڪومت پڻ نوان قانون جوڙڻ تي سوچي رهي آهي.

وڏيڪ خوبصورت ۽ دلچسپ آهن. هتي ٿائي ڇر ۽ هٿ جي هنرن جو ڪم پڻ وڪري لاءِ رکيل هو. هن قسم جا سياحن کي ڇڪڻ لاءِ ڪئين طريقا اسان وٽ بہ ٿي سگهن ٿا. هن ڳوٺ ڪانپوءِ اسان ٻيڙين جي هڪ پتڻ تي پهتاسون، جتان هڪ لانچ ۾ ٿائيلينڊ جي مشهور Boat Bazzar ٻيڙين جي بازار ڏانهن روانا ٿياسين.

سنڌ ۾ منڇر جا مهاڻا پنهنجي سڄي زندگي ٻيڙيءَ تي گذاريو ڇڏين. جمڻ کان مرڻ تائين هنن جي پوري دنيا "ٻيڙي" آهي. مون سمجهيو تہ هتي پڻ اهڙو ڪو منظر هوندو، پر ائين ڪونهي، هن علائقي ۾ عام رستن وانگر پاڻيءَ جا گذر گاهہ يعني ننڍيون ننڍيون نديون جام آهن. ماڻهو انهن ندين يا واهن جي ڪناري تي سڪيءَ تي رهن پر مارڪيٽ ٻيڙين تي ٺاهي وئي آهي. هيءَ مارڪيٽ عالمي سياحن لاءِ پرڪشش آهي. مارڪيٽ جي پرسان ڪناري تي سوڪڙين جا سوين دوڪان قائم ڪيا ويا آهن ۽ ڪاٺي پيتي جون ننڍيون هوٽلون آهن. هڪڙو همراهہ هڪ وڏو ٿلهو نانگ ڪلهن ۾ وجهي ويٺو هو ۽ هر هڪ کي نانگ سان فوٽو ڪڍائڻ لاءِ همٿائي رهيو هو. هن بازار ۾ ڪئين ٻيڙيون مختلف وکر وڪڻي رهيون هيون ۽ ماڻهو وري پنهنجي ننڍين ٻيڙين ۾ پنهنجو سودو خريدي رهيا هئا.

هي نظارا ڏسندا جڏهن واپس پنهنجي گاڏيءَ وٽ پهتاسون تہ هڪ ٿائي ڇوڪري هڪ چينيءَ جي پليٽ کڻي آئي جنهن تي منهنجي ۽ ساگر جي تصوير ڇپيل هئي. حيران ٿي وياسين. اسان صرف ٤٥ منٽ هتي هئاسون ۽ ان ٿوري وقت ۾ فوٽو ڪڍي تيار ڪري اسان کي پيش ڪيو ويو، جيڪو ڦڙتيءَ جو ڪمال آهي. ان پليٽ کي نہ وٺڻ جو سوال ئي ڪونہ ٿي پيدا ٿيو. اسان جي اڳئين منزل "ڪوبرا شو" هئي. هڪ ڳوٺ ۾ نانگن پالڻ جو مرڪز آهي. اتي نانگن جو زهر ڪڍيو ويندو آهي. هيءَ طريقو حيرت انگيز ۽ خطرناڪ آهي. جيئرن نانگن کي ڳچيءَ مان پڪڙيو وڃي ٿو ۽ هنن کي ڏنگ هڻڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. ان وقت نانگ جي ٻوٿ کي هڪ گلاس جي برنيءَ ۾ وڌو ويندو آهي، جتي هو پنهنجو زهر اوڳا ڇيندو آهي. هن زهر مان نانگ جي ڏنگ خلاف ترياق جون انجيڪشنون جوڙيون وينديون آهن. ٿائيلينڊ ڏکڻ اوڀر ايشيا کي نانگ جي ڏنگ جي خلاف ترياق پهچائيندو آهي.

نانگ جي ڏنگ جي ان مظاهري ڏيکارڻ کي "ڪوبرا شو" چون ٿا.

اسان کي هڪ آبيتوريم ۾ وٺي ويا جنهن جي وچ ۾ نانگ جا وڏا پڃرا رکيل هئا ۽ تن طرف ماڻهو ڏاڪڻ تي وينا هئا. ٻن ٿن ٿائي نوجوانن الڳ الڳ زهريلن ناگن سان مقابلو ڏيکاريو جيڪو بيحد خطرناڪ ٿي لڳو، پر هي ننڍڙي قد جا ٿائي ماڻهو خطرن کي ڪيڏ سمجهي هيچ مان نانگن کي پڪڙڻ جو ادم ڪري رهيا هئا. جانور ڪيڏو به خطرناڪ هجي پر انسان پنهنجي عقل ۽ ڦرتيءَ سان ان تي حاوي ٿي وڃي ٿو.

ٻڌ ڌرم ٿائيليند جو مذهب آهي. عام طور ماڻهو ٻڌ آهن، هتي جو وڏي ۾ وڏو پگوڊا ١٤٥ ميٽر (٤٣٥ فوٽ) اوچو آهي، مندر جون ڏاڪڻيون سو کن آهن، جن کي پار ڪرڻ کانپوءِ مهاتما گوتم ٻڌ جو ويهارو کن فوٽ بيٺل مجسمو آهي جنهن کي بيٺل ٻڌ Standing Buddha چون ٿا، جنهن جي پيرن ۾ ويهي ڪيئي ٻڌ پرارٿنا ۾ مصروف هئا. هن پگوڊا جي عمارت ۾ مذهبي تعليمي ادارو آهي، جتي دنيا جي مختلف ملڪن جا ٻڌ، ڌرم جي تعليم وٺڻ لاءِ ايندا آهن. پگوڊا جي حدن ۾ اڪيلائيءَ ۾ ويهي گوتم جو گيان ماڻيندا آهن. هن کي Monastary چون ٿا. هتي ٻڌ پر وهت هڪ خاندان وانگر رهندا آهن. پاڪستان ۾ مردان ضلعي ۾ تخت بائيءَ ۾ اهڙي هڪ وڏي مانيسٽريءَ جا آثار موجود آهن جن کي ڏورانهان سياح ڏسڻ ايندا آهن.

اسان جو ننڍو سياح قافلو پگوڊا کان باغ گلاب پهتو، جيڪو نهايت خوبصورت ۽ وسيع آهي، هر هنڌ ريسٽورنٽ آهن. جنهن ريسٽورنٽ ۾ اسان کي وهاريو ويو اها ندي جي ڪناري تي هئي ۽ ائين ٿي لڳو ته ريسٽورنٽ جي عمارت نديءَ ۾ ڪاهي پئي آهي، چين جي شهر ڪينٽان جي مشهور ريسٽورنٽ سنگ مرمر جي ٻيڙي Marble Boat جهڙو هو. ڇئن ماڻهن کي هڪ ٽيبل تي وهاريو ويو. اسان جي ٽيبل تي مسٽر جونو (اٽلي) ۽ مس لن (ٿائي) اسان جا ساٿي ٻڌيا. مسٽر جونو مزيدار ماڻهو آهي. اٽليءَ ۾ بار هلائي ٿو. سندس چواڻي هڪ سال خوب ڪمائي پوءِ گرمين ۾ گهمڻ نڪري ٿو، جڏهن ڏوڪڙ پورا ٿيس ته واپسيءَ جو رخ ڪندو.

يورپ، آمريڪا ۽ هاڻي جاپان ۾ اهڙو رجحان آهي. ماڻهون سخت محنت ڪن ٿا ۽ گهڻو ڪري سال کان پوءِ ڪنهن ٻئي ملڪ جي تفريح لاءِ نڪريو وڃن. ڪيترين واپاري، تحقيقي، ميڊيڪل ڪمپنيون ته پنهجي خرچ سان پنهنجي ملازمن کي تفريح لاءِ موڪلين. هنن جو اهو عقيدو آهي ته ان قسم جي دورن کانپوءِ ڪم ڪندڙن جي اهليت ۾ واڌارو اچي ٿو ۽ ڪمپنيءَ لاءِ سندن وفاداريءَ ۾ سڌارو اچي ٿو.

مس لن، بئنڪاڪ ۾ سياحت جي صلاحڪار طور ڪم ڪري ٿي. گراهڪن جي سارسنڀال لهڻ لاءِ اسان جي گروپ سان گڏ هئي. ڪاٿي

# "ٿائي - اين جي اوز سپورٽ پروگرام"

٢٥ جولاءِ ١٩٩٣ع تي هن پروگرام جي سربراهه مسٽر ٽوڪيٽ سان سندس آفيس ۾ ملاقات ٿي. خوش قسمتيءَ سان هن پروگرام جا مختلف علائقن جا ڪوآرڊينيٽر پڻ آيل هئا. ان ڪري هنن جي پروگرام کي سمجهڻ جو موقعو مليو.

هن پروگرام جا ٻه مکيه ڪم هي آهن:

١) رضاڪار ڪارڪنن جي تربيت.

٢) مختلف ڳوٺاڻين تنظيمن سان رابطو.

هيءَ پروگرام وڏين غير سرڪاري ترقياتي انجمن سان پڻ اشتراڪ ڪري ٿو ۽ ڪين پڻ تربيتي سهوليتون مهيا ڪري ٿو. هن اداري وٽ ترقياتي علوم تي تربيت يافته عملو موجود آهي، جيڪو ٻين ادارن جي فني تربيت ۽ معاونت پڻ ڪري ٿو. هنن جو خيال آهي ته جڏهن ٻاهريان مددگار ادارا ٿائيلينڊ مان هليا ويندا ته هنن جو ادارو هڪ تربيتي اداري جي صورت ۾ قائم هوندو. تربيت ڪانسواءِ رابطي جي سلسلي ۾ هي هڪ خبرنامو پڻ شايع ڪن ٿا جنهن ۾ مختلف سماجي مسئلن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويجي ٿي ۽ مختلف اهم مسئلن تي هڪ مشترڪه راءِ قائم ڪرڻ لاءِ پڻ ڪم ڪيو وڃي ٿو. هن خبرنامي ۾ ماحوليات، قدرتي وسيلن ۽ غير مرڪزيت جي اسمن تي بحث ڪيو وڃي ٿو.

هن پروگرام هڪ اين جي او ڪوآرڊينيشن پڻ جوڙيو (NGO Cord) آهي. مسٽر ٽوڪيٽ ان جو سيڪريٽري جنرل آهي. هي رابطو ڳوٺاڻين تنظيمن تي مشتمل آهي. هن رابطي وسيلي ڳوٺاڻن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مشترڪه حڪمت عملي جوڙي وڃي ٿي. اتر جي علائقي ۾ حڪومت ٻيلن ۾ موجود ماڻهن کي اتان ڪڍڻ جي پاليسي جوڙي آهي ته جيئن ٻيلن جي حفاظت ٿي سگهي. پر ٻيلائي ماڻهو جيڪي صدين کان وٽن جي ڇانو ۾ پنهنجي لڄ لڪايو ويٺا آهن، هن ماحول کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن. اين جي او ڪارڊ ٻيلائي ماڻهن جي ٻيلي ۾ رهڻ جي بنيادي حق تسليم ڪرائڻ لاءِ هلچل هلائي رهي آهي. (١٩٩٥ ۾ اها خبر پيم ته حڪومت آخر اهو حق تسليم ڪري ورتو آهي).

هيءَ سپورٽ پروگرام ننڍين ڏنڌن، روزگارن لاءِ تنظيم ٺاهڻ ۾ پڻ مدد ڏيئي رهيو آهي، جن وسيلي بيروزگارن کي فني ڄاڻ ۽ ڏنڌي شروع

ڪرڻ لاءِ قرض مهيا ڪرڻ لاءِ پڻ قدم کڻي رهي آهي.
تائيلينڊ جي ڏاکڻي علائقي ۾ سمنڊ آهي. هيءَ پروگرام اها ڪوشش پيو ڪري تہ ساموندي ڪناري ۽ سمنڊ تي رهندڙن جي زندگي کيئن بهتر بنائي سگهجي ٿي. هن پروگرام هيٺ عورتن، ٻارن ۽ ڳوٺاڻن تنظيمن جا رابطا جوڙيا ويا آهن. هن وقت هن پروگرام کي ٻاهرين امداد آهي. پر اها آهستي آهستي گهٽبي وڃي. هاڻي هنن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ پنهنجا خرچ گهٽائڻ، پنهنجي جاڻ وسيلي تربيتي ادارا قائم ڪري انهيءَ وسيلي خرچ پورا ڪرڻ ۽ مقامي طور چندا گڏ ڪرڻ جي ضرورت پوندي.
رات جي مانيءَ تي تائيلينڊ جي اهم سماجي ترقياتي شخصيت مسٽر پائبون سان ملاقات ٿي جيڪو هن وقت رورل ۽ سوشل مئنيجمنٽ انسٽيٽيوٽ جو صدر، اين جي او ڪوآرڊينيشن جو صدر ۽ اربن ڪميونٽي ڊيولپمينٽ جو ايگزيڪيوٽو ڊئريڪٽر آهي. هيءَ اصل ۾ هڪ بئنڪار هو پر ڪئين سالن کان ترقياتي جدوجهد ۾ سرگرم آهي. سندس اربن ڪميونٽي ڊيولپمنٽ جو ادارو نوجوانن کي ننڍا قرض ڏيئي روزگار سان لڳائي ٿو. هنن دوستن سان اٽڪل ٤ ڪلاڪ بيحد سودمند گذريا.
٢٦ جولاءِ تي ڪنهن سان بہ ملاقات جو وقت مقرر ٿيل ڪونہ هو. ان ڪري ٽورسٽ گائيڊ جي اشتهارن جي مدد سان هڪ ڏينهن ۾ ڪپڙا سبي ڏيندڙ ڪمپنيءَ جي ڳولا ۾ وياسين. سخووت جي علائقي ۾ هوٽل ايمبيسيڊر جي پاسي ۾ ڪافي دوڪان آهن جتي تڪڙا ڪپڙا سبي ڏيڻ جو انتظام آهي. مثال طور ٩٩ آمريڪي ڊالرن ۾ هڪ سوٽ بہ پتلونون بہ قميضون ۽ بہ ٽايون ڏنيون وڃن ٿيون. ان قسم جا ڪئين سودا دوڪان تي لکيل آهن. گهڻو ڪري هي دوڪان سکن جا آهن ۽ انهن جا درزي چيني آهن. هنن جا اشتهار اهڙا سچا بہ ڪونہ آهن پر دوڪان ۾ اندر لنگهڻ کانپوءِ هو گراهڪ کي ٻاهر نہ ڇڏيندا آهن. اشتهاري سودي موجب هڪ ردي ڪپڙو ڏيکاريندا ان کي رد ڪرڻ کانپوءِ هڪدم بهتر قسم جو ڪپڙو ڏيکاريندا ۽ وري نئون اگهہ ان ڪپڙي جي لباس جو ٻڌائيندا. اسان تہ اتي اچي اٽڪي پياسين. سک نوجوان اصل ڇرڻ ئي نہ ڏئي. جيستائين اسان پنهنجي اڻ هوند هوندي بہ ڪجهہ خريد نہ ڪيو تيستائين جان نہ ڇٽي. پر وعدي مطابق ڪپڙا ٢٤ ڪلاڪن بدران اٽڪل ٣٦ ڪلاڪن کانپوءِ هوٽل تي پهچائي ويا. ان ئي علائقي ۾ ڪيترين ئي هندوستاني (اتر هندستاني -ڏکڻ هندستاني) پاڪستاني کاڌي جون ريسٽورنٽ آهن. پر کاڌو ڏاڍو مهانگو آهي. پر پنهنجي ملڪ کان پري پنهنجي ذوق جو کاڌو ملي وڃي تہ جڻ صحرا ۾ پاڻي ملي ويو. هڪ

ڪرڻ جو عمل شروع ٿيو آهي.

مسز سريڪانت ايسوسيئيشن جي مجموعي ڪارڪردگيءَ تي سلائيڊ شو Slide Show وسيلي تمام سٺي سمجهاڻي ڏني. ان ڪانپوءِ هن اداري ۾ قائم طعام خاني "ڦوڪٽو ۽ گوبي ريسٽورنٽ "Condome and Cabbage Restaurent ۾ منجهند جي ماني ڪاڌي سون.

ٿائيلينڊ، ٿائي سلڪ، ٿائي ڇوڪرين، ٿائي باڪسنگ، هيروئن عياشي جي اڏن ۽ شاپنگ ڪان مشهور آهي، هتي بادشاهت آهي جيڪا به بين بادشاهن وانگر نالي ماتر آهي. فوجي آمريت کان پوءِ هاڻي جمهوريت آهي. چند ڏينهن اڳ شاگردن جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ ٻه شاگرد مارجي ويا. ڏوهارين کي گرفتار ڪيو ويو پر انهن جو شڪليون فوٽو گرافرن کان لڪايون ويون. اخبارن سچو ڏوهه پوليس تي هنيو جن هن جهيڙي کي ٽارڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪيو ۽ آخر سڄي جوابداري پوليس تي اچي وئي ۽ واسطيدارن کان استعيفائون ورتيون وئي انهن تي تحقيقات شروع ڪئي وئي آهي.

ڏوڏيءَ (Poppy) جي پيداوار احَان ٿائين هتي ٿئي ٿي جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان جي ملڪ جهڙا اُپاءَ ورتا پيا وڃن!

جنسي ڪاروبار Sex Industry روز بروز وڌندڙ آهي. ان کي ثقافتي ورثو سمجهيو وڃي ٿو. هاڻي ته ڇوڪرن جا به اڏا آهن. جتي ١٥ سالن کان گهٽ عمر وارا به استعمال لاءِ موجود آهن. هن سبب ڪري هن وقت اٽڪل ڇهه لک ماڻهو ايڊس ۾ مبتلا آهن. هتي جي اٺ ڪروڙ آباديءَ لاءِ هيءُ وڏو انگ آهي جيڪو ٿائي ماڻهن کي جلد ختم ڪري ڇڏيندو.

هتي جون فوٽ پاٿ هوٽلون عام جام آهن جتي ڪافي سستو ۽ سٺو کاڌو ملي ٿو. پر اسان لاءِ کائڻ ممڪن ڪونهي جو اهو گهڻو ڪري سوئر جي گوشت ۽ چربيءَ سان ٺاهيو ويندو آهي.

هتي جي ٻهراڙين ۾ به ايتري غربت ڪانهي جهڙي اسان وٽ آهي. البت بئنڪاڪ جي شاهراهن تي ڪجهه اپاهج فقيرن کي به ڏٺسي سگهجي ٿو.

ان پس منظر ۾ به هتان جي سماجي واداري لاءِ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن کي پڪ آهي ته هو عنقريب ٿائيلينڊ کي گهڻو اڳتي وٺي ويندا.

باب ٽيون

# فلپائين جي غير سرڪاري تنظيمن جو دورو

٢٨ جولاءِ ١٩٩٣ع : بئنڪاڪ کان ٿائي ايئرلائين جي ٦٢٠ فلائيٽ ۾ منيلا لاءِ روانگي معمول مطابق ٿي. ٽن ڪلاڪن جو هي سفر بيحد وڻندڙ هو. منجهند جا سواءِ وڳا هئا ته اسان منيلا جي ايئرپورٽ تي هئاسون. فلپائين ڊيولپمنٽ اسسٽنس پروگرام (PDAP) جو نمائندو اچڻو هو، پر هو موجود ڪونه هو. ڪافي دير هن کي ڳوليندو رهيس. فون به نه ملي سگهيو. منهنجو سڄو پروگرام هن جي حوالي هو. هوائي اڏي تي انٽرنيشنل آرگنائيزيشن لاءِ هڪ الڳ ڪائونٽر آهي. هنن سان رابطو ڪرڻ جي دير هئي هنن جلدي انتظام ڪري ڏنو ۽ ٤٥ منٽن ۾ مسٽر اوگي PDAP پاران پهچي ويو. هن وٽ وقت تي نه اچڻ لاءِ سبب هئا پر مون کي هو عام پاڪستانيءَ وانگر لڳو.

منهنجو ايندڙ ڏهن ڏينهن جو پروگرام مليو ۽ اسان هوٽل طرف روانا ٿياسين. رستن تي ٽريفڪ جي پيهه ڪراچيءَ وانگر بي ترتيب هئي، ان ڪري هوٽل تائين پهچڻ ۾ ڪلاڪ ڪن لڳي ويو. گرمي ۽ گهم واري گرمي ڪراچي ياد ڏياري ڇڏي. صلاحي انٽرنيشنل هوٽل ٢٠ منزله عمارت آهي. هن جي بين ماڙ تي هتان جو مشهور ڪاسينو فلپينو آهي. ١٩ منزل تي جاپاني کاڌي جو طعام گاهه ۽ زمين واري طبقي تي ٣ طعام گاهه آهن. هيءَ هوٽل سمنڊ جي ڪناري تي منيلا ڪاري (BAY) جي سامهون بيحد خوبصورت علائقي ۾ آهي. هوٽل جي ڪمري اتر اولهه واري دريءَ ۾ سمنڊ جو نظارو ڪئين ننڍن وڏن جهازن سان بيحد دلڪش ٿو لڳي.

مارڪوس هن ملڪ تي ڪئين سال بادشاهت ڪئي. پر شاگردن، عام ماڻهن ۽ آخر ۾ فوجين جي هلچل وسيلي ويهين صديءَ جي هن ماڊرن ڊڪٽيٽر کي لاهي ڇڏيو ۽ مقتول مخالف ڌر جي رهنما جي گهر واري ڪوري اڪينو لڳ ڀڳ ساڳي وقت اقتدار سنڀاليو جڏهين پاڪستان ۾ بينظير ڀٽو وزيراعظم بڻي. هن ملڪ ۾ صدر جون ستيون چونڊون ٿينديون آهن. اڪينو جي دور ۾ فوج بغاوت ڪئي پر ڪامياب نه ٿي سگهي. هن وقت ملڪ جو صدر راموس آهي جيڪو مارڪوس جي فوج ۾ جنرل هو ۽ پوءِ هن عوامي مزاحمت جي مدد ڪئي، اجڪلهه هو پنهنجي صدارت جو ٻيو سال گذاري رهيو آهي. منيلا دنيا جي وڏن شهرن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن شهر ۾ ١١ ميونسپاليٽون آهن جن کي ملائي ميٽرو منيلا چون ٿا. هتي وڏا شاپنگ سينٽر ۽ سٺا شاهراهه آهن. پر شهر جا پراڻا حصا ۽ غريب علائقا گندا ۽ پنتي پيل آهن اسان واري هوٽل پاسئي (PASAY) ميونسپالٽيءَ جي علائقي ۾ آهي. هي بندرگاهه جو علائقو آهي ۽ سمنڊ سان لاڳو شاهراه هتي جو مشهور روئڪس بليوارڊ (ROAX BOULEVARD) آهي. هن علائقي جي گهٽين ۾ نائيٽ ڪلب ۽ چڪلا آهن. جن کي تازو ميئر جي حڪم سان بند ڪيو ويو آهي ان ڪري هاڻي هي گهٽيون ويران نظر اچن ٿيون.

هن شهر جي ٽريفڪ بي ترتيب ۽ پيهه عام منظر آهن مختلف هنڌن تي پهچڻ ۾ ڪلاڪ لڳيو وڃن. فليپنو، چيني، ٿائي ۽ جاپاني قسم جي کاڌن جا طعامگاهه آهن. تڪڙو کاڌو (Fast Food) عام جام آهي سوئر جو گوشت شوق سان کائين، ٩٥ سيڪڙو آدمشماري ڪيٿولڪ ڪرستان عقيدي سان سلهاڙيل آهي. هن علائقي ۾ آدم جي واڌ جو تناسب ٢٫٤ آهي (پاڪستان ۾ ٣٫٦)، ان جي پيش نظر صدر راموس خانداني منصوبه بنديءَ تي زور ڏيڻ جي پاليسي جوڙي آهي. ڪيٿولڪ ڪليسا ان جي سخت مخالفت ڪري پئي. هتي گهٽين شادين جو رواج آهي. پاسئي (PASAY) جي ميئر کي ٢١ زالون ۽ ٤٩ ٻار آهن.

٢٩ جولاءِ تي PDAP جي ايسوسيئيٽ ڊئريڪٽر مسَ تيس بايوم بانگ سان ملاقات ٿي هي ادارو ڪيناڊا جي ڪيترن ئي ادارن جي مدد سان قائم ڪيو ويو آهي پر CIDA خاص مددگار آهي. هتي جا ڇهه وڏا غيرسرڪاري ادارا (NGO's) هن پروگرام جا ميمبر آهن. اهي ئي ادارا هن پروگرام جي رهنمائيءَ هيٺ ترقياتي ڪمن ۾ حصو وٺن ٿا. مون کي

خشڪ نومبر ڪان فيبروري تائين ٿئي خشڪ ۽ گرم جيڪا مارچ ڪان مئي تائين آهي ۽ چوماسو جون ڪان آڪٽوبر تائين هلي جنهن ۾ سخت برساتون پون. ڇهہ ڪروڙ ٽيهہ لک ماڻهن جي هن ملڪ جا هڪ ڪروڙ ماڻهو ميٽرو منيلا ۾ رهن ٿا.

۳۰ جولاءِ تي مس گلوريا گونزالز Gloria Gonzalez سان ملاقات جو وقت هو هيءَ خاتون مون کي روايتي بيگمات وانگر لڳي بيحد فيشن ايبل غيرشادي شده وچ عمر جي خاتون ڳالهين ۾ پڙ ۽ سياسي طور حڪمران لڏي سان سلهاڙيل هئي. هيءَ خاتون ڪيساهانگ بوهائي فائونڊيشن (Kaisahang Buhay Foundation) جي صدر ۽ ايگز يڪٽو ڊئريڪٽر آهي. ان ڪانسواءِ پاڻ نيشنل ڪائونسل آف سوشل ڊيولپمنٽ (NCSD) جي صدر آهي.

نيشنل ڪائونسل آف سوشل ڊيولپمنٽ ۾ ٽن قسمن جا ميمبر گروپ آهن.

(الف) گروپ ميمبرس = هڪ سئو ويهہ ننڍيون تنظيمون هن جون ميمبر آهن.

(ب) انفرادي ميمبر : ايسوسيئيٽ، لائيف ۽ اعزازي ميمبر.

(پ) مددگار ميمبر : فرد يا ڪمپني جيڪي امداد فراهم ڪري سگهن.

هن ڪائونسل جا ڪم هن ريت آهن :-

1- غريب ماڻهن جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ Advocacy

2- مسئلن جي تحقيق. (Research)

3- رضاڪارن جي تربيت. (Human Resource Development)

4- خاص رٿائون. (Special Projects) جهڙوڪ :-

الف) رولو ٻارن جي سهائتا ۽ ترقي.

ب) ڇڏيل لاوارث ننڍڪن ٻارڻ جي سنڀال.

هن کي هنن مقصدن لاءِ يي ڊي اي پي، يونيسيف، ڪرسچن چائلڊ فنڊ ۽ فلپائين جي صدر جي خاص فنڊن مان مدد ملي ٿي. ڪيساهانگ بوهائي فائونڊيشن جا پڻ لاڳاپيل ڪم آهن. اهي غيرشادي شده مائرن، ننڍڪن ٻارن ۽ لڄالٽ جو شڪار ٿيل عورتن جي سهائتا ۽ نفسياتي مدد ڪن ٿا. هيءَ فائونڊيشن ٻارن ۽ مائرن جي سنڀال لاءِ هڪ ڪلينڪ ۽ هڪ ٻارن جي سنڀال جو مرڪز (Day - Care Centre) هلائي ٿي.

مس گلوريا ڪليسا جي راهبہ طور پنهنجي جواني گذاري. تعليمي طور پاڻ سوشل ورڪ ۾ نفسيات ۾ ماسٽر آهي. هاڻي رهبانيت ترڪ ڪري ڪيترن سالن کان ڏکويل ۽ ندڙکن ماڻهن جي مدد لاءِ ڪل وقتي ڪارڪن طور ڪم ڪري ٿي. صدر راموس جي ڀيڻ سينيٽر شاهاڻي سان گلوريا جي دوستي آهي. سينيٽر شاهاڻي اصل ۾ ڊاڪٽر ٽيٽيشيا راموس آهي جنهن پيرس مان تقابلي ادب ۾ ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي ۽ هوءَ ڪيترن سالن کان فلپائين جي پرڏيهي کاتي جي ملازم رهي چڪي آهي ۽ ان عرصي ۾ فلپائين جي سفير پڻ رهي آهي ۽ اقوام متحده جي نوڪري ۾ بہ رهي آهي. سندس گهر وارو انجي شاهاڻي هڪ هندوستاني ليکڪ ۽ پروفيسر هو (نالي مان اهو شخص سنڌي نسل جو لڳي ٿو) انجي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي. ٽيٽيشيا نوڪري ڇڏي سياست ۾ آئي آهي ۽ هن وقت سينيٽر آهي.

سينيٽر شاهاڻيءَ فلپائين جي ماڻهن جو اخلاق سڌارڻ ۽ حوصلو بلند ڪرڻ لاءِ هڪ تحريڪ شروع ڪئي هي جنهن جو نالو ڪاباسگ عوامي تحريڪ (Kabasig Peoples Movement) آهي. هن جو مشن فلپينو ماڻهن جو حوصلو واپس ورائڻو آهي. هن تحريڪ کي سيپٽمبر ١٩٩٢ع ۾ صدر راموس پاران صدارتي حڪم هيٺ لاڳو ڪيو ويو آهي.

گلوريا، منجهند جي ماني هڪ جاپاني طعام گاهہ "شياسي" ۾ ڪارائيندي هن تحريڪ جي سموري ڄاڻ ڏيندي رهي. گلوريا وٽ پنهنجي ڪم جي حوالي سان ڪيئن خواب هئا، جيڪي هن جي ظاهري روپ کان مختلف هئا. سندس دلچسپ پرعزم ڳالهين کي اڌ ۾ روڪي اسان کي ٻئي منزل طرف وڃڻو پيو.

ادائي وڳي آسيسي ڊيولپمنٽ فائونڊيشن "Assisi Development Foundation" جي پروجيڪٽ ڊئريڪٽر مسٽر بيماردو ڪيٽا لونا "Mr. Bemardo Cataluna" سان سندس دفتر ۾ ملاقات هئي. هيءَ فائونڊيشن سينٽ فرانس آف آساسي ڪيٿولڪ فائونڊيشن اٽليءَ جي شاخ آهي. هن فائونڊيشن جو بنيادي ڪم روحاني ترقي کي هٿي ڏيڻ آهي. ان کانپوءِ مادي ترقيءَ جي مختلف پهلوئن تي ڪم ڪن ٿا جهڙوڪ

1- زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جي تربيت.
2- ننڍن ڪاروبارن لاءِ قرض مهيا ڪرڻ.
3- صحت ۽ علاج جي مسئلن ۾ مدد ڪرڻ.

-4 تعليم ۽ اخلاقي تربيت ڪرڻ.
-5 هارين لاءِ گڏيل کيتي جو انتظام ڪرڻ.
-6 سماجي اڏاوت لاءِ ڪم ڪرڻ.
-7 روحاني تعليم ڏيڻ.

هنن ڪمن ڪرڻ لاءِ هنن کي کيتري ئي ماڻهن مذهبي ڪم کي زور وٺائڻ لاءِ رقمون ڏنيون آهن جيڪي هڪ فند طور بئنڪ ۾ جمع آهن ۽ ان موڙي تي ملندڙ نفعي مان هي ادرو هلي ٿو. ان ڪانسواءِ PDAP پڻ هن اداري جي مدد ڪري ٿي.

مسٽر ڪاتولانا بيحد پرخلوص پاڻ ارپڻ جي جذبي سان پُرِ ۽ رلٺو ملٺو شخص هو ساڻس ملاقات ڏاڍي مزيدار رهي.

هن فائونڊيشن پاران هڪ چانورن چڙڻ جي مل قائم ڪئي وئي آهي. جيڪا هارين جي فيڊريشن هلائي ٿي. ان ڪانسواءِ مڇي پالڻ جا تلاءَ پڻ قائم ڪيا ويا آهن. هيءُ ادارو مڇي سڌيءَ طرح پرڏيهہ اماڻي ٿو. ان ڪانسواءِ هي ادارو مختلف ڳوٺاڻن تنظيمن لاءِ تربيت جو انتظام پڻ ڪندو آهي. جيئن انهن ادارن کي ڏنڌي جي انتظام ڪاري ۽ مالي معاملات جي ڄاڻ ڏيئي سگهجي.

هن اداري کي اميد آهي تہ هو پلاوٽن ۽ دلالن جي استحصال کان پاڪ واپاري نظام جوڙي وٺندا جيئن بهراڙيءَ جو غريب پنهنجي اپت کي سڌو سئون شهري مارڪيٽ ۾ وڪڻي سگهي ۽ لاڀ حاصل ڪري. ان لاءِ اهو ضروري آهي تہ هنن کي پنهنجي بئنڪ هجي. هن فائونڊيشن جو صدر رضاڪار آهي ۽ ويٽيڪن سٽي حڪومت جو سابق سفير آهي. هنن وٽ ٦ ڪل وقتي ملازم آهن.

## ٣١ جولاءِ ١٩٩٣ع

صبح جو سويرئي "توتو" اچي پهتو، هيءَ اسان جو گائيڊ آهي. ميزبان ايسوسيئيسن پي ڊي اي پي وارن پاران هيءَ اسان جي مدد ۽ رهنمائيءَ لاءِ مقرر ٿيل آهي. اسان جي منزل "بلاڪان" ڳوٺ هئي. هيءُ ڳوٺ ميٽرو منيلا کان ٩٠ ڪلو ميٽر پري آهي. ڏيڍ ڪلاڪ جي مسافري آهي. پر منيلا مان صبح جو نڪرڻ وڏي تڪليف ده ڳالهہ آهي ٽريفڪ جا مونجهارا هتي جي عام ڳالهہ آهي. رستن جي صورت حال بہ ڪا چڱي ڪانهي ڪجهہ وڏن شاهراهن کي ڇڏي باقي سڀ رستا اهڙا سنا

مان ڪنييون ڦٽي نڪرنديون آهن. هڪ ٿيلهي مان اٽڪل ٣ سئو گرام ڪنييون نڪرن ٿيون جن کي وري جديد طريقن سان هٿي جون عورتون پلاسٽڪ جي سنهڙين پنين ۾ سيل مهر ڪنديون آهن. هن ئي ڳوٺ مان هي ڪنييون سڌيون وڏن شاپنگ سينٽرن ۾ وڪري لاءِ موڪليون وڃن ٿيون.

هن رٿا لاءِ ٽيس جي اداري بنيادي موڙي ڏني هئي. هن فارم ۾ عورتن کي ڏهن کان پندرهن هزار پيسو ماهانه ڪمائي ٿئي ٿي. اسان هن فارم جي مڪمل معلومات حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مسٽر ٽيس جي خاندان سان ڪجهه وقت گذاريو ۽ پويان پير ڪيا.

منيلا ۾ ڪيترائي وڏا شاپنگ سينٽر آهن جن ۾ وڏي ۾ وڏو شومارٽ ميگا مال آهي. هيءُ پنهنجي جاءِ تي دوڪانن جو هڪ وڏو شهر آهي جنهن ۾ ڪيئن طعام گاهه، سينمائون، ٻارن جي راند جو جايون، سوين دوڪان ۽ سپرمارڪيٽ آهن. هن شاپنگ مال کي هڪ ڏينهن ۾ ته ڏسي نه ٿو سگهجي. هي مال منيلا جي بيحد خوبصورت علائقي مڪاتيءَ ۾ آهي. هن مال جي پرسان جڳ مشهور رابنسن ڊپارٽمنٽل اسٽور آهي، هن علائقي کي فلپائين جي وال اسٽريٽ پڻ چون ٿا. ڇاڪاڻ جو وڏا واپاري ادارا، سفارت خانا ۽ آفيس پلازا هن ئي علائقي ۾ آهن. ساموندي ڪناري واري علائقي ۾ فلپائين جو ڪلچر سينٽر ۽ انٽرنيشنل ڪنوينشن سينٽر آهن. هتي ئي اسٽار سٽي، ڳوٺاڻن هنرن جي مارڪيٽ ۽ راندين لاءِ کليل ميدان آهن.

پهرين آگسٽ اڄر جو ڏينهن عام موڪل جو ڏينهن آهي. مسٽر توتو صبح جو گاڏي ڪٺي آيو ۽ اسان کي گهمائڻ لاءِ وٺي نڪتو.

ننوائي اڪينو بين الاقوامي هوائي اڏي جي سامهون نايانگ فلپينو (Nayong Philpino) (فلپينو ڳوٺ) آهي. جنهن ۾ فلپائين جي ٽن مکيه ٻيٽن لوزان (Luzon)، وساياس (Visayvas) ۽ مندانائو (Mandinao) جي تهذيب ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جا ماڊل آهن. هر علائقي جي روايتن مطابق ڪکن کانن جي جهوپڙي ٺهيل آهي ۽ ان ۾ اتي جي هٿ جي هنر جا نمونا رکيل آهن. هنن ٽن مکيه ٻيٽن کانسواءِ ٻيا به ڪيئن ننڍڙا ٻيٽ آهن ۽ مختلف قسمن جا ماڻهو هن ملڪ ۾ رهن ٿا.

حقيقت ۾ فلپائيني ماڻهو ملئي نسل سان تعلق رکن ٿا ۽ مندنائو وارن جي وري انڊونيشي ماڻهن سان نسلي مشابهت آهي. هتي اسلامي

تبليغ جو سلسلو انهن علائقن کان آيل ڏسجي ٿو ۽ ڪجهہ قافلا هندوستان کان پڻ آيل آهن. تگالو ۾ ملئي زبان جا پڻ اکر آهن.

فلپائيني ڇهہ سئو سال کان اسپين جي غلاميءَ ۾ رهيا آهن جن کان هيءَ علائقو ٻي جنگ عظيم ۾ جاپانين ڦريو. جاپانين جنگ هارائي تہ هيءَ علائقو آمريڪا جي تسلط هيٺ اچي ويو.

فلپائين ست هزار هڪ سئو ستن ٻيٽن تي مشتمل ٣ لک ڪلو ميٽر ايراضيءَ تي ڦهليل آهي. جنهن مان ٣٤ هزار ٥ سئو ٣٩ ڪلو ميٽر سامونڊي ڪنارو آهي. هن کي پئسفڪ سمنڊ، فلپائين سمنڊ، ڏکڻ چيني سمنڊ، سولو سمنڊ ۽ ڪيليبس سمنڊ لڳن ٿا. هن ملڪ جي آدمشماري ٦٣ ملين آهي جن مان ڏهہ ملين يعني هڪ ڪروڙ ماڻهو صرف منيلا شهر ۾ رهن ٿا. هن ملڪ ۾ ١١ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. تگالو هتي جي عام زبان آهي ۽ ان کي فليپنو پڻ سڏين ٿا.

انگريزي سرڪاري ٻولي آهي ۽ عام طور ڳالهائي وڃي ٿي ۽ تعليم جي ٻولي آهي، اسلام هتي چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ پهتو ۽ اڄان ڏکڻ واري علائقي منڊنائو ۾ آهي جتي مورو لبريشن فرنٽ الڳ ملڪ لاءِ جدوجهد ڪندو رهي ٿو، تازو هتي بمن جا ڌماڪا پڻ ٿيا آهن. حڪومت جي چواڻي تہ هاڻي مسلمانن سان هڪجهڙائيءَ وارو ورتاءُ ڪيو پيو وڃي ان ڪري ڪو مسئلو ڪونهي، پر اخبارن ۾ ڇڪتاڻ جون خبرون اچن پيون.

ڪيٿولڪ عيسائي مذهب هتي ١٥٦١ع ۾ آيو ۽ هن وقت ٩٥ سيڪڙو ماڻهو عيسائي آهن.

منيلا جي هن ثقافتي ڳوٺ ۾ اترين پهاڙي علائقي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ وارو علائقو پڻ ناهيو اٿن ۽ اتي پائين جا وڻ هنيا اٿن جيڪي ڪافي ٻڳها آهن. هن سامونڊي شهر ۾ هي پهاڙي وڻ ڪيئن قائم رهيو آهي اهو حيرت انگيز آهي. پهاڙي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي بيحد سادي ۽ غريباڻي آهي. ساڳئي طرح ڏکڻ جي علائقي ۾ رهندڙ مسلمان غريب مهاڻا آهن. انهن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ اسلامي طرز موجود آهي. هتي هڪ نسلي عجائب گهر (Ethnology Museum) آهي جنهن ۾ مختلف نسلن جي ماڻهن جا لباس، زيور، هٿ جا هنر ۽ هٿيار ڏيکاريل آهن. مسلمانن جي سازن ۾ وڏا دهل ۽ نغارا آهن جيڪي آفريڪي ماڻهن جي سازن جهڙا لڳن ٿا.

چٽيون ۽ محراب ٺهيل آهن. هڪ طرف اوپن ايئر ٿيئٽر پڻ آهي. هن ٺي پارڪ ۾ قومي ڏينهن جي فوجي پيريڊ ٿيندي آهي. جنهن لاءِ پڻ اسٽيڊيم ٺهيل آهي. منيلا جي گُتيل شهر ۾ هيءَ هڪ بيحد توانائي بخشيندڙ علائقو آهي.

۲ آگسٽ ۱۹۹۳ع
ايسوسيئيشن فائونڊيشن منيلا :

مس انگوڪيونان سان ايسوسيئيشن جي آفيس ۾ ملاقات ٿئي ٿي، اتي تعارف دوران مسٽر جيس بالگوس سان ڳالهه ٻولهه ٿئي ٿي هيءَ تازو پاڪستان ويو هو ۽ سنڌ ۾ گهڻو وقت رهيو. پاڪستان ۾ هيءَ سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ لاهور جي اداري جو مهمان هو ۽ سنڌ ۾ سافڪو جي جناب سليمان ابڙي وٽ رهيل هو.

هن فائونڊيشن جا ۱۱۹ ميمبر آهن. جيئن نالي مان ظاهر آهي هن فائونڊيشن جا ميمبر صرف فائونڊيشن ۽ ايسوسيئيشن آهن. هيءَ اصل ۾ هڪ رابطا ڪائونسل وانگر ادارو آهي ۽ هتي جي مشهور اداري فلپائين ڊيولپمنٽ اسسٽنس پروگرام (PDAP) جو ميمبر آهي ۽ اقوام متحده جي ترقياتي اداري (UNDP) پاران ميزبان اين جي او طور ڪم ڪري رهيو آهي. هيءَ فائونڊيشن پنهنجي ميمبر ادارن وسيلي پيئڻ جي پاڻي، صحت، تعليم ۽ رولو پارن جي سهائتا جون رٿائون هلائي ٿي ان ڪانسواءِ ننڍن ڪاروبارن لاءِ قرض مهيا ڪري ٿي.

تازو (ڪوري حڪومت) لوڪل گورنمينٽ ڪوڊ ۾ ترميمون ڪري ان ۾ اها گنجائش پيدا ڪئي آهي تہ مڪاني رٿابندي ۽ ترقياتي ڪميٽين تي گهٽ ۾ گهٽ ۲۵ سيڪڙو نمائندگي اين جي اوز کي ڏني ويندي. ان نظام کي هلائڻ لاءِ مڪاني حڪومت جي ڪارندن سرڪاري آفيسرن سوشل ڊيولپمنٽ آرگنائيزرس کي تربيت ڏيڻ لاءِ پڻ هيءَ ادارو چونڊيو ويو آهي. هن اداري کي ويهه هزار سرڪاري عملدارن کي غيرسرڪاري رضاڪار تنظيمن سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻو آهي.

ان ڪانسواءِ تازو حڪومت (Philippine Council on Strategic Development) جوڙي آهي. جنهن ۾ سرڪار جي مختلف کاتن جي نمائندن ڪانسواءِ نمائندا ڳوناٺين ۽ غيرسرڪاري تنظيمن مان ڪنيا ويا

آهن. هيءَ ادارو ماحول جي ترقيءَ متعلق ريو ڊي جنيرو ڏرتي ڪانفرنس جي حوالي سان رٿابندي ڪندو ۽ صدر مملڪت کي مشورا ڏيندو. هن ايسوسيئيشن جو صدر پڻ هن ڪائونسل جو ميمبر آهي.

ايسوسيئيشن فائونڊيشن رابطي ڪانسواءِ مختلف رضاڪار تنظيمن جي تربيت پڻ ڪري ٿي جنهن لاءِ CIDA فنڊ مهيا ڪيا آهن. هيءَ ادرو تنظيمن جي اهليت وڌائڻ لاءِ هيٺين اسمن لاءِ تربيت ڏئي ٿو.

1- حڪومت سان ڪيئن ڳالهہ ٻولهہ ڪجي.

2- قانوني مسئلن جي آگاهي.

3- زرعي مسئلن جي جاڻ.

4- مستحڪم ترقيءَ جا اصول.

5- علائقائي ترقيءَ جي انتظام ڪاري.

6- تنظيم ڪاري جي تربيت.

ان ڪانسواءِ ننڍن قرضن جو نظام پڻ فائونڊيشن هلائي ٿي. ان مطابق ٥ ڳوٺاڻن جو ننڍڙو گروپ چونڊيو وڃي ٿو ۽ سڀ کان وڌيڪ مستحق کي ننڍي ڪاروبار لاءِ قرض ڏنو وڃي ٿو باقي چار انتظار ۾ آهن. پهريون قرض واپس ڪندو تہ ٻئي جو وارو ايندو. ان ريت بنا ضامن ۽ گروپ جي ڳوٺاڻن جي مجموعي ۽ اخلاقي طاقت وسيلي هي قرض اڳاڙيا وڃن ٿا. تجربي مطابق هي نظام ڪامياب ٿيو آهي ۽ قرض جي واپسي ممڪن ٿي آهي.

Asian NGO Coaliation for Agarian Reform and Rural Development.

"زرعي سڌارن ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ جي غيرسرڪاري تنظيمن جي ايشيائي رابطہ ڪائونسل" هن ڪائونسل کي "اينگاڪ (ANGOC) پڻ چون ٿا.

هن اداري جي ڊپٽي ايگزيڪٽو ڊائريڪٽر مسٽر ڊيوڊ انگلس سان ملاقات ٿي هيءَ ڪائونسل ١٩٧٩ع ۾ قائم ٿي ۽ منيلا ان جو هيڊ ڪواٽر آهي. هن ڪائونسل جا ٩ ملڪ ميمبر آهن جن ۾ فلپائين، ٿائلنڊ، بنگلاديش، هندوستان، پاڪستان، نيپال، سريلنڪا، انڊونيشيا ۽ ملائشيا شامل آهن. پاڪستان ۾ هن رابطي جو ميمبر رورل ڊيولپمنٽ فائونڊيشن آف پاڪستان آهي جنهنجو دفتر اسلام آباد ۾ آهي پر ان اداري جي خبر مون کي هتي اچي پئي آهي. سنڌ ۾ تہ شايد ان اداري جو ڪو ڪم ڪار ڪونهي هن اداري جا هيٺيان ڪم آهن.

١) ١٩٧١ع ۾ منعقد ٿيل زرعي سڌارن ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ تي عالمي ڪانفرنس ۾ ٿيل فيصلن تي عمل درآمد ڪي جاچڻ.
٢) ان سلسلي ۾ علائقائي ڪانفرنسون ڪوٺائڻ.
٣) مختلف ملڪن ۾ ڳوٺاڻي ترقيءَ جا مضبوط ادارا جوڙڻ ۾ مدد ڏيڻ.
٤) مختلف ميمبر ملڪن جي وندن جي متاستا ۾ تربيت.
٥) ڳوٺاڻي ترقيءَ متعلق مواد جي تياري.
هن اداري جي ساليانې جنرل اسيمبلي ٿئي ٿي.
٣ آگسٽ ١٩٩٣ع فلڊرا (Phildrra)

هن اداري جي ايسوسيئيٽ ڊئريڪٽر مسٽر جوئل پاگسانگم سان ملاقات لاءِ سندن دفتر جيئن ئي پهتاسين ته اچي سخت برسات پئي. هتي به لوڊشيڊنگ جو گهڻو رواج آهي ۽ بجلي ٤ کان ٦ ڪلاڪن تائين بند رهي ٿي. ان کي Brown out چون. منيلا ۾ بجليءَ جي تمام گهٽي ڪوٽ آهي. ايندڙ هفتي کان ٨ ڪلاڪن لاءِ براؤن آئوٽ ٿيندو. هن اداري پاڻ کي ڳوٺاڻي ترقيءَ لاءِ مخصوص ڪيو آهي هن جي خيال ۾ فلپائين جي سٽر سيڪڙو آبادي غربت جي لپيٽ ۾ آهي. هيءُ ادارو پڻ اين جي اوز جي رابطا ڪائونسل طور ڪم ڪري ٿو.

**هن جا ٣ مکيه ڪم آهن:**
١) ڳوٺاڻي ترقي لاءِ منصوبه بندي ڪرڻ.
٢) ترقيءَ لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ.
٣) ادارن کي مستحڪم ڪرڻ.

هن دوستن سان سندن Project ٢٠٠١ (رتا ٢٠٠١) متعلق دلچسپ ڳالهه ٻولهه ٿي.

هن رتا هيٺ هي رضاڪار تنظيمن جي نمائندن جي سياسي تربيت ڪن ٿا ۽ ڪين لوڪل ڪائونسلن جي چونڊن ۾ لڙائين ٿا پر سندن NGO غير جانبدار رهي ٿي. هي نمائندا پاڻ کي پراجيڪٽ ٢٠٠١ جا ميمبر سڏائين ٿا. هڪ اين جي او جو اهڙو ساٿي هن وقت ليوزان جي ميونسپالٽيءَ جو ميئر آهي. هن هن رتا جو خاڪو جوڙيو آهي جنهن مطابق علائقي جي اين جي اوز پاران رتائن جي نشاندهي ٿئي ٿي. اهي رتائون مقامي ترقياتي ڪائونسل (Local Development Council) ۾ ويندبون آهن جتي ٢٥ سيڪڙو ميمبر اين جي اوز جا هوندا آهن ۽ ٧٥

سيڪڙو ميمبر سرڪاري ڪاتن جا عملدار هوندا آهن. هتي رٿائون منظور ڪري مقامي قانون ساز ڪائونسل Local Legislative Council ڏانهن امڻيندا آهن. هي ڪائونسلون ضلع سطح تي هونديون آهن. ان ڪائونسل جا سپ ميمبر چونڊيل هوندا آهن. هتان منظور ٿيڻ ڪانپوءِ رٿا صوبائي يا قومي حڪومت ڏي موڪلي وڃي ٿي ان ريت رٿائون هيٺيان ڳوٺاڻي سطح کان تيار ٿي مٿي وڃن ٿيون ۽ سپ طبقا رٿابنديءَ ۾ شامل ٿين ٿا. فلبرا ساليانا جنرل اسيمبلي ڪوٺائيندي آهي جنهن ۾ ميمبر تنظيمن جي رٿائن تي بحث ٿيندو آهي ۽ پاليسي جوڙي ويندي آهي.

فلپائين ۾ ۱۳ علائقا آهن جيڪي ۷۵ صوبن ۾ ورهايل آهن. ملڪ ۾ ۱۵ سئو ميونسپاليٽون آهن. ڳوٺاڻن علائقن جو يونٽ (ضلع ڪائونسل) کي بارانگئي سڏيو وڃي ٿو.

هر صوبي ۾ هڪ رٿابندي ڪائونسل آهي جنهن ۾ سرڪاري، غير سرڪاري تنظيمن ۽ خانگي تنظيمن جا نمائندا هوندا آهن. فلبرا جي هڪ مقصدي ڪميٽي آهي جنهن تي ميمبر تنظيمن جا ماهر ميمبر هوندا آهن هيءَ ڪميٽي، زرعي سڌارن، سياسي سجاڳي ۽ انساني وسائل جي تربيت ڪندي آهي. هيءُ ادارو هيٺين تربيت جي ڪمن ۾ ماهر آهي:
۱) تنظيمي تشخيص، ۲) شراڪتي عمل لاءِ ڪوجنا، ۳) زرعي سڌارا، ٤) رٿابندي، ٥) غيرمراعاتي طبقن جو ترقيءَ ۾ حصو، ٦) تنظيم جي مقصد ۽ منزل.

## معاشي ترقياتي فائونڊيشن
(Economic Development Foundation.)

٤ آگسٽ ۱۹۹۳ع: صبح جو هن فائونڊيشن جي دفتر مڪاتي منيلا ۾ فائونڊيشن جي نائب صدر انتظام مسٽر روميو مسڪاردو سان ملاقات جو وقت هو. هن فائونڊيشن جو بنياد ۱۹٦٤ع ۾ فلپائين جي ۳۰ واپاري ڪمپنين وڌو هو. هن فائونڊيشن جو ڪم پنهنجي ميمبر ڪمپنين لاءِ مارڪيٽ جي ڪوجنا ڪرڻ ۽ مختلف رٿائن جي عملي صورت ناهڻ ۾ رهنمائي ڪرڻ هو. هن فائونڊيشن لاءِ هر هڪ ميمبر ڪيمٽي پنهنجي صافي فائدي مان ہ سيڪڙو رقم هر سال ڏيٺي ڪئي. آمريڪي امداد واري اداري شروعاتي طور هنن کي تربيت ۽ پروفيشنل مهارت لاءِ

قرض ڏنو. هي هنوقت واپاري ڪمپنين ڪانسواءِ حڪومتي ادارن ۽ غيرملڪي مددگار ادارن جهڙوڪ اقوام متحده جي ترقياتي اداري ۽ ڪئناڊين ترقياتي اداري جي مقامي ڪارڪن کي تربيت پڻ مهيا ڪن ٿا. هن جي تربيتي مهارت هيٺين شعبن ۾ آهي:

١) پيداواري ۽ ڪارخانيدار ڪمپنين جي انتظام ڪاري.
٢) ڳوٺاڻي ترقي.
٣) سٺ سماءَ جي جاڻ.
٤) تربيت.
٥) پاليسيءَ متعلق ڪوجنا خصوصاً حڪومت جي مختلف پاليسين تي تحقيق.
٦) ادارن جي انتظام ڪاري.

هن اداري جا ١٥ ميمبر بورڊ آف ٽرسٽيز تي آهن جيڪي چونڊيا ويندا آهن ۽ ميمبر ڪمپنيون چونڊينديون آهن. هن فائونڊيشن جو صدر جيڪو اداري جو سربراهه هوندو آهي اهو ڪل وقتي ملازم هوندو آهي. هن فائونڊيشن وٽ ٦٠ ڪل وقتي ملازم آهن ۽ هڪ سئو ماهرين جز وقتي خدمتن لاءِ موجود آهن. هن فائونڊيشن اڳتي هلي PBSP يعني فلپائين بزنس فار سوشل پروگرام نالي هڪ گهڻ مقصدي اين جي او جوڙي. هن جماعت لاءِ بنيادي رقم هن فائونڊيشن ڏني. هن وقت هيءَ اين جي او فلپائين جي ايتري مشهور تنظيم آهي جيتري اسان وٽ آغاخان فائونڊيشن آهي. ڏکڻ اوڀر ايشيا جي علائقي ۾ واپاري تنظيمن پاران سماجي ترقيءَ لاءِ مربوط ۽ بنيادي ڪم ڪرڻ لاءِ هن اداري اڳواٽي ڪئي آهي. هن کان اڳ ٿائي واپارين جي انجمن جو پڻ ذڪر ٿيو آهي. انهن پڻ هن تجربي کي سامهون رکي اهڙا ادارا کوليا آهن.

اسان جي پياري پاڪستان ۾ واپاري ڪمپنين پنهنجي دولت کي خيراتي ادارن تي خرچ ڪرڻ کي اوليت پئي ڏني آهي پر ترقياتي رٿابندي وسيلي گهڻن ماڻهن لاءِ روز گار، معاشي وسيلا پيدا ڪرڻ طرف گهڻو ڌيان نه ڏنو آهي. اسان جي ملڪ ۾ پنهنجا مالي وسيلا بي انت آهن پر اهي عام ڀلائيءَ ۽ سماجي جاڳرتا بدران خيرات طور استعمال ٿين ٿا ته جيئن معاشرو فقيرن، نادارن ۽ معاشي اپاهجن تي مشتمل هجي. مثال طور اسلام ۾ زڪوات جو عمل ناداري ختم ڪرڻ جو هڪ بيحد موثر طريقو آهي. زڪوات ڏيڻ جو مقصد مستحق کي صاحب نصاب بنجڻ ۾

مدد ڏيڻ آهي پر ان جي برعڪس اسان وٽ ننڍيون ۽ خسيس رقمون وڏي اشتهار بازيءَ سان وراهائڻ کي زڪوات سمجهيو وڃي ٿو. افسوس جو اهو سچ ڪونهي.

قصو ڪوتاهہ، ايڪانامڪ فائونڊيشن جي انتظام ۾ ڪم ڪار سمجهڻ دوران منجهند جي مانيءَ جو وقفو ٿي ويو. فائونڊيشن جي صدر جناب وڪٽر ٽيلر قرب ڪري مڪاتيءَ جي هڪ خوبصورت جاپاني سامونڊي کاڌي واري طعام گاهہ "ننڊو" ۾ مانجهاندي جي دعوت ڏني. پرڏيهہ ۾ ڪوپاہوهہ سان سڏي تہ جواب ڏيڻ يا انڪار جي گنجائش باقي نہ ٿي رهي. جاپاني طعام گاهہ جو خيال ايندي ئي سامونڊي مخلوق جا قسمين قسمين روپ سامهون اچي ويا. جاپانين ۾ "ڪچي مڇي" هڪ بيحد لذيز کاڌي Delicacy طور مروج آهي. هن کان اڳ ٻہ ڀيرا منيلا ۾ اهڙي هڪ طعام گاهہ ۾ وڃي ڦاٿو هوس. پر هن طعام گاهہ جو روپ ئي ٻيو هو. هتيءَ تمام شاندار ريسٽورنٽ هئي. طعام شروع ڪرڻ کان اڳ ننڍڙيون سنهيون مڇيون ۽ ڪميون ترپل Starter طور پيش ڪيون ويون. انهن سان وري ڪچي مڇي سُرڪي جي لاڳ سان جا ڳالهہ ڪجي! سچ پڇو تہ اهو کاڌي جو عجيب تجربو هو. شروي (سوپ) ۾ ڳانگٽ ۽ مڇي هئي پر ڏاڍو مزيدار هو. منيلا جي يادگيرين ۾ هن منجهند جي مانيءَ جي يادگيري هميشہ رهندي.

منجهند جي مانيءَ کان پوءِ ايشين انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمنٽ Asian Institute of Management جي ڊپٽي ڊين مسٽر اليجاندرو فريرا سان ملاقات جو وقت هو. هيءَ جڳهہ مشهور ادارو پڻ مڪاتيءَ جي علائقي ۾ آهي ۽ طعام گاهہ کان سڌ پنڌ تي هو. پهچڻ ۾ ديرئي نہ لڳي. هيءَ ادارو انتظام ڪاري جي علمن ۾ ايشيا جو مشهور ادارو آهي. هن اداري ۾ واپار ۽ معاشيات جي انتظام ڪاري کان سواءِ ترقي De-velopment جي انتظام ڪاريءَ جي مهارت لاءِ پڻ سکيا ڏني وڃي ٿي. هن اداري ۾ ترقي ۾ ماسٽرس (ايم بي ايم) پڻ ڏني وڃي ٿي. جنهن لاءِ هڪ سال جو اڪامتي ڪورس آهي. ان ڪانسواءِ هڪ مهيني جا ننڍا ڪورس Programme for Development Managers. پڻ منعقد ڪيا وڃن ٿا. ايشيا جي مختلف ملڪن ۾ پڻ اهڙا ڪورس منعقد ٿي سگهن ٿا. مسٽر فريرا ساڻ مون پاڪستان ۾ اهڙن ڪورسن متعارف ڪرڻ جي امڪانن تي بحث ڪيو. هن اداري جا فارغ التحصيل ماهر مون کي ٿائيلينڊ ۾

بنگلاديش ۾ مليا هئا. ان ڪري مون اهو سمجهيو تہ هن اداري جي ڪورسن کي جيڪڏهن پاڪستان ۾ منعقد ڪجي تہ ان تي نسبتاً گهٽ خرچ ايندو. مسٽر فريرا سان ڳالهہ ٻولهہ ڪان پوءِ هن خوبصورت اداري جا مختلف حصا ڏٺم. هن ۾ فيڪلٽي جو دفتر، لائبريري، ڪلاس روم، رهائشي هاسٽل ۽ ڪيفي ٽيريا آهن.

**٥ آگسٽ ١٩٩٣ع :**

اڄ هڪ پراجيڪٽ ڏسڻ لاءِ شهر کان ٻاهر وڃڻو هو. پر ان رٿا جي انچارج خاتون بيمار ٿي پئي ان ڪري پروگرام منسوخ ٿي ويو. اسان مسٽر توت Apounar To To سان گڏ شهر گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو. مسٽر توتو BSC Criminology (ڏوهن جي سڃاڻپ واري وگيان جو گريجوئيٽ) آهي. سندس پيءُ پوليس آفيسر آهي پر پاڻ پوليس ۾ وڃڻ نٿو گهري سندس خواب آهي تہ مشرق وسطيٰ جي ڪنهن ملڪ ۾ ٽرالر ڊرائيور بنجي. سندس ماءُ ڪيس اجازت ڪانہ ٿي ڏئي. دراصل سندس محبوبا اجڪلهہ ڪنهن عرب ملڪ ۾ نوڪري پئي ڪري ان ڪري بہ هن کي ان طرف وڃڻ جو اتساهہ آهي. جيستائين هو مائٽن کي مڃائي "محب" پيڙو ٿئي تيستائين هتي P.DAP ۾ جزوقتي گائيڊ ۽ ڊرائيور جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏئي ٿو.

پندرهين صدي عيسوي ڌاري فلپين ماڻهو پاسگ ندي (Pasig) جي ڪناري گهرڙا ٺاهي رهندا هئا. هنن ماڻهن جو وڏيرو راجا سليمان هو. هي نديءَ ڪناري وارو ننڍڙو شهر ان وقت بہ ايشيائي وکر جي واپار جو وڏو مرڪز هو. راجا سليمان پنهنجي لاءِ هڪ ڪوٽ (قلعو) جوڙايو هو. امڪان آهي تہ هي ماڻهو مسلمان هئا. هن سڪئي سٽابي شهر جو امن ۽ سک اسپيني ماڻهن جي ڪاهن تباهہ ڪيو. اول مارٽن ڊي گوٽي (Martin De Goiti) ۽ ان ڪانپوءِ لوپيز ڊي ليگازپي طالع آزمائي ڪئي ۽ راجا سليمان جي ڪوٽ کي ٻہ دفعا ساڙيو ويو هڪ دفعو مارٽن پاران ۽ ٻيو پيرو شڪست کائڻ ڪانپوءِ مقامي ماڻهن قلعو ساڙي پنهنجي سڪئي سٽابي ماتر ڀوميءَ کي هميشہ لاءِ ڇڏي ڏنو ۽ اسپيني حملي آورن کي رک ٿيل وٽاڻ ڏنا. ٢٤ جون ١٥٧١ع تي ليگازپي منيلا جي شهر جو بنياد وڌو ۽ هيءُ شهر مشرق ۾ اسپيني رياست جو ايندڙ ٣ سئو سالن تائين دارالحڪومت بنيو. چورن مٿان مور جي مصداق چيني ۽ جاپاني بحري

اڄ اسان ان ماضيءَ جي ڪاڪ محل کي گھمڻ نڪتا آهيون. گاڏي هڪ هنڌ بيهاري فورٽ سنتياگو ڏسڻ وياسين. هيءُ قلعو راجا سليمان ١٦ صدي عيسويءَ ۾ جوڙايو هو. هن قلعي کي موجوده شڪل ۾ اسپين جي قبضي ڪندڙن آندو. هن وقت هن قلعي جو گھڻو حصو ڊٺل حالت ۾ آهي. ٻئي جنگ عظيم دوران جاپانين هن قلعي تي قبضو ڪيو ۽ ان جي تہ خانن ۾ فلپائين جي سياسي ڪارڪنن کي بند ڪيو جن مان ٤٥ ڪارڪن بک اڃ ۽ ساهہ گھٽجڻ سبب مري ويا. انهن تہ خانن جي سامهون هنن نامعلوم ماڻهن جي يادگيريءَ ۾ "ڪراس" جونشان لڳل آهي. قلعي جي هڪ پاسي کان منيلا جي پاساءِ ندي وهي رهي آهي. جيڪا منيلا ڪاريءَ ۾ چوڙ ڪري ٿي. قلعي ۾ هڪ ٻہ ماڙ عمارت چڱي حالت ۾ محفوظ ڪيل آهي. هن عمارت جي هڪ حصي ۾ ڊاڪٽر جوس رزال کي قيد ڪيو ويو هو. اهو هن جو موت گھر (Death cell) هو، جتان کيس ٢٠ ڊسمبر ١٨٩٦ع صبح ٧:٠٣ وڳي تي بندوق بازن آڏو آندو ويو. ان وقت ڊاڪٽر رزال جي عمر ٣٥ سال هئي. هن وقت هن عمارت ۾ هن قومي بهادر اڳواڻ جي زندگيءَ جا يادگار محفوظ آهن.

ڊاڪٽر رزال طب جي تعليم ورتي ۽ اکين جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر هو. هن فلپائين جي اسپيني غلاميءَ کان متاثر ٿي ٻہ مشهور ناول لکيا. جنهن مان هڪ جو نالو Noli me Tangere (مون کي نہ ڇُهو) آهي. ڊاڪٽر رزال سٺو چترڪار ۽ شاعر هو. يورپ مان تعليم مڪمل ڪري هو منيلا آيو ۽ هن اسپيني آقائن خلاف هڪ مظاهري ۾ حصو ورتو سندس باغيانہ خيالن سبب کيس ملڪ بدر ڪيو ويو. جلاوطنيءَ کان واپس ورڻ تي هن کي حڪمرانن خلاف هڪ خفيہ جماعت ناهڻ جي ڏوهہ ۾ موت جي سزا ڏني وئي. هن پنهنجي زندگي جا آخري ڏينهن هن عمارت ۾ گذاريا. فلپائين جي عام ماڻهن کي هن عظيم قوم پرست اڳواڻ لاءِ وڏي عزت آهي.

هن عمارت مان نڪري اسان Catholic Cathedral of Manila وياسين جيڪا هتي جي وڏي ۾ وڏي ۽ پراڻي گرجا آهي ۽ ١٦ صديءَ ۾ جڙي راس ٿي. هن جي پرسان گورنر جنرل جي پراڻي آفيس آهي. جنهن ۾ هن وقت ٻہ سرڪاري دفتر آهن. گرجا جي پوئين گھٽيءَ کي "اصل گھٽي Real Street" چون ٿا جنهن کي ١٩ صدي عيسوي واري حالت ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي. هن گھٽيءَ ۾ پٿر جي سرن سان فرش بندي ٿيل آهي.

گهرن ۾ ڀاهران شمعدان لڳل آهن ۽ عمارتن جو نمونو پڻ ساڳيو ئي آهي. ان گهٽيءَ ۾ هڪ اصل طعام گهر (Real Restaurent) ۾ مانجهاندو ڪيوسين.

هن ڪانپوءِ ڪجهه پنڌ ڪري قومي عجائب گهر ڏسڻ وياسين هن عجائب گهر جي پهرين منزل تي مصوريءَ جا خوبصورت نمونا رکيل آهن. جنهن ۾ هڪ تمام وڏي پينٽنگ (Painting) آهي جيڪا جوان ليونا "Juan Luna" جي آهي. هيءُ ١٩ صديءَ جو چترڪار هو ۽ ڊاڪٽر رزال جو هم خيال ۽ دوست هو. لڳي ٿو ته رزال کي چترڪاري جو شوق پڻ هن کان مليو. هن وڏي چتر ۾ اسپيني قابضن جا فلپني ماڻهن تي ظلم نقش ٿيل آهن. جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته اسپيني فوجي، فلپيني قيدين کي زنجيرن ۾ ٻڌي زمين تي گهلين پيا. هيءَ تصوير 30x20 فوٽ جي ٿيندي. عجائب گهر جي ٻين حصن ۾ آثار قديم، عمارت سازي، ٻوٽن، جانورن متعلق معلومات ۽ ٻرندڙ جبلن متعلق ڄاڻ وارا حصا آهن. عجائب گهر جي سامهون ستي هال جو منارو نظر اچي ٿو. هتان نڪري پارڪن جي هڪ دلچسپ باغ ۾ وياسين جتي ڪيترن ئي اڻ لڀ جانورن جا مجسما ٺهيل آهن ۽ انهن جي وچ ۾ وڻ گل ٻوٽا آبشار ۽ ڦوهارا بنيا ويا آهن.

٦آگسٽ ١٩٩٣ع:

اڄ گهمڻ ڦرڻ لاءِ هڪ سياحي گروپ سان گڏ روانا ٿياسين. اسان جي گروپ ۾ ڪل ڇهه ماڻهو هئاسين. جن مان ٤ برطانوي ٣ عورتون ۽ هڪ مرد. پر عام برطانوي وانگر پنهنجي ۾ پورا ۽ ڪنهن سان به ڳالهائڻ پنسد نه ڪندا آهن. اسان جي منزل تاگا تئي Tagy Tay هئي. هيءُ هڪڙو ننڍڙو پهاڙي شهر آهي.سٺ ڪلو ميٽر منيلا کان پري آهي پر شهر جي خطرناڪ ٽريفڪ مان نڪرڻ ۾ وقت لڳي ويو. ايڪسپريس هاءِ وي تمام سٺا آهن. هن شهر جي ويجهو دنيا جو ننڍي ۾ ننڍو ٻرندڙ جبل آهي. هن جبل کي Taal Volcano چون ٿا. هن جبل جي چوٽيءَ تي به هڪڙي ڍنڍ آهي. هيءُ ١٩١١ع ۾ پهريون ڀيرو ڦاٽو هو ۽ آخر ڀيرو ١٩٧٦ع ۾ ڦاٽو هو. ڏاڍو خطرناڪ آهي.

هن جبل کان ٿورو پري هڪ هوٽل جي بالڪنيءَ مان ويهي هن جو نظارو ڪري سگهجي ٿو. جبل جي چوءَ طرف خوبصورت منظر آهي. ڇهڇ گهاٽا وڻ ۽ سڄو سرسبز علائقو آهي. هي علائقو ٧٠٠ ميٽر سمنڊ

جي سطح کان مٿي آهي. مانجهاندي ڪانپوءِ هن خوبصورت پراسرار واديءَ کي خدا حافظ چئي واپسيءَ جو سفر شروع ڪيوسين منيلا ۾ مسافرن جي عام استعمال جي سواري کي جيپني Jeepny چون ٿا هيءَ جيپ جي منهن سان اسٽيشن ويگن آهي جيڪا ڍڪيل آهي. ماڻهن جي چڙهڻ جو رستو پويان آهي. هي هتي سواريءَ جو سڀ کان سستو ذريعو آهي. هيءَ گاڏي پڻ فلپائين ۾ مقامي طور ٺاهي وڃي ٿي. هن گاڏيءَ جي باڊي جست جي پڙهن مان ٺاهين. انجن اسوزو جي ڊيزل لڳاين. هيءَ گاڏي لک کن رپين ۾ ٺهي وڃي ٿي.

واپسيءَ جي سفر ۾ اسان هنن گاڏي ٺاهڻ جو هڪ ڪارخانو ڏٺو جنهن ۾ باڊي، بينچون ٺاهڻ رنگ روغن، سينگار جو سامان لڳايو وڃي ٿو. هن ڪارخاني ۾ وڃي ائين لڳو جڻ ته ڪراچيءَ جي شيرشاهہ واري علائقي ۾ اچي ويا آهيون. هتي ننڍيون جيپون خانگي استعمال لاءِ پڻ ٺاهيون وڃن ٿيون جيڪي ٧٠ کان ٨٠ هزار رپين ۾ پون ٿيون. جيپن جي ڪارخاني ڪانپوءِ اسان جي ٻئي منزل لاس پيناس Las Pinas شهر هو. هي شهر منيلا جي ڀرواڙيءَ جو شهر هو. ننڍو سهڻو ۽ صاف شهر، جنهن ۾ اسڪول، ڪاليج آهن ۽ پرپور شهري زندگي نظر اچي ٿي. هتي هڪ پراڻو گرجا گهر آهي. هي عبادت گاهہ زلزلي ۾ تباهہ ٿي چڪو آهي ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ پڻ هن کي هاڃو رسايو آهي. هن گرجا ۾ هڪ سئو سال پراڻو واڄو (Organ) آهي جيڪو بانس مان جڙيل آهي. ان جا سڀ حصا بانس جا آهن. هن کي به ڪيئن پيرا زماني جي ڏولاون نقصان رسايو، ١٩٧٥ع ۾ جرمنيءَ مان هن جي مرمت ڪرائي هن کي پنهنجي جاءِ تي لڳايو ويو آهي.

**٧ آگسٽ ١٩٩٣ع :**

اڄ منيلا ۾ آخري ڏينهن آهي. سڀاڻي صبح جو وطن روانگي آهي. اڄ PDAP سان آخري گڏجاڻي رکيل هئي پر صبح سان ئي فون تي اطلاع مليو ته ايگزيڪٽو ڊئريڪٽر گڏجاڻي لاءِ اچي نه ٿو سگهي ان ڪري پروگرام منسوخ. هن گڏجاڻيءَ لاءِ مون ٣ ڏينهن انتظار ڪيو. هوٽل وارن کي بل ٺاهڻ جو چئي اسان منيلا جي وڏي ۾ وڏي شاپنگ سينٽر SM Mega Mall روانا ٿياسين. هيءَ هوٽل کان گهڻو پري آهي ۽ وسيع ترين شاپنگ سينٽر آهي جنهن ۾ سوين دوڪانن، ٦ سينما گهر ۽ اٽڪل هڪ

سئو ننڍا وڏا طعام گاهه آهن. اسان کي اجوڪو ڏينهن گذارڻو هو ان ڪري هڪ فلم ڏسڻ هليا وياسين ۽ ڪلاڪ ات گذاري دوڪانن جي درين جو ديدار ڪندا رهياسين. ميڪڊونالڊ جي برگر لنچ ڪري، دوڪان ماپيندا خوابن ۾ ماڙيون اڏيندا وقت کي ماريندا رهياسين.

منيلا اڄ آخري رات آهي. هتي جي زندگيءَ ۾ سياحن لاءِ عورت، شراب ۽ عياشي آهي. باقي ڪا دلچسپي ڪانهي. ڪجهه سياحن جا مرڪز ڪافي پري آهن. جتي وڃڻ لاءِ هڪ ڪان وڌيڪ ڏينهن گهرجن پر اتي به ترڻ لاءِ سامونڊي ڪنارو ۽ پاڻيءَ جي مختلف راندين جون دلچسپيون آهن جن سيني کان اَئون ناواقف آهيان. ڪاسينو فليپنو هن ئي هوٽل ۾ آهي پر ان ۾ به وڃڻ نه ٿي سگهيو.

هتي هڪ شيڪي ريسٽورنٽ آهي. اتي شام جو چانهه پيئڻ وياسين بيرياڻيءَ کي چيوسين ته Hot tea with milk (چانهه گرم کير سان) جو هتي ٿڌي چانهه Iced Tea جو رواج آهي يا وري سليماني چانهه ليمي جي رس سان پيش ڪئي ويندي آهي. پر پاڻ واري دود پتي يا ڪٽنگ چانهن هتي ڪٿي. سومائي صاحبه چانهن جي ٻن ڪوپن سان گڏ به وڏا گلاس کير جا پري ڪٺي آئي. هاڻ ڇا ڪجي کير جو ٿڌو گلاس پي مٿان سليماني چانهه پئي چانهه جي روايت پوري ڪئي سون.

هتي به سائيڪل رڪشا عام سواري آهي پر اها پراڻي شهر جي گهٽين ۾ نظر ايندي. آٽورڪشا جي ڊزائين مختلف آهي. موٽر سائيڪل جي پاسي کان ٻن ماڻهن جي ويهڻ لاءِ ڇڪو ڳنڍيل هوندو آهي.

شهر جي گهٽين ۾ غريب ماڻهن جون جهوپڙيون عام جام نظر اچن ٿيون. ڪجهه علائقا تمام ماڊرن آهن. جيئن ايالا اوينيو جنهن کي هتي جا ماڻهو نيو يارڪ سڏين.

هتي هوٽلن ٻاهران ننڍڙا ٻار پنندي نظر اچن ٿا. اسان جي هوٽل پرسان هڪ مشهور طعام گاهه Aristocrat آهي جنهن ۾ جاپاني کاڌو ملي ٿو. ان جي ٻاهران ڪيئن ٽيڪسين وارا بيٺا آهن. جيڪي عربي ۾ هميشه سلام دعا ڪندا هئا، رات جو گهمائڻ لاءِ دعوت ڏيندا رهندا آهن. هنن جي خيالن ۾ آئون ڪو عرب سڳورو هئس. بهرحال هنن جي تمنا پوري ٿي نه سگهي.

فلپائين ۾ هن وقت راموس صدر آهي. ٢١ آگسٽ ١٩٨٣ع تي جمهوري تحريڪ جو سرواڻ ننوئي اڪينو جيئن منيلا ايئرپورٽ تي

پهتو تہ ماريو ويو هو. ان وقت مارڪوس راڄ ڌڻي هو. اڄڪلهہ منيلا انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي ننوئي اڪينو جي نالي منسوب ڪيو ويو آهي.
هتي جي اخبارنٌ ۾ هن اهم قومي اڳواڻ جي شخصيت تي روزانہ مضمون شايع ٿين پيا. هن جي زال ڪوري اڪينو جمهوري تحريڪ جي سرواڻي ڪئي ۽ ڊڪٽيٽر مارڪوس جو خاتمو آيو. راموس ڪوريءَ جي ان وقت مدد ڪئي. راموس ان وقت فوجي جنرل هو.

هاڻي خبرون آهن تہ راموس دراصل مارڪوس جو ويجهو عزيز آهي. مارڪوس جي پٽ کي تازو سفارتي پاسپورٽ جاري ڪيو ويو آهي تہ جيئن آمريڪا مان پنهنجي پيءُ جو مڙهہ ڪڻي اچي تہ ان جي تدفين فلپائين ۾ ٿي سگهي.

ماڻهو ان خيال جا آهن تہ ١٩٧٣ع تائين فلپائين ڏاڍيءَ ترقي ڪئي ۽ جاپان جي مقابلي تي پهچي ويو هئو پر پوءِ مارڪوس خاندان جي لوٽ هن ملڪ کي ڦري فقير ڪري ڇڏيو.

هن وقت حڪومت خانداني منصوبہ بنديءَ جي تحريڪ هلائي پئي هن جي آباديءَ وڌڻ جو تناسب ٢.٤ سيڪڙو آهي (پاڪستان جو ٣.٦ سيڪڙو آهي). جيتوڻيڪ ڪيٿولڪ عقيدي جا ماڻهو هن رٿابنديءَ جي خلاف آهن.

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ دوران جاپانين، فلپينو، چينيءَ، انڊونيشي عورتن کي فوجين جي جنسي گهرجن لاءِ زوريءَ استعمال ڪيو هو. ان سلسلي ۾ تازو جاپاني وزيراعظم فلپيني ماڻهن کان معافي ورتي آهي، جيڪا فلپيني حڪومت قبول ڪري ورتي آهي. پر اهي متاثر پوڙهيون عورتون ان کي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن. هنن جو مطالبو آهي تہ ڪين ان ڏاڍائيءَ جو معاوضو ڏنو وڃي.

هتي جي اخبارن ۾ اڄڪلهہ هڪ لڄالت ۽ قتل جو ڪيس وڏين سرخين سان شايع ٿئي پيو. يونيورسٽيءَ جي هڪ ڇوڪري ۽ ان جو دوست مارجي ويا آهن. هن ڪيس ۾ هڪ شهر جو ميئر ۽ هڪ صوبي جي پوليس جي سربراهہ جو پٽ ملوث آهن. ميئر کي معطل ڪيو ويو آهي. پوليس جي سربراهہ استعيفا ڏني آهي تہ جيئن هو پنهنجي پٽ جو بچاءُ ڪري سگهي. صدر مملڪت حڪم ڏنو آهي تہ ان ڪيس جي مڪمل جاچ ڪري اصل ڏوهارين کي سزا ڏني وڃي. ان کانسواءِ صدر صاحب بدعنوانين کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪميٽي جوڙي آهي جنهن جو سربراهہ

نائب صدر آهي. هن ڪميٽي ڪي مختلف شعبن جي سربراهن خلاف الزامن جي جاچ ڪرڻ جو ڪم ڏنو ويو آهي.

بجلي هتي جو ہہ هڪ وڏو مسئلو آهي جنهن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ هي مختلف ملڪن ڪان مدد حاصل ڪري رهيا آهن. تعليم ٨٧ فيصد آهي (پاڪستان ۾ ٣١ فيصد) ماڻهو عام طور انگريزي ڳالهائي سگهن ٿا. تگالو عام ماڻهن جي ٻولي آهي.

هن سفر ۾ منهنجو سات منهنجي نندي پٽ لطيف ساگر ڏنو هڪ مهيني جو سفر ڏاڍو مزيدار رهيو آهي. اسان مختلف موضوعن تي بحث ڪيا آهن. ساگر جون ڪجهہ تجويزون هتي لکڻ ضروري آهي.

١) سنڌي ٻوليءَ جي مڪمل ڊڪشنري ڪانهي جنهن ۾ سائنس ۽ ٻين جديد علمن متعلق نوان اکر ۽ معلومات هجڻ گهرجي.

٢) سنڌي ٻوليءَ جو نصاب جيڪو اسڪولن ۾ پڙهايو وڃي ٿو، اهو بلڪل ناڪافي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي تعليم هڪ عام رواجي آهي، جنهن مان ٻوليٰ ثقافت ۽ قومي ورثي جي ڪاہ جاڻ ڪانہ ٿي ملي، ان ڪي بدلائڻ گهرجي. حڪومت اهو نٿي چاهي تہ ٻوءِ خانگي اسڪولن ڪي ائين ڪلاس تائين پنهنجو نصاب تيار ڪرڻ گهرجي جيڪو شاگردن جي طلب پوري ڪري سگهي.

٣) سنڌي ميڊيم اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نيئن نصاب ڪانسواءِ سائنس جا سڀ مضمون انگريزيءَ ۾ پڙهايا وڃن. سماجي اڀياس ۾ سنڌ متعلق تفصيلي جاڻ هئڻ گهرجي.

٤) سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف سائنس جي علمن تيٰ ڪتاب هئڻ گهرجن جيئن عام ڳوٺاڻو ماڻهو جيڪو سنڌي پڙهي لکي سگهي ان ڪي جديد علمن جي جاڻ ملي.

٥) سنڌ ۾ نايانگ فليپنو جهڙو هڪ وڏو سياحي ڳوٺ جوڙڻ گهرجي جنهن ۾ مختلف علائقن جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، هنر تهذيب ۽ ثقافت جو عڪس هجي هيءُ علائقو سياحن لاءِ وڏي ڪشش رکي سگهي ٿو.

ساگر هن وقت نائين ڪلاس جو امتحان ڏئي مون سان سفر تي نڪتو آهي.

٨ آگسٽ: صبح سان سخت طوفاني برسات شروع ٿي وئي آهي. اڄ منجهند جو وطن واپسي آهي. فلائيٽ انفرميشن ٻڌايو تہ ان خراب موسم هوندي ہہ جهاز وقت تي ويندو.

سخت برسات ۾ توتو اسان جو گائيڊ ١١:٠٠ وڳي اچي ويو ۽ اسان واپسيءَ جو سفر شروع ڪيو.

# منيلا ۾ سماجي ترقياتي انتظام ڪاري جي تربيت

**۳ نومبر ۱۹۹۵ع**

صبح جو ٽين وڳي ڪراچي هوائي اڏي تان ٿائي ايئرلائين جي پرواز ۾ روانو ٿيان ٿو. هن ڀيري هڪ مهيني لاءِ منيلا جي ايشيا انسٽيٽيوٽ آف مئينجمنٽ ۾ انتظام ڪاريءَ ۾ ڊپلوما ڪرڻ وڃي رهيو آهيان.

آڌي رات هئڻ سبب جهاز جون بتيون وسايون وڃن ٿيون ته جيئن ننڊ ڪري سگهجي. پر اڄڪلهه اسان واري ننڊ به ايڏي سستي ڪانهي جو ائين جلدي ۾ اچي سات ڏئي. پاڪستاني وقت مطابق ڇهين وڳي ناشتو پيش ڪيو وڃي ٿو. ان ڪان اڳ ننڊ اکرن جون ننڊيون ڦٽائڻ لاءِ جهاز جون بتيون ٻاريون ويون ۽ گرم ٽوال منهن ڌوئڻ لاءِ پيش ڪيا ويا.

پاڪستاني وقت مطابق صبح ساڍي ستين وڳي جهاز بئنڪاڪ پهتو. ان وقت اتي صبح جا ساڍا نو ٿيا هئا.

منهنجي منزل منيلا آهي ان ڪري ٿوري دير لاءِ هوائي اڏي جي انتظار گاهه ۾ ترسڻو آهي. موسم گرم آهي ۲۵ سينٽي گريڊ اڄ جو گرمي پد آهي. بس ۾ هڪ سنڌي نوجوان وڏي پاڇوهه سان مليو رات جي اوجاڳي ۽ ٿڪ سبب آئون هن ڪان ڪجهه به پڇي نه سگهيس ۽ سوچيم ته ايئرپورٽ لائونج ۾ هن سان ڳالهه ٻولهه ڪبي پر لائونج ۾ پهچڻ ڪان پوءِ هن کي ڳولي نه سگهيس شايد هن جي منزل بئنڪاڪ هئي. پرائي ڏيهه ۾ ڪو سنڌيءَ ۾ اچي مخاطب ٿئي ته ڪيڏو نه پيارو احساس آهي.

انتظار گاهه جي جاڻ ڏيڻ واري ڊيسڪ تي پتو پيو ته منيلا جي اڏام کي منسوخ ڪيو ويو آهي. ان ڪري هڪ ڏينهن بئنڪاڪ ۾ گذارڻو پوندو. لائونج ۾ بي بي سي تان ٻڌم ته منيلا ۾ اڄ هڪ وڏو سامونڊي طوفان اچڻ جو خطرو آهي ان کي Typhoon Angela چون ٿا. هن قسم جو طوفان ڏهن سالن ۾ هڪ ڀيرو ايندو آهي. هن ڀيري طوفان منيلا جي

پرپاسي واري سمنڊ ۾ اچڻ جو خطرو آهي ۽ وڏي علائقي کي ٻوڙي سگهي ٿو. ان ڪري اڄ منيلا جون سڄي دنيا مان ويندڙ اڏامون معطل ڪيون ويون آهن.

ساموندي طوفان تمام خطرناڪ ٿين ٿا. ١٩٧٠ع ۾ اهڙو طوفان مشرقي پاڪستان ۾ آيو هو جنهن جو مرڪز ڀاڙ سيال ضلع جو ٻولا ٻيٽ هو ان ۾ اندازً ڏهه لک ماڻهو مارجي ويا هئا. ان طوفان جي مچايل تباهيءَ کي مون اکين سان ڏٺو هو جو ان وقت پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن پاران هڪ طبي ڪارڪن جي حيثيت ۾ خدمت لاءِ اتي ويو هوس.

ٿائي ايئرلائين وارن منيلا جي مسافرن کي اماري ايئرپورٽ هوٽل ۾ رهايو. هيءَ هوٽل ايئرپورٽ سان هڪ وڏي Fly Over سان ڳنڍيل آهي. هيءَ هوٽل ڪيترين ايئر لائين گڏجي جوڙائي آهي.

شام جو خبرن ۾ بي بي سي منيلا ۾ آيل طوفان جا ڪجهه تفصيل ڏيکاريا. اهو طوفان اڄ منجهند ڌاري ٢٥٠ ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان آيو ۽ ايڏو زور وارو هو جو پاڻي جا جهاز ۽ موٽر گاڏيون پڻ اڏامي وڃي ميل پري ڪريون. ان طوفان سان گڏ سخت برسات پڻ پئي آهي. هتي بئنڪاڪ ۾ پڻ برسات پوي پئي. هڪ اجنبي شهر ۾ هوٽل جو ڪمرو ئي وڏو سهارو آهي. عام طور ماڻهو ٿائي ڳالهائين ٿا ۽ بيرا تمام ٿوري انگريزيءَ جي ڄاڻ رکن ٿا.

هوٽل ۾ مختلف طعام گاهه مختلف قسم جا کاڌا پيش ڪن ٿا.

هڪ سوئس، هڪ جاپاني ۽ هڪ ٿائي طعام گاهه آهن. ان ڪانسواءِ هڪ گڏيل کاڌي جوطعام گاهه آهي. ڊسڪو ڪلب ۽ بال روم هن هوٽل جا حصا آهن.

ڪمري ۾ ٽي وي ڏسڻ جي به قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي. رڳو مقامي چينل (جن تي ٿائي پروگرام اچن ٿا) مفت ۾ ڏسي سگهجي ٿو. ان ڪري هوٽل ۾ پيل ايشيا مخزن ئي ورونهه جو سامان بڻيو آهي. هن مخزن ۾ فلپائين جي سيوبڪ ڪاري Subic Bay متعلق هڪ دلچسپ مضمون شايع ٿيو آهي.

هن ڪاريءَ ويجهو هڪ مهاڻن جي بستي اولنگاپو Olongapo ۾ نيويارڪ جي نيويءَ جي هڪ سپاهي جان گاربن ١٨٩٨ع ۾ قدم رکيو. قسمت جا عجيب رنگ آهن هن جي پوٽي ڊڪ گاربن ٢٤ نومبر ١٩٩٢ع

تي سيو بڪ ڪاريءَ جي بحري آرماڙ جي ايڊمرل ٿامس مرسر جي خالي ڪيل آفيس ۾ "سيو بڪ بي ميٽرو پوليٽن اٿارٽي" (SBMA) جي چيئرمين جي حيثيت ۾ قدم رکيو.

پنجاهہ سالن جو بڪ گاربن سيوبڪ ڪاريءَ جي مسيحا طور ياد ڪيو وڃي ٿو. هن گذريل ٽن سالن ۾ هن بحري مرڪز کي هڪ خوبصورت ميٽروپوليٽن شهر جو روپ ڏنو. هن لاءِ صدر راموس جو چوڻ آهي تہ هيءُ هڪ "مثبت دانشور" (Positive Thinker) آهي. هن سان ڳالهائڻ طاقت جي دوا جو هڪ وزن پيئڻ آهي.

اپريل ١٩٩٣ع ۾ عالمي بئنڪ ٤ ڪروڙ ڊالر جو قرض هن اٿارٽيءَ کي ڏنو جيئن هن بحري اڏي کي هڪ خوبصورت شهر ۾ بدلجڻ لاءِ ماسٽر پلان جوڙي سگهجي. هن وقت سيوبڪ ڪاري جي فري پورٽ ۽ خاص معاشي زون جي علائقي ۾ ١٦٨ ڪمپنيون ڪم ڪن پيون. ٢٤ ڪلاڪ ڪم ڪندڙ هوائي اڏو ٢٧٤٤ ميٽر رن وي سان موجود آهي جتان بين الاقوامي اڏامون ٿي سگهن ٿيون. ڪاريءَ جي بندرگاهہ ۾ ڇهہ ست وڏن جهازن جي لنگر انداز ٿيڻ جو انتظام آهي. جتي سامونڊي طوفانن کان بچڻ جو انتظام پڻ ڪيل آهي. هتي هڪ ملائيشين ڪاسينو، ٣ وڏيون هوٽلون، لاتعداد طعام گاهہ، فيڊرل ايڪسپريس لاءِ ڪارگو هوائي اڏو، بجلي گهر (جيڪو واڌو بجلي منيلا کي وڪرو ڪري ٿو) گولف ڪورس (جيڪو تائيوان وارن جوڙيو آهي) گرانڊ پرڪس سرڪٽ ريس ڪورس انٽرنيشنل اسڪول ۽ ڪرسمس جي سينگار وارين شين کان وٺي ملٽري آرمرڊ ڪار تائين هر شيءِ تيار ڪرڻ جا ڪارخانا قائم ٿي چڪا آهن.

جاپان ۽ تائيوان هن علائقي ۾ تمام وڏا صنعتي علائقا قائم ڪرڻ وارا آهن. ان ڪانسواءِ گوربن ڪمپنيءَ ڊزني لينڊ ۽ وينس جهڙو هڪ ڳوٺ ٺاهڻ جو ارادو رکي ٿي جنهن ۾ وينس جا روايتي هوڙها Gondolas پڻ موجود هوندا.

جڏهين آمريڪي فوجي اڏا هتان پٽيا ويا تہ ٤٢ هزار فلپينو ماڻهن نوڪريون وڃايون هيون. هيستائين انهن مان ٢١ هزار ماڻهو واپس نوڪرين تي لڳي ويا آهن ۽ باقي بيروزگارن مان پڻ گهڻا تڏا ٩٥ع سال جي آخر تائين نوڪرين کي لڳي ويندا.

سيوبڪ بي هاڻي صاف گهٽين ۽ ٽريفڪ جي سخت قانون جو پابند

شهر بنجي ويو آهي. هتي جي حفاظتي نظام لاءِ آمريڪا جا تربيت يافتہ محافظ آهن.

ٻڪ گارٻن، جديد سينگاپور جي ابي لي ڪوان يي Lee Kuan Yew کان گهڻو متاثر آهي. ٻڪ چاهي ٿو تہ هي شهر هڪ نئون سنگاپور بنجي. انهيءَ خواب کي سنواري ٻڪ گارٻن ١٩٩٨ لاءِ فلپائين جي صدر لاءِ اميدوار آهي. هن جو خيال آهي تہ جيڪڏهين ماڻهن هن کي پسند ڪيو تہ ٢١ صديءَ ۾ هو فلپائين کي ترقيءَ جي معراج ڏانهن وٺي ويندو. اتارتيءَ جو چيئرمين بنجڻ کان اڳ هو اولنگاپو جو ميئر هو. ان جاءِ تي سندس گهرواري ڪيٽ ميئر آهي ۽ ڪيٽ جو سوٽ وائيس ميئر آهي. ٻڪ گورڊن جو ننڍو ڀاءُ جيمس هن تڪ مان ڪانگرس جو ميبر چونڊيو آهي. ان مان ظاهر آهي تہ هي خاندان سياست ۾ بيحد سرگرم آهي. ٻڪ گورڊن هڪ انٽرويو ۾ صاف طور چيو :

"of course people would say that the CIA would back some one surnamed GORDON, who has an American grandfather"

لاشڪ ماڻهو چوندا تہ سي آءِ اي اهڙي ماڻهوءَ جي پٺڀرائي ڪندي جنهن جي ذات گورڊن آهي ۽ ڏاڏو آمريڪي.

فلپائين ۾ انساني حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ فادر شي ڪيولن "Father Shay Cullen" ۽ محتسب جي وڪيل ڊيلا لانا جو خيال آهي تہ ٻڪ گورڊن هڪ سياسي بادشاهت جو بنياد رکي رهيو آهي جيڪا ايندڙ نسلن تائين هلندي.

٤ نومبر ١٩٩٥ع: بئنڪاڪ آماري ايئر پورٽ هوٽل صبح جو ناشتي تي خبر پئي تہ منيلا لاءِ فلائيٽ منجهند جي ٣:١٥ وڳي رواني ٿيندي. ان ڪري ڪمري ۾ ئي ڏينهن گذارڻو هو. بي بي سي تان سري لنڪا جي گهرو ويڙهہ تي هڪ پروگرام ڏيکاريو ويو. جنهن مطابق جافنا سڄي ملڪ کان الڳ ٿي ويو آهي. جافنا ۾ رهندڙ سوين سنهالي ان علائقي کي ڇڏي پنڌ ئي پنڌ محفوظ علائقن ۾ پهتا آهن جو تامل ٽائيگرس پاران پنهنجي علائقي تي ڪڙو ڇاڙهيو ويو آهي. ڪجهہ ڏينهن کان تامل ٽائيگرس معصوم سنهالي ڳوٺاڻن کي مارڻ شروع ڪيو هو.

٢ نومبر تي جڏهين ڪراچيءَ ۾ هوس تہ اتي جي شام وارين اخبارن ۾ ١٥ مزدورن کي اکيون ٻڌي مارڻ جون خبرون ڇپيون هيون. هتي ٣ نومبر جي ٿائيلنڊ پوسٽ ۾ پڻ اها خبر وڏين سرخين سان شايع ٿي

هئي. خبر مطابق حڪومت ان جو ڏوهه ايم ڪيو ايم تي هنيو آهي جڏهين تہ ايم ڪيو ايم پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد جو عزم ڪيو آهي. هن دردناڪ دهشتگرديءَ ۾ ماريل ماڻهو عمارت سازيءَ جا مزدور هئا جيڪي روزگار خاطر پنجاب کان آيل هئا ۽ ان لاءِ مهاجر ٽائيگر فورس جوابداري ڪنئي آهي. تامل ٽائيگرس ۽ مهاجر ٽائيگرس جو بنياد هندوستان سان لاڳاپيل آهي. ٻئي گروهہ پنهنجي مستقبل اڏڻ لاءِ سري لنڪا ۽ پاڪستان آيا هئا ۽ ٻنهي گروهن ڌرتيءَ ڌڻين سان بغض ۽ نفرت جو اظهار بندوق جي ناليءَ سان ڪيو آهي. ٻنهي هنڌن تي ڌرتي ڌڻي مصيبتن ۾ آهن ۽ ملڪن جي ترقي هن تشدد پسند ڪارروائين سبب رڪيل آهي. سياست ۾ دهشتگردي جي هن رجحان دنيا جو مستقبل خطري ۾ وجهي ڇڏيو آ هي. ڪجهہ ان قسم جو ڏهڪاءُ سوڊان ۽ يوگنڊا جي سرحدي علائقن ۾ شروع ٿيو آهي جتي يوگنڊا جا رومن ڪيٿولڪ سوڊاني مسلمانن جي تبليغ کان بيزار آهن ۽ سرحدي ڳوٺن مان مسلمانن کي سوڊان طرف ڌڪين پيا ۽ بهتان ٿا هڻن تہ سوڊاني، ڪرستانن کي ڏوريءَ مسلمان پيا بنائين.

اها صورت حال انسان جي مشترڪ مستقبل لاءِ ڊيڄاريندڙ آهي ۽ انسانن کي وري قبائلي ۽ جهنگلي قانون ڏانهن ڌڪي پئي. هن سيني واقعن جي پويان هٿيار بند گروهہ پنهنجي طاقت سان قانون ۽ حڪومتن جو مذاق پيا اڏائين. هي مسئلو صرف چند ملڪن جي پر امن. قانون جو احترام ڪندڙ ماڻهن جو ڪونهي پر اهو هاڻ بين الاقوامي مامرو بنجي ويو آهي، جنهن تي ڪيرسو ڇيندو؟

منجهند جي ماني ڪائي ايئرپورٽ پهتس، فلائيٽ لفتنسا جي هئي ۽ چئين وڳي رواني ٿي. جهاز اندران ڏاڍو خوبصورتي سان سجايل هو. جرمن ۽ انگريزي فلمون ڏيکاريائون. پوڻن ٽن ڪلاڪن ۾ منيلا جي هوائي اڏي تي پهتاسين. ان وقت منيلا ۾ رات جا پوڻا اٺ ٿيا هئا. هوائي اڏي جا ايئرڪنڊيشن بند هئا ۽ سخت گرمي هئي. سامان بہ هيٺ مٿي ٿي ويو. ان کي ڳولڻ ۾ چڱي دير لڳي. انسٽيٽيوٽ جو ڪوبہ نمائندو ڪونہ آيل هو. سنڌن ٻڌايل ٽيڪسي ڪمپنيءَ ٢٧٥ پيسو هوٽل تائين وڃڻ جا ورتا. هتي ڊالر جي قيمت ساڍا پنجويهہ پيسو آهي جيڪا حيرت انگيز آهي ١٩٩٣ع ۾ پڻ لڳ ڀڳ ساڳيو اگهہ هو!

ايئرپورٽ ٽيڪسي سسٽم تمام سٺو آهي. ٽيڪسي ڪمپنين جا

ڪائونٽرِ ايئرپورٽ تي آهن. اوهان هنن کي پنهنجو ڏس پتو ٻڌايو ٿا ڪمپيوٽر ۾ داخلا ڪري اوهان کي رسيد ڏيندا ۽ هڪ ڪاپي ٽيڪسي ڊرائيور لاءِ الڳ ڏيندا. هر ٽيڪسي سنڊيڪيٽ جو الڳ استان آهي جتي سنڊيڪيٽ جي نمائندا خاتون نمبروار ٽيڪسيءَ ۾ وهارينديون.

پاسي (Passay) روڊ جي وئيڪيشن هوٽل ۾ بوڪنگ هئي. وڏي مشڪل سان مهماندار خاتون کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي. ڪمرا اڳ ئي ٻن ٻن لاءِ بوڪ ٿيل هئا. آئون اڪيلو آيو هوس. طوفان سبب ايندڙن جو پروگرام هيٺ مٿي ٿي ويو هو. مون کي ڪنهن سان گڏ ڪمرو ملڻو هو پر ان وقت آئون اڪيلو پهتل هوس. خير ڪمري جي چاٻي ملي. شايد اڄ رات ڪو اچي ڪڙڪي.

ڪائونٽر تي هوس جو بجليءَ موڪلايو. هوٽل ۾ لفٽ به ڪانه هئي چوٿين فلور تي چاڙهيون چڙهي پهتس ڪمرو ننڍو ۽ گرم، ايئرڪنڊيشن نالي ماتر سروس بيڪار.

بجلي جهٽ اچي وئي رات جي مانيءَ جو چئي ويٺي انتظار ڪيم شڪر آهي ته ڪمري ۾ ٽي وي آهي جيڪو اسٽار جا پروگرام ڏيکاري ٿو.

**۵ نومبر ۱۹۹۵ع منيلا:**

You can kill a man, but not an idea

اڄ صبح ستين وڳي جي CNN جي شاهه سرخي، اسرائيلي وزيراعظم رابن قتل ٿي ويو ۽ شمعون پيروز قائم مقام وزيراعظم بڻجي ويو. گذريل رات رابن هڪ امن ريليءَ ۾ امن جو گيت پئي ڳايو هزارين ماڻهو سٽي اسڪوائر ۾ ساٿس گيت ڳائڻ ۽ نچڻ ۾ مصروف هئا. تمام ويجهي ڪان ٿيل فائر ۾ رابن ڪري پيو ۽ لاڏاڻو ڪري ويو. صدر ڪلنٽن هن کي صديءَ جو عظيم انسان سڏيو آهي.

منجهند جي ۱۲ وڳي ڏاري ڪورس جي سربراهه پروفيسر هرنانڊو آئي ۽ انسٽيٽيوٽ جي ڪارڪنن اسان کي مختلف گاڏين ۾ ۱۲:۱۵ ڌاري باگيو لاءِ روانو ڪيو جتي اسان کي هڪ مهيني لاءِ شاگردي ڪرڻي هئي. منهنجي گاڏي ۾ ۳ ٻيا دوست نائيجريا، ٿائيلنڊ ۽ ملائشيا جا هئا. اسان جو ڊرائيور وڪٽر هو جنهن جي خيال ۾ باگيو ۳:۳۰ ڪلاڪ ڪن جو سفر آهي.

جوموااد هو. اهو پڙهڻ کانسواءِ پهرئين ڏينهن جي ڪارروائي سمجهڻ ڏکيو ڪم هو.

### ٦ نومبر ١٩٩٥ع

اڄ سايي ائين وڳي افتتاحي اجلاس شروع ٿيو. جنهن ڪي فيڪلٽيءَ جي وائيس ٻين شروع ڪيو. نالا فلپيني ڏکيا ۽ وري ان جا اچار هو خود بہ عجب نموني اداڪن. اصل پتو نہ پيو. مثال طور وي ڪي يي، وڪٽر ڪي يڪٽر، هاٿي ڏيو منهن.

هيءَ ڪيمپس بيحد خوبصورت آهي. ١٩١٢ع ۾ ڪنهن "جان هي" (John Hay) صاحب پنهنجي ڪيمپ جو ڙي هئي ۽ ان سان گڏ هڪ خوبصورت گولف ڪورس پڻ ناهيو ويو هو.

صبح جو سج نڪري آيو آهي، تڏي شفاف. هوا گهلي پئي ۽ ڪراچيءَ جي زبان ۾ سخت سردي آهي.

باگيوسٽي (Bagio City) اتکل ٢٥٠ ڪلو ميٽر منيلا جي اتر ۾ آهي ۽ سمنڊ جي سطح کان پنج هزار فوٽ مٿي آهي. هيءَ جاءِ ١٩٠٣ع کان ٣٠ جون ١٩٩١ع تائين آمريڪي فوج جي قبضي هيٺ هئي جتي هتي جي ماڻهن کي اچڻ جي اجازت بہ ڪانہ هئي. ١٩٧٩ع ۾ هيءَ جاءِ عام ماڻهن لاءِ کولي ويئي. اڄ ڏينهن تائين هتي جي عام ٽيڪسيءَ کي اندر اچڻ جي اجازت ڪانهي، اندر اچڻ لاءِ خاص اجازت نامي جي ضرورت آهي.

هيءَ ڪيمپ ٢١٦ هيڪٽرن تي مشتمل آهي. هيءَ ڪيمپ هڪ جولاءِ ١٩٩١ع تي جڏهين فلپائيني حڪومت جي حوالي ٿي تہ انهن هن کي سياحت جي کاتي جي حوالي ڪيو. هن هتي هڪ هوٽل اگوروٽ لاج (Igorot Lodge) ۽ ڪيتريون ننڍيون ريسٽورنٽ قائم ڪيون. ان کانسواءِ هتي ڪيئن خوبصورت ڇهچ ساوا گولف ڪورس آهي. ترڻ جو تلاءُ ۽ ٻين راندين لاءِ سهوليتون آهن. هن ڪيمپ ۾ لائبرري، ميوزيم ۽ تحفن جوننڍو دوڪان آهي.

هر ڪمري ۾ بہ جڻا آهيون. مون سان گڏ مالديپ جو مسٽر ابراهيم رشاد آهي. ڏايو پلو ماڻهو نيڪ نمازي آهي ۽ ائين سمجهو تہ هڪ ننڍڙي ٻيٽ جو انتظامي سربراهہ آهي. بيحد شريف ۽ نهٺو ماڻهو پڪو نمازي ۽ سچو مسلمان.

هتي اچڻ کان وٺي وقت جو ڪاٿو ئي ڪونهي صبح جو سايي

ستين کان وٺي رات جو نو وڳي تائين مصروفيت رهي ٿي. هي انتظامڪاريءَ جا ڪورس ڏايا ٽڪائيندڙ ٿين ٿا. پر هنن يارن ان ۾ وڏي دلچسپي ورتي آهي.

جمعي جي ڏينهن نماز لاءِ خاص وقت ڏنو ويو هو. اسان پاڪستان، بنگلاديش، ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ مالديپ جا مسلمان، پڇائيندا وڃّي هڪ ننڍڙي غريبن جي پاڙي ۾ پهتاسون جتي هيسيل گدلا ٻار نظر آيا پئي. ڪچيون سنهيون گهٽيون ٿين جي ڇتين وارين جهوپڙين سان ڳتيل هيون ۽ انهن جهوپڙين جي وچ ۾ هڪ جهوپڙي "مسجد دعويا" هئي.

جهوپڙيءَ جي ٻاهران هڪ پلاسٽڪ جو واٽرڪولر رکيل هو. ان جي سامهون پيل پٿرتي ويهي وضو ڪري مسجد ۾ قدم رکيوسين. خطيب تگالو ۾ خطبو پڙهيو ۽ نماز پڙهايائين. عربيءَ جا اچار چٽا ۽ صاف هئا.

نماز تي ڳچ پاڪستاني شاگرد مليا جيڪي مختلف شهرن مان هتي ميڊيڪل ۽ انجينرنگ ۾ پڙهن ٿا. سندن چوائي ته هتي جو تعليمي معيار پاڪستاني يونيورسٽين جي مقابلي ۾ تمام سٺو آهي.

پهرئين جمع جي شام ڪورس جي شريڪن ۽ استادن جي گڏجاڻي هئي. هن سوشل شام جو خاص مهمان فلپائين ملٽري اڪيڊميءَ جو سپرنٽنڊنٽ ميجر جنرل رُڊولفو ايسترالڊو هو. اسان جي هن ڪورس ۾ ۱۱ ملڪن جا ساٿي شريڪ آهن. اڄ جي شام جي خصوصيت اها آهي ته هر هڪ پنهنجي ملڪ جي ثقافت جي حوالي سان راڳ يا ڊانس پيش ڪندو.

پروگرام دعا سان شروع ڪيو جيڪا فادر ايڊگر ڪئي.

ان کانپوءِ فلپائين جي گروپ هڪ مرحبائي گيت ڳايو. پوءِ بنگلاديش جي ساٿين ندين جو راڳ پش ڪيو. نيپال مان هڪ دوست اُتپ آهي جنهن ڏايي پياري انداز ۾ هڪ پردرد لوڪ گيت پيش ڪيو.

ملائيشيا جي دوستن هڪ مشهور ملي لوڪ گيت ڳايو ويتنامي دوستن پلاسٽڪ جي جڳن کي وڄائي موسيقي جي ڏاڪ جمائي. هندوستاني دوست جيڪو بنگال جي سر زمين سان لاڳاپيل آهي، ان پنهنجوئي هڪ انگريزي نظم پيش ڪيو جنهن ۾ اڪيلائيءَ جو شديد احساس اوتيل هو.

ان کان پوءِ مالديپ جي ساٿين پنهنجي ٻوليءَ ۾ قومي ترانو پيش

ڪيو ۽ ان جو انگريزي ترجمو ٻڌايو. هن ڪانپوءِ منهنجووارو هو.

هن سڄي تقريب جي ميزباني جا فرائض پڻ مون هتي جي هڪ خاتون اولائيو (Olive) سان گڏجي سرانجام پئي ڏنا. ان ڪري موقعي جو فائدو وٺندي پنهنجيٰ پياري سنڌ جو ذڪر ڪيو ان جي ترن ۾ نچندڙ اداس مورن جو گيت پنهنجي بي سري آواز ۾ آلاپيو "مور تو تلي "عجيب ڪيفيت ۽ جذبا منهنجي من ۾ اتمن جو سيلاب مچائي ويا.

نائيجريا جي سليمان چرچا ٻڌايا پر ماٺهو ڪليائي ڪونہ. انڊونيشيا جي دوستن پنهنجي سازن سميت فن جو مظاهرو ڪيو. آخر ۾ ٿائلينڊ جي دوستن چڱو چهچٽو مچايو. هن "قرقر سونٽو دبلي تي جيٽڪي" نموني جي راند پڻ ڪئي جنهن ۾ هڪ گيت ڳايو ويو.

فلپيني ملٽري اڪيڊميءَ جي آفيسرن پنهنجي سپرنٽينڊنٽ سان گڏ جي صبح جو سير (Morning Walk) ڊانس جي انداز ۾ پيش ڪيو. ڪل ۽ خوشيءَ جو هي ماحول ڪيتري دير تائين هلندو رهيو. اجنبي ديس ۾ اجنبي ماڻهن سان اوچتو هڪ مهيني جو گڏجي رهڻ جو تجربو خوشيءَ گاڏڙ حيرت وارو ٿئي ٿو.

### ١١ نومبر ١٩٩٥ع

چنڇر جو ڏينهن ڪورس جي پهرين هفتيوار موڪل جو ڏينهن هو. صبح جو سايي ائين وڳي فلپائين مَلٽري اڪيڊميءَ جي بس آئي ۽ ڪرنل ڪارلوس ڪارڊينائو (جيڪو اسان جو ڪلاسي آهي ۽ ڪلاس جي ڪاروباري ۽ انتظامي ڪميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويوآ هي. هيءُ ملٽري اڪيڊميءَ ۾ پروفيسر آهي) جي رهنمائيءَ ۾ اسان فلپين ملٽري اڪيڊمي روانا ٿياسين. ويهارو ڪن منٽن ڪان پوءِ اسان جنرل اسٽراڊو جي دفتر ۾ هئاسون. هن ملٽري اڪيڊميءَ ۾ ٽنهي فوجن (بري، بحري ۽ هوائي) جي ڪيڊٽن لاءِ بنيادي تربيت مهيا ڪئي وڃّي ٿي. هيءَ اڪيڊمي ١٩٣٦ع ۾ شروع ٿي اڪيڊميءَ ۾ داخلا انٽر پاس ڪرڻ ڪان پوءِ سخت مقابلي جي امتحان ۾ ڪاميابيءَ جي بنياد تي اچي وڃّي ٿي. چئن سالن جي ڪورس ۾ انجنيئرنگ، ڪمپيوٽر، مئنيجمنٽ، قانون، سياست، تاريخ، انصاف، انساني حق ۽ ٻيا ڪيئن ملٽري سائنس جا ڪورس پڙهايا وڃّن ٿا. ڪورس دوران ئي ڪيڊٽ هوائي ، بحري يا بري فوج ۾ وڃڻ جو فيصلوڪري ٿو. اڪيڊميءَ جي صدر دفتر ۾ وڊيو فلم وسيلي

اڳواٽي پڻ هڪ نوجوان خاتون جي حوالي هئي.
آخر ۾ جيڪي چهہ ڪيڊٽ سلاميءَ جي چبوتري تي آيا انهن ۾ پڻ هڪ خاتون هئي. صرف وارن مان خبر پئجي سگهي پئي تہ هوءَ نينگري آهي نہ تہ هن جو لباس، هٿيار ٽوپي سڀ مرداڻا هئا. هتي حسن جي راڻي کي سلامي ڏني وئي ۽ ڪيس اڪيڊميءَ پاران تحفا ڏنا ويا جن ۾ هڪ ڪپاهہ جو گڏو هن جي دلچسپيءَ جو مرڪز بنيو ۽ هن ان کي بيحد پيار مان پنهنجي گود آڇي! تقريب جي پڄاڻيءَ تي جنرل صاحب ڪان موڪلائي اسان پنهنجي ڪيمپس روانا ٿياسين.
منجهند جي مانيءَ کانپوءِ باگيو گهمڻ جو پروگرام رٿيو ويو. باگيو فلپائين جو سڀ کان پراڻو شهر آهي جيڪو اسپيني ماڻهن جوڙيو هو. هي فلپائين ۾ سيني شهرن کان مٿي اٽڪل ہہ هزار ميٽرن جي بلندي تي آهي ان سبب مختلف حملي آورن هن کي اونهاري جي راڄڌانيءَ طور استعمال ڪيو آهي. شهر جي پر پيچ رستن تان لنگهي اسان ٻاهر اچون ٿا. سڀ کان پهرين صدر مارڪوس جو گرمين جو محل اچي ٿو ۽ اسان ٿوري دير لاءِ ان محل جي گيٽ وٽ ترسون ٿا. هيءُ محل مارڪوس تعمير ڪرايو. مارڪوس فلپائين جو ڊڪٽيٽر هو جنهن کي آخر ماڻهن زوريءَ تخت تان لاٿو. سندس راڻي اميلڊا فيشن جي راڻيءَ طور دنيا ۾ مشهور آهي. هن محل جي سامهون عاليشان باغ آهي. ٻاهرين گيٽ تي ہہ فوجي جوان پهري تي بيٺل آهن. هنن جي اجازت سان اسان اندر باغ جي سامهون بيهي تصوير ڪڍائي. ڏينهن جي سج تي ڪڪرن ڇانءَ ڪرڻ شروع ڪئي ۽ هتان اڳتي وڌڻ سان ئي برسات اچي زور سان پيئي. اسان هاڻي باگيو جي ٻهراڙيءَ ۾ ايسٽر ويونگ اسڪول Easter Weaving School پهتا آهيون. هن اسڪول جي تهہ خانن ۾ اڏاڻن تي عورتون ڪپڙو اڻڻ ۾ مصروف آهن. اسان جي سنڌ جي کيسن ۽ لونگين جهڙو ٿلهو ڪپڙو هتي روايتي طور اڻيو وڃي ٿو. اسان کي هن هٿ جي هنر جي ڪارخاني جي مختلف حصن جو دورو ڪرايو وڃي ٿو. هي سڀ ڪجهہ ائين آهي جيئن هالا جي ڪورڪن ڪارخانن ۾ هوندو هو. جن جي لاءِ لطيف سائين چيو هو تہ

هلو هلو ڪوريئين نازڪ جن جو نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن ڇنڻ مور نہ سکيا.

هن اسڪول جو تحفن وارو دوڪان خوبصورت آهي جنهن ۾ پتين

ڏيکارڻ لاءِ اسٽيج تي آئي تي. ان مقابلي کان پوءِ وڊيو تي اڳواٽ پريل ترڻ جي ڪپڙن ۾ هر هڪ حسينا کي ڏيکاريو ويو. هن کان پوءِ هنن ٢٧ مان ١٢ کي سيمي فائينل ۾ چونڊيو ويو. اهو فيصلو جج صاحبان مختلف قسمن جي مقرر ڪيل ماپن مطابق ڪيو.

وچ ۾ فلپائين جي هڪ مشهور راڳيءَ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو سيمي فائينل ۾ هر هڪ مقابلي ڪندڙ کان مختلف سوال پڇيا ويا جن مان سندن ذهانت ۽ حاضر جوابيءَ جي خبر پئجي تي سگهي.

مثال طور اوهان ڇا بنجڻ گهرو تا؟ ان لاءِ اوهان وٽ ڪهڙا سبب آهن. هن مزيدار سوال جواب مقابلي کان پوءِ پنج حسينائون فائنل مقابلي لاءِ منتخب ٿيون جيڪي هندوستان، ملائيشيا، ڪوريا، جاپان ۽ پيرو جون نينگريون هيون.

آخري مقابلي ۾ هر مقابلي ڪندڙ کي پکن وسيلي هڪ جج جو نالو ڪيٺو هو اهو جج ان مقابلي ڪندڙ کان ٣ سوال ڪندو پئي ويو.

سوال ڪجهه هن ريت هئا. ”حسن متعلق اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟“ ”دنيا ۾ طاقت دولت وسيلي يا حسن وسيلي حاصل ڪري سگهجي ٿي؟“

ان قسم جا ڪيئن مزيدار سوال هر هڪ کان پڇيا ويا. ڇوڪرين بيحد اعتماد سان جواب ڏنا. هن مقابلي ۾ هي ڇوڪريون ڪافي پرجوش ٿي لڳيون ۽ جذبات جي گهيري سبب ڪڏهين ڪن پل لاءِ منجهي پيون ٿي ۽ ان ريت هنن جي پاڳ جو فيصلو آسان بنجي ويو. مس ڪوريا جذبن ۽ جوش تي قبضي ۾ ڪامياب ٿي وئي ۽ ١٩٩٥ع لاءِ مس ايشيا پئسفڪ جو تاج کٽي ورتو. ٻئي نمبر تي هندوستاني ناري ۽ ٽيون نمبر ملائيشيا جي مائي صاحب کي مليو.

گذريل سال واري راڻي جيڪا اڄ صبح اسان سان گڏ ملٽري اڪيڊميءَ ۾ هئي. ان پنهنجو تاج نيئن راڻيءَ جي مٿي تي رکيو. مقابلو رات جو ١٢ وڳي ڌاري پورو ٿيو.

مقابلي جي وچ ۾ راڳ ۽ ناچ جا ڪيئن اسم ڏيکاريا ويا. هن هال ۾ اٽڪل ٣ هزار کن ماڻهو هئا پر بدنظمي ڪانه ٿي. پروگرام براهه راست دنيا جي ٽيليويزن وسيلي ڏيکاريو پئي ويو.

مقابلئہ حسن متعلق ڪيئن ڪهاڻيون اسان وٽ مشهور آهن. مون هن کان اڳ مس يونيورس جو مقابلو ١٩٨٧ع ۾ سينگاپور ۾ ٽيليويزن تان

روان ڏنو هو ۽ ان وقت مون کي اهو پروگرام وندرائيندڙ ۽ ڪافي سنجيده لڳو هو. پر وري بہ تجسس اهو هو تہ اصل جاءِ تي ويهي پروگرام ڏسجي. ايئن سمجهو تہ هي پروگرام هڪ خوبصورت فيشن شو آهي ۽ ان ڪان سواءِ ڪسرت جو مقابلو آهي. يعني Fitness Show آهي. ان ۾ اڳهاڙپ جو وڏو عنصر ڪونهي، هاڻي تہ اسان ٻش وسيلي اهي منظر گهر ۾ ڏسي سگهون ٿا.

ايشين انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمنٽ، ايشيا جو مشهور بزنس اسڪول آهي. انتظام ڪاري هڪ وڌندڙ سائنس آهي ۽ اڄڪلهہ انجي سکيا تي هر هنڌ ڪافي ڌيان ڏنو پيو وڃي. پاڻ وٽ پاڪستان ۾ سڀ کان پهريون اسڪول انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ڪراچيءَ ۾ سٺ جي ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو. چند سال اڳ لاهور جي واپاري مسٽر بابر علي (پيڪجيز لمٽيڊ) جي رهنمائيءَ ۾ لاهور يونيورسٽي آف مئنيجمنٽ سائنسز (LUMS) جو بنياد وڌو آهي. هي خالص خانگي ادارو آهي. حڪومت پاڪستان پڻ ڪراچيءَ ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمنٽ (PIM) قائم ڪيو اهي. جيڪو سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي ڪارڪنن کي انتظام ڪاري جي مختلف پهلوئن تي جاڻ ۽ تربيت ڏئي ٿو.

ان کانسواءِ ملڪ جي سيني يونيورسٽين ۾ بزنس مئنيجمنٽ جا شعبا آهن. تازو ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي کي پڻ چارٽر مليو آ هي ۽ هن اداري پاران لاڙڪاڻي ۾ پڻ بزنس ۽ فنانس انتظام ڪاريءَ جو تعليمي ادارو ZABIM قائم ڪيو آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪمپيوٽر سافٽ ويئر انجينرنگ ۾ ماسٽرس ۽ ايم.بي.اي جا ڪورس شروع ڪيا آهن.

ايشين انسٽيٽيوٽ جي خصوصيت اها آهي تہ هي ادارو رٿابندي ۽ ترقيءَ جي علمن ۾ پڻ ماسٽرس ڪرائي ٿو. ان کانسواءِ مون جهڙن عمر رسيده مئنيجرن لاءِ هڪ پروگرام Programme for Development Managers سال ۾ ٻہ دفعا ڪرائي ٿو. اسان وارو هي ڪورس ان سلسلي جو ايڪويهون ڪورس آهي. ان سبب اسان جي گروپ کي PDM-21 چون ٿا. جنهن ۾ ٥٥ شاگرد آهيون جن مان ٢٩ جو تعلق فلپائين سان آهي ۽ باقي ٢٦ ڏهن مختلف ملڪن جا آهن. هن ڪورس جو طريقو اهو آهي تہ دنيا ۾ آزمايل مختلف ترقياتي رٿائن متعلق عملي رپورٽون اسان کي

اڳوات مهيا ڪيون ويون جيڪي آئي رات تائين پڙهي، هينئن سان هنڌائي، ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ انهن تي بحث ۽ ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻي هوندي آهي. استاد مددگار طور بحث جي شروعات ڪري ٿو. هن سلسلي ۾ اسان کي مختلف جڳهه مشهور سرڪاري توڙي غيرسرڪاري ڪيتر ۾ آزمايل ترقياتي منصوبن جي جاچ ڏني ويئي آهي.

بنگلاديش جي پروشڪا، برئڪ ۽ گرامين بئنڪ، ملائيشيا جي امانه اختيار، انڊونيشيا جي بندوگ شهر جي گند ڪچري اڪلائڻ واري تنظيم PDK پاڪستان جي آغاخان رورل سپورٽ پروگرام، ڪوريا جي ساموئيل اُدانگ ۽ فلپائين جي PBSP ۽ CRTD پڻ بحث هيٺ آيا آهن. انهن ادارن ۽ تنظيمن جي اڀياس جي بنياد تي اسان کي پنهنجي تنظيمن تي بحث لاءِ پڻ دعوت ڏني وئي. ايس پي او تي پڻ بحث ٿي چڪو آهي.

هن ڪورس وسيلي غربت کي هڪالڻ لاءِ ورتل ڳڏيل ڪوشش ۽ انهن جي پس منظر تي گهٽي جاچ ملي آهي. انهن تنظيمن کي ڪهڙيون تڪليفون آهن ۽ ڪهڙا مسئلا هنن جي آڏو آهن. مستقبل ڪيئن آهي؟ آيا اهي سڀ ڪوششون اسان جي ايشيا مان غربت کي هڪالي سگهنديون؟

منهنجي دوست دينا بنڌو جو اهو خيال آهي ته شايد هن حياتيءَ ۾ اهو ممڪن ڪونهي. هن جي وطن مغربي بنگال ۾ گذريل ١٥ سالن کان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو راڄ آهي پر غربت اڃان تائين موجودآهي ايترو ضرور ٿيو آهي ته غريبن کي زبان ضرور ملي آهي، حقن جي جاڻ ٿي آهي پر هنن جي حالت ڪيئن بدلبي، ان لاءِ شايد اڃان وقت گهرجي.

اسان جا غريب ملڪ اڃان تائين ترقي يافته دنيا جا محتاج آهن جيڪو به ڏن ڏئي ٿو، اهو ان سان ڪجهه شرط به رکي ٿو. جيئن تازو ڪوپن هيگن ۾ ٿيل اقوام متحده جي سوشل سمٽ ۾ انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ IMF ۽ ورلڊ بئنڪ ان تي زور ڏنو ته ترقي پذير ملڪ معاشي بنيادي ڍانچي جي تبديلين Structural Adjustment واري پروگرام تي زور ڏئي رهيا هئا. ان جو مطلب آهي ته هر قسم جي ڇوٽ ۽ رعايت ختم ڪئي وڃي. جيئن اسان جي ملڪ ۾ ٻج ۽ ڀاڻ تي ڇوٽ هئي، تعليم ۽ صحت مفت آهي. اهي سڀ رعايتون واپس وٺڻ لاءِ لاءِ عالمي ادارا زور لڳائين پيا ۽ ٻئي طرف زرعي ٽيڪس لاءِ پڻ زور پيا ڪن. انهن سيني قدمن جو سڄو بار غريب ۽ خاص طور غريب هاريءَ تي پوندو. ان حڪم نامي ۽ "غربت ختم ڪريو" واري عالمي ياشن مان ڪهڙي ڳالهه سچي آهي؟

عالمي بئنڪ جي هڪ تحقيقي مضمون ۾ پڙهيم ته اسان واري غريب دنيا ۾ انڪم ٽيڪس به گهڻو ڪري وچيون طبقو ۽ غريب ٽوپري. امير ۽ طاقتور طبقو ان ڪان مُبرا آهي شين تي لڳايل سيلز ٽيڪس ۽ محصول اڻ سڌي طرح غريب جي ڪلهن تي آهن. وڏا ماڻهو ته ٽيڪس ڪان ڪنهن نه ڪنهن نموني آجا ٿيو وڃن.

هن ڪورس ۾ رٿابندي جا طريقا پڙهايا وڃن ٿا. استاد فني معلومات مهيا ڪن ٿا. هن ڪورس ۾ ١٥ استاد حصو وٺي رهيا آهن: ترقياتي انتظام ڪاريءَ وارو هيءَ ڪورس هر سال اپريل ۽ نومبر ۾ منعقد ڪيو وڃي ٿو.

هن اداري جي نموني تي ڍاڪا جي پرسان غازي پور ۾ برئڪ پڻ ادارو جوڙيو آهي، جتي وري ڳوٺاڻي ترقيءَ کي موضوع بڻايو ويو آهي. اسان جي ملڪ ۾ ڳوٺاڻي ترقيءَ جي اڪيڊمي پشاور ۾ گهڻو اڳ قائم ٿي هئي ان ڪانسواءِ ٿنڌي جام ۾ اهڙي اڪيڊمي آهي اسلام آباد ۾ وري نيشنل سينٽر فار رورل ڊيولپمنٽ آهي. پر انهن ادارن احان تائين ڪوعالمي ناماچار پيدا نه ڪيو آهي.

اسان واري ڪورس ۾ گهڻو ڪري سرڪاري شعبي جا ماڻهو شامل آهن ڇاڪاڻ جو حڪومت ئي ترقياتي عمل جي محرڪ هوندي آهي. اسان جي ايشيائي يا ڪٽي ائين چئجي ته ڏکڻ ايشيا واري پٽيءَ ۾ ملائيشيا سيني ڪان وڌيڪ متاثر ڪندڙ ترقي ڪئي آهي. غير سرڪاري ترقياتي تحريڪ ۾ هندوستان، سري لنڪا ۽ بنگلا ديش گهڻو اڳتي آهن. پاڪستان ۾ منهنجي خيال ۾ غيرسرڪاري ترقياتي تحريڪ ڪافي موثر طريقي سان اڳيان وڌي رهي آهي. پر ان جا اثر ظاهر ٿيڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو ان جا ڪئين سبب آهن:

١) ترقياتي ڪيتر ۾ غيرسرڪاري تحريڪون الڳ الڳ پنهنجو منهن وٺي هلن پيون. هنن جو ڪو مشترڪ لائحہ عمل سامهون ڪونه آيو آهي.

٢) هر اداري جو طريقو مختلف آهي ۽ هرڪو پراڻن حڪيمن وانگر پنهنجي طريقن جا راز پاڻ وٽ قابو پيو رکي.

٣) هر علائقي ۾ مختلف قسم جا مسئلا آهن ۽ انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڌار ڌار طريقا گهرجن ان ڪري پروگرامن جي ترتيب ۾ لچڪ ضروري آهي.

٤) اصل مسئلو غربت جو آهي ۽ غريب گهڻو ڪري ڳوٺاڻو هاري آهي

مجمعو هوندو آهي پر ڏاڍي خاموشيءَ سان ڪيڏندا رهندا آهن. شايد عمر رسيده هئڻ سبب روايتي رانديگرن وارو گوڙ شور نہ هوندو آهي.

– اڄ جي تدريسي ڪارروائيءَ مطابق هر گروپ کي هڪ رٽا جوڙڻي آهي منهنجي گروپ لوزان جي پنتي پيل علائقي ائنتيقي ۾ چانورن جي بهتر قيمت حاصل ڪرڻ لاءِ هارين جي ڪوآپريٽو رٽا جوڙڻ جو سوچيو آهي. اڄ ڏيڍ وڳي سڄي ڪلاس آڏو رٽا جو خاڪو پيش ڪرڻو آهي. هر هڪ ساٿي بيحد مصروف آهي. وقت مقرر تي رٽائون پيش ٿين ٿيون. بحث مباحثي ۾ سڄ لهيو وحّي.

– سايي ستين وڳي انسٽيٽيوٽ جي فيڪلٽيءَ پاران پروفيسر سيلاس ۽ پروگرام ڊئريڪٽر سوليداد هرنادو آخري تقريب شروع ڪرڻ جو اشارو مليو ٿو. پهريائين ڪيٿولڪ چرچ جو فادر ايڊگر پسيتي ڪورس جي شريڪ ٿيندڙن لاءِ دعائو گهري. ان کانپوءِ مون کي شرف حاصل ٿئي ٿو تہ الحمد پڙهي الله سائينءَ کي ڪاميابيءَ لاءِ ٻاڏايان. مون کانپوءِ پروٽسٽنٽ چرچ جو سليمان جا ڪونڊا دعا لاءِ اچي ٿو. ان کان پوءِ فلپائين جو ترانو مس اولائيو جي رهنمائيءَ ۾ پيش ٿئي ٿو. سڀ فلپيني دوست جوش سان ترانو ڳائين ٿا. هن کانپوءِ ڪلاس جي صدر ڪرنل ڪالوس ڪارنيلائو خوش آمديد ڪرڻ اچي ٿو. ان کان پوءِ سرٽفڪيٽ وراهيا وحّن ٿا. باگيو جي ڪاليج جي شاگردياڻي سوليداد ايسترادا تگالو ۾ بہ بيحد خوبصورت گيت پيش ڪري ٿي. جڏهن ٻولي سمجهہ ۾ نہ اچي تہ پوءِ صرف موسيقي ۽ انداز ئي دلچسپيءَ جا مرڪز رهجيو وحّن. هن نوجوان شاگرڊياڻيءَ بيحد خوبصورت انداز ۾ محبت جا گيت پيش ڪيا جنهن کان پوءِ ٥٥ جي هن ڪلاس مان جهن سڀ کان سٺي ڪارڪردگي ڏيکارڻ وارن کي اعليٰ ڪارڪردگيءَ جا ايوارڊ ڏنا وحّن ٿا. هنن ڇهن خوش نصيبن ۾ ٤ دوست فلپينو آهن. پنجون هندوستان جو ۽ ڇهون ايوارڊ منهنجو مقدر بنيو. يقيناً اهو بيحد خوشيءَ جو لمحو هو اسان جي گروپ مان ٣ ساٿين کي ايوارڊ مليا. ان ريت بہ اسان کي ممتاز حيثيت ماڻي.

هن تقريب جو مهمان خاص باگيوجو ميئر تقرير لاءِ آيو. هن بيحد مدلل ۽ دانشوراڻي تقرير ڪئي جنهن ۾ ٽين دنيا جي ماڻهن کي ترقي ۽ پاڻ پرائيءَ ڏانهن وٺي وحڻ جا ڪيئن ڏس آهن. ميئر مزدورن جي جماعت جي ڪارڪن مان ترقي ڪري هتي پهتو آهي ۽ اڄ ئي هو نولولو

باب چوٿون

# عالمي ڪانفرنسون

## ا- ڏکڻ ايشيا جي غيرسرڪاري تنظيمن جو ساليانو ميڙ

نيپال جي راڄڌاني ڪٺمنڊو ۾ ڏکڻ ايشيا جي غير سرڪاري تنظيمن جي ٽين ساليانی گڏجاڻي ٢١ کان ٢٢ فيبروري ١٩٩٥ع تي ٿي گذري.

هماليه جي جهوليءَ ۾ هيءُ ننڍڙو شهر حيدرآباد جيڏو مس ٿيندو. غربت جا چٽا اهڃاڻ هوائي اڏي تي لهندي ئي نظر اچن ٿا. ننڍڙا گورکن جا ٻار هٿ ڦهلائي خيرات پيا گهرن. هي اهي ئي گورڪا آهن جن انگريزن جي راڄ جي استحڪام لاءِ پنهنجيون حياتيون ڏنيون. هينئر به انگلينڊ جي راڻيءَ جي حفاظتي دستي ۾ گورڪا شامل آهن. گورکن جي مشهوري سندن سنگدل بهادريءَ سبب آهي. مون کي اهو وهم گمان ۾ به ڪونه هو ته غربت هنن بهادرن جي ٻارن کي پنڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي!

هتي بادشاهي آهي پر حڪومت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي آهي. جڏهن دنيا ۾ ڪميونسٽ بلاڪ مڪمل طور منظر تان هٽي ويو آهي ته نيپال وارن کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو راڄ پلئه پيو آهي. پر ان هوندي به هيءُ سڄي دنيا ۾ واحد هندو حڪومت آهي. اهي ٿي مختلف رويا سمجهه ۾ نه اچڻ جوڳا آهن.

هتي هندومت ڪانسواءِ ٻڌ ڌرم جا پوڄاري پڻ وڏي تعداد ۾ آهن.

ٿورا گهڻا مسلمان پڻ موجود آهن. پر بنيادي طرح هيءَ هڪ هندو مملڪت آهي. نيپالي ٻولي هندي رسم الخط ۾ لکي وڃي ٿي ۽ ان سان ڪافي هڪ جهڙائي رکي ٿي. هتي جو سڪو پڻ رپيو آهي پر هڪ ڊالر ۾ پنجاهہ کن رپيا ٿين. ان لحاظ کان اسان جي رُپئي کان ڪمزور آهي.

غير سرڪاري تنظيمن جي هيءَ ڏکڻ ايشيائي ڪانفرنس هڪ پاڪستاني اداري SDPI پاران اسلام آباد ۾ منعقد ڪرڻي هئي پر هندوستاني وفدن کي ويزا نہ ملڻ سبب ڪانفرنس جو اهتمام کٽمنڊوءَ ۾ ڪرايو ويو. SDPI پاران پاڪستان جي مختلف ادارن کي دعوت موڪلي وئي هئي. ڪوشش اها ڪئي وئي تہ سنڌ مان ڪابہ سنڌي تنظيم هن سٽ ۾ شامل ٿي نہ سگهي. اها بہ هڪ عجيب روش آهي. آئون جتي بہ ويندو آهيان تہ مون کان سِڌا متعلق سوال ڪيا ويندا آهن. سِڌا جي ساراهہ ڪئي ويندي آهي. اسان جي هن پرت جي پورهئي جي ميتا ٿيندي آهي. پر سِڌا کي قومي ۽ بين الاقوامي ميڙن ۾ بلڪل نظرانداز ڪيو ويندو آهي. ان جا ڪهڙا بہ سبب هجن پر اها ڳالهہ بناڪنهن هٻڪ جي چئي سگهي ٿي تہ سِڌا جو تجربو گهٽ ۾ گهٽ ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾ بلڪل منفرد آهي.

**هن ڪانفرس جو عنوان هو:**

**: Security**

Environmental, Developmental and Economical Dimensions.

ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾ غربت هڪ وڏو مسئلو آهي ان سبب ڪئين مسئلا اڀريا آهن جن مجموعي طور هن علائقي جي امن ۽ سلامتيءَ لاءِ للڪارون پيدا ڪيون آهن.

١) هي سڀ ملڪ ٻاهرين قرضن جي دٻاءَ هيٺ آهن ۽ هاڻ ورلڊ بئنڪ ۽ بين الاقوامي مالياتي اداري جي شرطن ۾ جڪڙيل آهن.
٢) سيني ملڪن ۾ نوڪرشاهيءَ جي ناڪاميءَ جا اهڃاڻ واضح آهن.
٣) سيني ملڪن ۾ مذهبي، لساني ۽ قبائلي ڇڪتاڻ موجود آهي.
٤) سيني ملڪن ۾ نقل مڪاني ڪندڙن ۽ پناهگيرن جو مسئلو آهي.
٥) بيروزگاري ۽ ان سان لاڳاپيل، بيماريون جهڙوڪ نشو، هٿيار، ڏوهہ سيني لاءِ مٿي جو سور بنيل آهن.
٦) آدمشماريءَ جي واڌ ۽ جهالت (سواءِ سري لنڪا)جي ايندڙ صديءَ لاءِ هڪ وڏو ڏڪوآ هي.

پر هن سوال تي اها ڳالهه ختم ٿي ويئي. ڪانفرنس جي پڄاڻي ۾ هڪ ڳالهه جو ذڪر هو ته قدرتي وسيلن تي ضابطو اتان جي ماڻهن جو هجي جيڪي ان وسيلي فيضياب ٿين ٿا. اڻ سڌيءَ ريت ان شق ۾ دريائن مٿان وڏن ڊيمن ۽ بئراجن ٺاهڻ جي مخالفت ڪئي وئي آهي. اهو ان لاءِ جو هندوستان جي ڪجهه هنڌن تي ۽ نيپال ۾ اهڙا هائڊرو اليڪٽرڪ ڊيم ٺاهڻ جي صلاح ڪئي پئي وڃي جنهن سان هزارين ماڻهو پنهنجا ماڳ ڇڏيندا ۽ پڇڙيءَ جي علائقن ۾ پڻ ماڻهن ۽ جهنگلي جيوت ڪي سوڪهڙي جو منهن ڏسڻو پوندو. ان تي مون اهو واڌارو ڪرڻ پئي گهريو ته پاڪستان ۾ بنجندڙ ڪالاباغ ڊيم جو به ساڳيو مسئلو آهي، ان ڪري اسان کي اها شق صاف طرح لکڻ کپي ته بجليءَ جي بهاني ميگاڊيم ٺاهڻ جي رٿائن کي ختم ڪيو وڃي، پر ان تي پاڪستاني وفدن ئي مخالفت ڪئي، ان ڪري اها ترميم ٿي نه سگهي. ڪانفرنس جي هڪ اجلاس جو عنوان هو:

Let the rivers may flow.

افسوس جو ان اجلاس ۾ ڪالاباغ تي ڪو مضمون ڪونه هو پر علائقي ۾ بين ٺهندڙ ڊيمن تي مقالا هئا. حقيقت ۾ ڪالا باغ ڊيم کي اسان وٽ هڪ سياسي مسئلي طور ڪنيو ويو آهي، پر اهو مسئلو ماحوليات جي حوالي سان تمام اهم آهي. ان قسم جي ڊيم وسيلي ماحول تي هاڃيڪا اثر پوندا. سنڌ جو ڪچو ۽ ٻيلا بلڪل ختم ٿي ويندا ۽ ايندڙ صديءَ ۾ سنڌ هڪ بيابان نظر ايندو.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هن مسئلي تي ماحولياتي اڀياس ڪيو وڃي. سنڌ جو ماحول سنڀالڻ وارو ڪاتو ان لاءِ ڪنهن بين الاقوامي ماهر جون خدمتون حاصل ڪري ته جيئن ان جي رپورٽ غيرجذباتي ۽ غيرسياسي هجي ۽ حقيقتن تي ٻڌل هجي ته جيئن عالمي بئنڪ ۽ ٻين مالياتي ادارن تي زور آڻي سگهجي ته هن ماحول دشمن رٿا کي هو مڃتا نه ڏين.

هن مسئلي تي سنڌ جي غيرسرڪاري تنظيمن جو اجلاس پڻ ڪرڻ گهرجي. ڪراچيءَ ۾ انٽرنيشنل يونين آف ڪنزرويشن آف نيچر (IUCN) موجود آهي پر ان اجا تائين هن ان اهم مسئلي تي هڪ رواجي بيان به نه ڪيو آهي.

مٿين ڪانفرنس ۾ منهنجو مقالو غيرقانوني لڏپلاڻ جي موضوع تي هو جنهن جو سنڌي ترجمو پڻ هن ڪتاب ۾ درج آهي.

(هلال پاڪستان ١٠ مارچ ١٩٩٥ع)

# "پاڪستان ۾ غيرقانوني پناهگيرن جو مسئلو اندروني حفاظت لاءِ للڪار"

**هي مقالو ٢٤ فيبروري ١٩٩٥ع تي کٽمنڊو ۾ ٿين اين جي او گڏجاڻي (سارڪ) جي موقعي تي پڙهيو ويو.**

**تعارف:**

جيتوڻيڪ انساني تاريخ ۽ حاصلات ۾ بين الاقوامي لڏ پلاڻ هڪ بنيادي ۽ مستقل حقيقت رهي آهي، پر ان سان ٿوري عرصي ۾ سماجي سرشتي ۽ معاشي تبديلي ۾ خرابيون پيدا ڪرڻ سان منسوب سگهه تازو ئي عالمي ڳڻتيءَ جو وڏو مسئلو بني آهي.

١٩ هين صديءَ دوران آباديءَ جي لڏ پلاڻ پرمار طاقتن شروع ڪئي، جن اٽڪل ١٥ ملين غلامن کي ١٨٥٠ع کان اڳ آفريڪا مان آمريڪا ۾ ڪم لاءِ منتقل ڪيو ويو.

١٨٣٤ کان ١٩٣٧ (جڏهن غلامي سرڪاري طور ختم ٿي) دوران اٽڪل ٣٠ ملين ماڻهو هندستاني اپکنڊ مان ايشيا هندي سمنڊ ۽ ڪئريبن علائقن ڏانهن ۽ بين ڪالونين ڏانهن ڪم لاءِ منتقل ڪيا ويا. اوير ايشيا ۾ مزدورن جي لڏ پلاڻ جي تسلسل ۾ چيني آبادي هانگ ڪانگ، انڊرنيشيا، ٿائيلينڊ ۽ ملائيشيا ڏانهن ٻي عالمي جنگ جي پڄاڻيءَ تائين ١٦ ملين کان وڌي وئي.

ٻي جنگ عظيم کي عالمي لڏ پلاڻ ۾ عام طور اهم موڙ جي حيثيت سان ڏٺو وڃي ٿو. ١٩٤٠ع ۽ ١٩٥٠ع جي ڏهاڪن ۾ ڪالونيل طاقتن جي پڄاڻي سان نين آزاد حڪومتن پنهنجن مقصدن جي تڪميل لاءِ معاشي ۽ آبادي (لڏ پلاڻ سميت) پاليسيون ٺاهڻ شروع ڪيون.

١٩٤٧ع ۾ هندستاني اپکنڊ ورهايو ويو. پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ ابتدائي متا ستا ايڏي وڏي پيماني تي ٿي جو انساني تاريخ ۾ ان جو مثال نٿو ملي، جنهن ۾ ١٤ ملين ماڻهو ملوث ٿيا. (٢) ١٩٥١ع واري لياقت

پاڪستان هڪ غريب ملڪ آهي، تنهن ڪري اهو پناهگيرن جو بار نٿو کڻي سگهي.

مسٽر جيمس اين پرسيل جونيئر، جيڪو لڏ پلاڻ بابت عالمي تنظيم جو ڊائريڪٽر جنرل آهي، هن ٥ کان ١٢ سيپٽمبر ١٩٩٤ع دوران قاهرا ۾ آبادي ۽ ترقيءَ بابت عالمي ڪانفرنس ICPD آڏو تقرير ڪندي، لڏ پلاڻ بابت ڪجهہ بنيادي عنصر پيش ڪيا. هن چيو، ڪافي ماڻهو لڏ پلاڻ ان ڪري ڪن ٿا جو:

۱) انهن جا سماج ۽ حڪومتون ناڪام ٿي وڃن ٿيون.

۲) مناسب تعليم، ڪم ۽ اجهو مهيا ٿيڻ ۾ ناڪامي.

۳) گهڻين حڪومتن وٽان سندن شهرين کي تحفظ، بچاءُ، حقن جي حمايت ۽ قانوني ضرورتن جي پورائيءَ ۾ ناڪامي. مختصر اکرن ۾ مستحڪم ترقي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي.

ڇا پاڪستان وٽ اهي سڀ ضمانتون موجود آهن، جيڪي پاڙيسري ملڪ پنهنجن شهرين کي ڏيئي نہ سگهيا آهن؟ ان سلسلي ۾ ڏيٺ جا بنيادي ماپا ۽ اشارا ايئن نٿا چون.

**ڏسو : بنيادي انگ اکر**

| بنيادي انگ اکر | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ملڪ | مجموعي قومي پيداوار في ماڻهو/ ڊالر | ڄمڻ وقت جيئڻ جو امڪان | تعليم جي شرح | ڪل آبادي ملين | هڪ سال اندر/ ٻارن جو موت | | ٥ سال جي ڄمڻ کان گهٽ/موت جي شرح | |
| | ۱۹۹۲ | ۱۹۹۳ | ۱۹۹۰ | ۱۹۹۳ | (۱۹۶۰، ۱۹۹۳) | | (۱۹۶۰، ۱۹۹۳) | |
| سريلنڪا | ۴۵۰ | ۷۲ | ۸۸ | ۱۷,۹ | ۱۵ | ۹۰ | ۱۹ | ۱۳۰ |
| ڀارت | ۳۱۰ | ٦۱ | ۴۸ | ۸۹٦,٦ | ۸۱ | ۱۴۴ | ۱۲۲ | ۲۳٦ |
| بنگلاديش | ۲۲۰ | ۵۳ | ۳۵ | ۱۲۲,۲ | ۹۴ | ۱۵۱ | ۱۲۲ | ۲۴۷ |
| نيپال | ۱۷۰ | ۵۴ | ۲٦ | ۲۱ | ۹۰ | ۱۸٦ | ۱۲۸ | ۲۷۹ |
| پاڪستان | ۴۲۰ | ۵۹ | ۳۵ | ۱۲۸,۱ | ۹۵ | ۱۳۷ | ۱۳۷ | ۲۲۱ |
| ڀوٽان | ۱۸۰ | ۴۹ | ۳۸ | ۱,۷ | ۱۲۸ | ۲۰۳ | ۱۹۷ | ۳۲۴ |

ڏيکارين ٿا:

١٩٨٤ع ۾ ٥٦٥٠٠٠

١٩٨٥ع ۾ ٦٦٥٠٠٠

١٩٨٦ع ۾ ٧٥٠٠٠٠

١٩٨٧ع ۾ ٩٢٠٠٠٠

• هن اندازي موجب هن وقت پاڪستان ۾ ٣٫٢ ملين نشي جا عادي موجود آهن، جن مان ١٫٥ ملين فقط هيروئن جا عادي آهن.

هن ڇرڪائيندڙ صورتحال ملڪ ۾ ڏوهن جي شرح وڌائي ڇڏي آهي. شهرن ۾ امن جي صورتحال قتل رهي ٿي. نشي جي پيداوار ۽ ان جي سمگلنگ کي روڪڻ لاءِ ورتل اپائن جي خلاف غير قانوني گروهن تمام سخت مزاحمت ڪئي آهي، هن وقت شهر ۾ بي رحميءَ سان خون ڪرڻ جا واقعا تمام عام آهن.

سرحد صوبي جي وڏي وزير تصديق ڪئي آهي ته مالا ڪنڊ ايار ۾ افغان پناهگيرن جو هڪ حصو سرگرميءَ سان ملوث رهيو اهي، جنهن جي نتيجي ۾امن امان جي مڪمل ڦيٽاري سميت وڏي پئماني تي موت ۽ تباهي پکڙي.

ڪراچيءَ شهر ۾ سال ١٩٩٤ع ۾ ١١١٣ ماڻهو تشدد ۽ فرقيوار وڳوڙن ۾ مارجي ويا. وڳوڙن جي واقعن ۾ خودڪار هٿيارن جي موجودگي ڏٺي وئي آهي، جيڪي افغان پناهگيرن وٽان ڪراچيءَ ۾ سستن اگهن تي ملي وڃن ٿا، جن کي پنهنجا هٿيار پاڻ سان کڻڻ جي ڇوٽ آهي.

پاڪستان ۾ غير قانوني لڏ پلاڻ جي بنا ڇڪاس آمد هيٺيان پوائنٽا نتيجا ڏيکاريا آهن.

-1 سڪيورٽيءَ جو مسئلو :

(الف) ڪجهہ غير ملڪي ڏوهارين جي مدد سان دنيا ۾ ڪم ڪندڙ هٿيار بند گروهن ۾ ڀرتي ٿين ٿا.

(ب) ڪجهہ هڪٻئي مخالف ڌرن جا لڏي آيل گروهہ پنهنجا تڪرار رستن تي تشدد ذريعي نبيرين ٿا. اهڙا واقعا بلوچستان ۾ ٿيا آهن.

(ج) لڏي آيل ماڻهن هٿان دهشتگردي، مسجدن، بسن ۽ اسڪولن تي حملن جي واقعن جون ثابتيون بہ آهن.

-2معاشي مسئلا :

(الف) پناهگير مقامي ماڻهن سان نوڪرين ۽ سماجي خدمتن ۾ مقابلو ڪن ٿا. ناٺي ۾ واڌ جو سبب بڻجن ٿا ۽ جياپي جو خرچ وڌي ٿو. گاڏڙو هٽڻ، ڪاٺ مزدوري، روڊن جي اڏاوت ۽ ماهي گيري مکيه شعبا آهن، جن ۾ پناهگير داخل ٿيا آهن ۽ مقامي مزدورن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو اٿن.

(ب) هو سماجي ۽ معاشي ترقي لاءِ موجود ذريعن تي بار آهن.

(ج) لڏي آيل ماڻهن جي موجودگيءَ سبب آدمشماريءَ جا رستا بند ٿي ويا آهن، جنهن سان حقيقي بنيادن تي ترقيءَ لاءِ رٿابندي ڪري سگهجي ٿي.

-3سياسي مسئلا :

ڪيئي تارڪين لوڪن ڪوڙا سڃاڻپ ڪارڊ ۽ پاسپورٽ هٿ ڪري ورتا آهن ۽ چونڊن ۾ حصو وٺي رهيا آهن، تنهن ڪري ان سان پاڪستان ۾ حڪومت جي شڪل سندن اوليتن مطابق ٿيو وڃي.

-4انساني مسئلا :

(الف) لڏي آيل ماڻهو شهري مزدور آبادين ۾ رهن ٿا، جتي بنيادي سهوليتون انسان جي رهڻ لائق نه آهن.

(ب) عورتن جو ڪاروبار آمدنيءَ جو سڀ کان مکيه ذريعو آهي.

(ج) نوجوانن کي شاهوڪار شهري علائقن ۾ گهرَيلو نوڪرڻ طور وڪيو وڃي ٿو. اهي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون تعليم ۽ صحت جي سهوليتن کان محروم رهن ٿيون.

(د) لڏي آيل ڪافي ماڻهن کان ياڙيتو قاتل طور ڪم ورتو وڃي ٿو.

# - اقوام متحده جي معاشرتي ترقيءَ لاءِ عالمي ڪانفرنس

## WORLD SUMMIT FOR SOCIAL DEVELOPMENT

٦ ڪان ١٢ مارچ ١٩٩٥ع تي ڊينمارڪ جي شهر ڪوپن هيگن ۾ سماجي ترقيءَ جي عالمي ڪانفرنس منعقد ٿي رهي آهي، جنهن جو انتظام اقوام متحده پاران ڪيو پيو وڃي. هن ڪانفرنس ۾ پاڪستاني وفد جي سربراهي جناب فاروق احمد خان لغاري ڪندو. هن ڪانفرنس ۾ ٣ مکيه موضوع آهن.

-1 غربت جو خاتمو.

-2 بيروزگاريءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ اُپاءَ.

-3 سماجي ڳانڍاپو.

ان ايجنڊا تي سڀ دنيا جا ملڪ پنهنجي پنهنجي ملڪ جي پاليسيءَ تي بيان ڏيندا ۽ آخر ۾ هڪ پڌرنامو جاري ڪيو ويندو، جنهن تي سڀ موجود رهنما صحيح ڪندا.

ان قسم جا ڪئين پڌرناما هن وقت تائين سربراهان مملڪت صحيح ڪري چُڪا آهن. انهن مان ڪيترن تي ڪوبه عمل درآمد نه ٿيو آهي. ان سڄي صورتحال جي قطع نظر اسان کي سنڌ ۾ وڌندڙ غربت، بيروزگاري ۽ سماجي انتشار تي غور ڪرڻ گهرجي.

هن وقت ڪيترائي سنجيده سوال اسان جي آڏو آهن جن تي جيڪڏهن اسان هن وقت ڌيان نه ڏنو ته پوءِ تاريخ ۾ اسان جا نشان گهڻو وقت قائم رهي نه سگهندا.

آئون ڀاڻ کي عقل ڪل نٿو سمجهان ۽ سنڌ جي سڄڻ، دانشورن، سياسي، سماجي ڪارڪنن کي گذارش ٿو ڪرڻ گهران ته هو ان سلسلي ۾ ڪجهه وقت ڪيي سوچ ويچار ڪن. ڪن اهم پهلوئن تي ڪجهه منتشر خيال پڙهندڙن آڏو آهن.

-1 غربت : اها ڳالهه ڪيئن سال اڳ ڊبي هئي ته سنڌ ۾ ڪوبه ماڻهو بکيو ڪونه ٿو سمهي، پر مون کي هاڻي ان ڳالهه جي پڪ ڪانهي.

هڪ تحقيقي سروي مطابق غربت جا پنجاهه سبب ڄاڻايا ويا آهن، جيڪي سنڌ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي ڳوٺاڻن مون کي ٻڌايا هئا، قومي

سطح تي اسان جي ڪهڙي راءِ آهي، اسان انهن سببن کي ڪهڙيءَ ريت ختم ڪري سگهون ٿا يا ڪٿي ائين چئجي ته اسان مان هر هڪ وٽ غربت کي ختم ڪرڻ جا ڪهڙا علاج ذهن ۾ آهن؟

تازو هڪ اهل دل دوست سنڌ جي ٻهراڙين جي دوري تي ويو هو ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي ڪمن ڪارين متعلق جاڻ حاصل ڪري آيو آهي. همراهہ ڏاڍو پريشان ۽ مايوس پئي لڳو. هن جو چوڻ آهي ته سنڌي پورهيت سست ۽ بي همت آهي، ان ڪري سنڌ ۾ ڪاٿين ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن ۾ سنڌي ڪو ڪونهي. تيل جي کوهن جي کوٽائي ۾ انهن جو حصو ڪونهي ۽ هاڻي ڪنڊ جي ڪارخانن ۾ پڻ سنڌي مزدور گهٽبا وڃن.

جيڪو ڪم سنڌي مزدور هڪ ڏينهن ۾ ڪري ٿو، اهو ڪم پٺاڻ مزدور اڌ ڏينهن ۾ ڪري ٿو. هاڻي افغاني مزدور ته گهٽ اجرت تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

چند ڏينهن اڳ ڪاٺوٽ جي ڪنهن دوشت جو خط سنڌي اخبارن ۾ ڇپيو آهي، جنهن ۾ هن انگ اکر ڏنا آهن ته لاڪڙا جي ڪاٺين ۾ ٨٠ سيڪڙو مزدور پٺاڻ، ١٥ سيڪڙو پنجابي ۽ پنج سيڪڙو بلوچ آهن. باقي سنڌي پٽيوالي يا چوڪيداري جا ڪم سنڀاليندا آهن.

ان صورتحال ۾ سنڌين جي غربت ڪيئن گهٽبي؟

هن وقت (آخري خبرن اچڻ تائين) ٿر ۾ ڪوئلي جي کوٽائي جو ڪم جاري آهي. خيرپور ضلعي ۾ تيل جي کوهڻ جي کوٽائي شروع ٿيڻ واري آهي، سونڊا (ٺٽي ضلعي) ۾ ڪوئلي جي کوٽائي شروع ٿي چڪي آهي.

ڪويت جي سهڪار سان بدين ۾ تيل صاف ڪرڻ جو ڪارخانو لڳڻ وارو آهي. آمريڪا، برطانيا ۽ هانگ ڪانگ جي واپارين پاران بجليءَ جا ٿرمل پلانٽ ايندڙ مهينن ۾ لڳڻ وارا آهن.

سوال اهو آهي ته اهي سڀ سرڪاري ڪوششون سنڌين لاءِ روزگار جو ذريعو بنبيون؟ وڏو انديشو اهو آهي ته ان سوال جو جواب ناڪاري آهي. ان سبب اهو ايندو ته اسان وٽ فني ماهر ڪونہ آهن ۽ اسان جا پورهيت سست آهن.

ان خيال کي ميسارڻ لاءِ اسان ڪهڙا طريقا استعمال ڪرڻ گهرون ٿا؟

منهنجي خيال ۾ حڪومت وٽ ايترو وقت ڪونهي جو ڳوٺ ڳوٺ ۾

ماڻهن کي محنت جي رغبت ڏئي يا ڏارين ڪمپين کي اهو يقين ڏياري ته سنڌي ڪمائتا ماڻهو آهن.

آخر اهو ڪم ڪير ڪندو؟ اهو ڪم غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو قدم ٿيندو.

آهي ڪو سائينءَ سنواريو جو هن ڪم ۾ هٿ وجهيَ.

اسان وٽ ماهر ارضيات، مائننگ، انجنيئرنگ، اليڪٽرڪ انجنيئر گهڻا بيروزگار موجود آهن، انهن جي پاران ڪير هنن ٻاهرين ڪمپنين سان ڳالهائيندو ۽ ڪين مرغوب ڪندو.

ملڪ جون مختلف يونيورسٽيون پنهنجي گريجوئيٽس جي مارڪيٽ پيدا ڪرڻ لاءِ خانگي ڪمپنين جي عيوضين کي پاڻ وٽ گهرائي پنهنجي اداري ۾ موجود تعليمي سهولتن کان آگاهه ڪنديون آهن. اسان جي سنڌ ۽ مهراڻ يونيورسٽين جا واسطيدار عملدار ڇا اهڙو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهن؟

هڪ تجويز آهي ته حڪومت جو پورهيت کاتو يا وري ڪا غير سرڪاري تنظيم (NGO) سنڌ ۾ ايندڙ انهن رڳائن جي گهربل فني ماهرن جي لسٽ تيار ڪري ۽ ان جي مقابلي ۾ موجود بيروزگار فني ماهرن جا انگ اکر گڏ ڪري ۽ خانگي ادارن ۽ پورهيتن وچ ۾ پل بنجي، ان ريت اسان جا بيروزگار روزگار ماڻي سگهندا ۽ سنڌ ۾ غربت ڪجهه گهٽجي سگهندي. حڪومت لاءِ پڻ اهو ڪم سندن نيڪ ناميءَ جو باعث بنبو.

ٻي صورت ۾ هر ڪارخاني ۽ هر کاڻ جي علائقي ۾ مزدورن ۽ فني ماهرن جي هڪ نئين ڪالوني جڙندي ۽ ايندڙ پنجن سالن کان پوءِ هڪ ته سنڌي آبادي ٿورائي ۾ تبديل ٿي ويندي ۽ ٻيو ته اسان جا موجود مهربان موروثي رهنما پڻ منظر تان هٽي ويندا ۽ اسان جي سنڌ اسيمبلي هڪ مني پاڪستان اسيمبليءَ جو ڏيک ڏيندي.

مون کي خبر آهي ته منهنجو هيءُ ڪالم سڄي سنڌ ۾ ٥ يا ٦ ماڻهو پڙهن ٿا. انهن دوستن کي دردمنديءَ سان اپيل ٿو ڪريان ته هن موضوع تي ڪنهن ارباب اختيار سان ڳالهائين يا پنهنجي حلقہ اثر ۾ ڳالهه ٻولهه ڪن. شايد ان ريت هن اهم ۽ تڪڙي مسئلي طرف ڪنهن جو ڌيان ٿئي.

هيڏو سور سهي، ننڊ نه ڪجي ناڪڻا.

(جاڳو : ١٣ جنوري، ١٩٩٥ع)

# اقوام متحده جي ڪانفرنس

هتي ڪوپن هيگن ۾ ٦ مارچ ڪان وڏو ميڙو متل آهي، اقوام متحده جي جهنبي هيٺ سماجي ترقيءَ جي عالمي ڪانفرنس بيلا سينٽر ۾ منعقد آهي. هتي هر ملڪ پنهنجا سرڪاري نمائندا موڪليا آهن. ١١ مارچ تي دنيا جي اڪثر ملڪن جا سربراهہ هن ڪانفرنس ۾ شامل ٿيندا ۽ ١٢ مارچ تي هڪ عالمي پڌرنامي تي صحيح ڪندا. هن ڪانفرنس جي ايجنڊا هن ريت آهي:

١) غريبيءَ جو خاتمو.

٢) بيروزگاريءَ جو خاتمو.

٣) مختلف طبقن جو سماجي ميلاپ.

هن مختصرُ ايجنڊا ڪيترن ئي اهم سوالن ڪي اياريو آهي.

گذريل پنجن سالن ۾ عالمي سطح جي هيءَ پنجين ڪانفرنس آهي هن ڪان اڳ ٻارن جي حقن جي ڪانفرنس. ماحول ڪي سڌارڻ جي ڪانفرنس، انساني حقن جي ڪانفرنس ۽ ان ڪانپوءِ قاهره واري آبادي رٿابندي ڪانفرس تي چڪيون آهن. هن ڪان سنت پوءِ سيپٽمبر ١٩٩٥ع ۾ بيجنگ ۾ عورتن جي حقن جي ڪانفرنس ٿيڻ واري آهي.

هنن سيني ڪانفرنسن جو مقصد انسانيت لاءِ هڪ پرامن ترقي يافتہ سماج اڏڻ آهي.

اڄ جڏهن دنيا ۾ چيچنيا، بوسنيا، فلسطين، ڪشمير، صوماليہ ۾ جنگ جا شعلا ڀڙڪن پيا ۽ ڪيترن ملڪن ۾ اندروني ويڙهہ، دهشتگردي، مذهبي چڪتاڻ موجود آهي. سجي دنيا جي جملي مالي وسيلن جو چوٿون حصو فوج ۽ هٿيارن تي خرچ پيو ٿئي. سڌريل قومون پنهنجي ملڪيت جو گهڻو حصو نيو ڪلائي هٿيارن تي خرچ پيون ڪن. ان صورتحال ۾ اسان غربت کي ختم ڪرڻ جي حيلن هلائڻ لاءِ هتي ڪٺا ٿيا آهيون.

بيلا سينٽر ۾ هزارين مرد ۽ عورتون مختلف رنگن نسلن مذهبن جا جمع ٿيا آهن. هتي ايئن لڳي ٿو تہ دنيا ۾ ڪوبہ سنجيده مسئلو ڪونهي بلڪ هڪ دانشورانہ بحث آهي، پر حقيقت اها آهي تہ جيڪي غربت جي ذلت ۾ مبتلا آهن، انهن جو ڪوبہ نمائندو هتي موجود ڪونهي.

ان ئي ماحول ۾ ٩ مارچ ڪان ڪانفرنس جي خاتمي تائين ڪجهہ

ڪن ٿا. ٧٧ ملڪن جو گروپ، ڏکڻ ايشيائي قومن جو گروپ يورپين يونين، ڏکڻ آميريڪي ملڪن جو گروپ، آفريڪي ملڪن جو گروپ، عورتن جي حقن جو گروپ، ڏکڻ ايشيا جي ملڪن جو گروپ، ورلڊ فيڊريشن آف ٽريڊ يونين، انساني حقن جي تنظيمن جو گروپ ننڍن آبادگارن ۽ ڪاروبارن جو گروپ، ايشيا پيسيفڪ قومن جو گروپ، امن جي تنظيمن جو گروپ، اهي سڀ گروپ روزانه مختلف فورمن تي مختلف ڪمرن ۾ پنهنجا مسئلا بحث هيٺ آڻين ٿا.

پاڪستاني وفد ۾ ٤ سرڪاري نمائندا، ٤ غير سرڪاري تنظيمن جا نمائندا شامل آهن. ان ڪانسواءِ صدر صاحب جن سان گڏ آفتاب احمد خان شيرپائو، شهناز وزير علي سيڪريٽري تعليم ۽ سيڪريٽري عورتن ۽ نوجوانن جي ڀويزن پڻ شامل آهن. هتي ڪوپن هيگن ۾ انٽر پارليامينٽري يونين جو پڻ اجلاس هلي رهيو آهي جنهن لاءِ سيد ظفر علي شاهه صاحب ڊپٽي اسپيڪر جي سربراهي ۾ چئن پارليامينٽرين جو وفد پڻ آيل آهي، پطرس پطرس غالي پنهنجي افتتاحي خطبي ۾ چيو ته: "اڄ جي عالمي معاشيات سيني تي اثرانداز ٿئي ٿي. اسان کي اها به خبر آهي ته ان جا اثر سيني لاءِ لاپائتا ڪونه آهن. انهن پاليسين سبب فرد جي باهمي يڪجهتيءَ ۾ ڏارَ پيا آهن ۽ ملڪ ۽ ڏتڙيل سماجي علائقا پٺتي ڌڪجي ويا آهن. امير ۽ غريب جي وچ ۾ ويڇو وڌندو وڃي. ان ڪري اڄ اسان آڏو اهو وڏو ڪم آهي ته اسان گڏيل سماجي جوابداريءَ جي خيال تي سوچيون.

منهنجي خيال ۾ هن ڪانفرنس جي جيڪڏهن ڪا ڪاميابي ٿي سگهي ٿي ته صرف غربت کي عالمي مسئلي جي حيثيت سان تسليم ڪرڻ آهي ۽ ان کي سيني قومن لاءِ هڪ گڏيل جوابداريءَ طور مڃڻ آهي.

هن ڪانفرنس جي پڇاڙيءَ ۾ ڏهن نڪتن وارو عالمي پڌرنامو صحيح ٿيندو، جيڪو پڻ ٻين ڪيترن پڌرنامن وانگر تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ٿي ويندو ۽ عمل جو انتظار ڪندو.

(جاڳو ٢٠ مارچ ١٩٩٥ع)

# ٣- سماجي ڀلائي ۾ پوليس جو ڪردار

(دهلي جي پوليس آفيسر ۽ سماجي ڪارڪن محترم ڪرن بيدي سان ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ۽ صادق صلاح الدين جي ڳالهه ٻولهه)
جيڪا اقوام متحده جي معاشرتي ترقيءَ لاءِ عالمي ڪانفرنس دوران رڪارڊ ڪئي وئي.

(مسودو صادق صلاح الدين ترجمو سليمان شيخ)

سوال: ڪرن بيدي صاحب! اسان توهان جو نالو گهڻو ٻُڌو آهي، پر پاڪستان ۾ رهندڙ توهان جي باري ۾ تفصيل نٿا ڄاڻن، پنهنجي باري ۾ ڪجهه ٻُڌايو؟

جواب: مون انڊين پوليس سروس ۾ ١٩٧٢ع ۾ شرڪت ڪئي. آئون هندستان جي پهرين خاتون پوليس آفيسر هئس. انٽرويوءَ وقت مون کان پڇيو ويو ته تو پوليس جي نوڪريءَ جو فيصلو ڪيو آهي، ڇا توکي اندازو آهي ته هن پيشي ۾ ڪهڙيون تڪليفون ۽ مسئلا اَڏو اچن ٿا. تون انهن ڳالهين کان واقف آهين يا توکان غلطي ٿي وئي آهي؟ مون چيو، نه، مون گهڻي سوچ ويچار کانپوءِ اهو فيصلو ڪيو آهي، ڇو ته آئون سمجهان ٿي ته پوليس آفيسر وٽ ايترا اختيار هوندا آهن، جو جيڪڏهن هو چاهين ته سماج جي ڀلائيءَ لاءِ گهڻا ڪم ڪري سگهن ٿا.

منهنجي نوڪريءَ کي ٢٣ سال ٿي چڪا آهن. ان دوران مون قسمين قسمين ڪم ڪيا آهن. ڊپٽي ڪمشنر پوليس رهي آهيان. دهليءَ جي ٻن ضلعن ۾ نارڪوٽڪس ڪنٽرول بيورو ۾ ڪم ڪيو آ هي، ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پوليس رهي آهيان. هڪ صوبي ۾ هڪ ٻي اهم ذميواري ڏني وئي. جڏهن دهليءَ ۾ ايشيائي رانديون ٿي رهيون هيون، مون اها ڪوشش ڪئي ته بنا جديد اوزارن ۽ انتظامن جي صرف انساني قوت کي استعمال ڪري، ٽريفڪ کي ڪهڙيءَ ريت بهتر ڪري سگهجي ٿو. هن وقت آئون آءِ جي جيل آهيان ۽ منهنجي ذمي چار جيل آهن. اهي چار ئي

جيل هڪبئي سان گنديل آهن ۽ شايد ايشيا ۾ ڪنهن هڪ هنڌ ايڏو وڏو جيل ۽ ايڏا قيدي ڪنهن بئي هنڌ نہ آهن. دهليءَ جي هن جيل جو نالو تهار آهي. هتي ٩٧٠٠ قيدي رهن ٿا.

سوال: ڪرن بيدي صاحبہ! پوليس آفيسر هوندي بہ توهان ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ گهڻا ڪم ڪيا آهن. انهن سيني ڪمن جي پويان توهان جي ڪهڙي سوچ هئي؟

جواب: منهنجي عادت هئي تہ آئون ڏوهہ جي پس منظر ۾ وڃڻ گهرندي هئس. آئون معلوم ڪرڻ چاهيندي هئس تہ ڪنهن ڏوهاريءَ جيڪڏهن ڏوهہ ڪيو آهي تہ ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ ڪهڙيون حالتون ۽ سبب هئا، جنهن جي ڪري هو ايئن ڪرڻ تي مجبور ٿيو؟ ۽ شايد ان ۾ منهنجي عورت هئڻ جو بہ دخل آهي. عورت هئڻ جي ناتي مون ۾ ماڻهن کي بهتر ڪرڻ جو جذبو تہ هو، ان ڪري آئون انهن ڳالهين ۾ بہ لڳل رهيس تہ آئون ڪيئن انهن کي بهتر شهري بنجڻ طرف راغب ڪريان.

مون ڪڏهن بہ نہ سوچيو تہ آفيسر جو ڪم گرفتاريءَ کان پوءِ ختم ٿي وڃي ٿو، پر مون کي هميشہ ايئن لڳو آهي تہ جوابدار جي گرفتاريءَ کان پوءِ منهنجو ڪم شروع ٿيو آهي ۽ مون کي اها ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ ڪو اهڙو اصلاحي قدم کڻڻو آهي، جنهن سان هي ڏوهاري، جنهن هڪ ڀيرو ڏوهہ ڪيو آهي، ٻيهر اهڙو ڪم نہ ڪري. پوليس جي تربيتي ڪتابن ۾ لکيل آهي ۽ ٽريننگ دوران بہ اسان کي ٻڌايو ويوتہ پوليس جو ڪم ڏوهن کان روڪڻ ۽ انهن جي تفتيش ڪرڻ آهي. پر اسان عملي دنيا ۾ ڏٺو تہ پوليس جو زور فقط تفتيش ۽ گرفتاريون ڪرڻ تي رهي ٿو. ڏوهن کي روڪڻ تي ڌيان نہ آهي. اهو ڪوبہ نٿوسوچي تہ ماڻهن کي ڏوهن کان ڪيئن جهلجي.

هندستان ۾ پوليس آفيسرن کي تمام محدود جوڊيشل اختيار بہ آهن، ان ڪري انهن جي عدالت ۾ ڏوهاري بہ آندا وڃن ٿا. مون کي ياد آهي تہ جڏهن منهنجي عدالت ۾ ڏوهاري آندا ويندا هئا تہ آئون ڏسندي هئس تہ ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ نوجوان بہ آهن. آئون انهن نوجوانن جي خاندانن کي گُهرائيندي هئس، انهن جي مائرن کي سڏائيندي هئس ۽ انهن سان صلاح مشورو ڪندي هئس. آئون هميشہ پبلڪ کي پاڻ سان گڏ کڻي هلندي آهيان ۽ مون هميشہ ڪوشش ڪئي آهي تہ پوليس جي ڪمن

۾ ماڻهو حصو وٺي سگهن، جيو ته پوليس ان وقت ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري سگهي ٿي، جڏهن ماڻهو ان جي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندا. جوابدارن جي ڪٽنبن کي گڏ ڪٽي هلڻ ۽ انهن سان صلاح ڪرڻ ۾ مون ڏٺو ته ان سان ڏاڍو سٺو اثر ٿئي ٿو ۽ ڏوهاريءَ جي چڱي اصلاح به ٿئي ٿي. ڪجهه ماڻهو اهڙا هوندا هئا، جن جي مائٽن تائين منهنجي رسائي ٿي نه سگهندي هئي يا انهن جو ڪٽنب شهر ۾ ڪونه هوندو هو، ان صورت ۾ هن جي ٻين مائٽن، پاڙيسرين يا جتي هو ڪم ڪندو هو، اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن کي يا سندس دوستن کي سڏائيندي هئس. اهي ڳالهيون مون ڪنهن ڪتاب ۾ ڪونه پڙهيون هيون،پر منهنجي تجربي ٻڌايو ته جيڪڏهن ڏوهه گهٽائڻا آهن ۽ انهن کي روڪڻوآهي ته پوءِ اهڙن ماڻهن کي ساڻ کڻڻو پوندو. اهڙين شين جا ڪي تسليم ٿيل اصول ناهن. اها ڪامن سينس جي ڳالهه آهي ۽ اهو ڪامن سينس وقت ۽ تجربي سان گڏ وڌي ٿو. منهنجو اهو ئي شوق مون کي هوريان هوريان ڪميونٽي ورڪ ڏانهن وٺي ويو ۽ مون ڏٺو ته جيڪڏهن صحت مند معاشري کي ساڻ ملايون ته ان سان معاشري جي مڪمل صحت ۾ بهتري ٿيندي.

آئون توهان کي ٻُڌايان ٿي ته ١٩٨٠ع ۾ ڇا ٿيو؟ ١٩٨٠ع ۾ آئون دهليءَ جي اولهه ضلعي ۾ ڊپٽي ڪمشنر هئس. ماڻهو ان کي Wet ضلعو چوندا هئا، ڇو ته اهو ڪچو شراب ٺاهڻ ۽ وڪڻڻ لاءِ تمام مشهور هو. ضلعي ۾ تمام گهڻيون عورتون ۽ مرد ڪچو شراب ٺاهيندا ۽ وڪڻندا هئا. ان ڪري پاڙي ۾ غنڊا گردي به گهڻي هئي. جوئا به ٿيندي هئي. ان علائقي ۾ هر قسم جون بڇڙايون ٿينديون هيون. شروع ۾ جڏهن اسان ماڻهن کي پڪڙڻ شروع ڪيو ته آئون سوچيندي هئس ته اسان ڪيترن ماڻهن کي پڪڙينداسين. گرفتارين سان گڏوگڏ اسان کي گهرجي ته اسان ڪچو شراب ٺهڻ بند ڪرائي ڇڏيون، ڇو ته جيڪڏهن اهو ڪچو شراب ٺهڻ بند نه ٿيو ته ماڻهو گرفتار ٿيندا رهندا، پر ڪم ايئن ئي هلندو رهندو. هڪ ڏينهن ۾ اسان ڇئن کي جهليندا سين يا پنجن کي، هڪ ڏينهن ۾ اسان پلا ڪيترن کي جهلي سگهنداسين.

مون هڪ پيرو اها ڪوشش ڪئي ته جيڪي ماڻهو ڪچو شراب ٺاهين ۽ وڪڻن ٿا، انهن کي سڏايان. شروع ۾ ماڻهو پوليس جي آفيس ايندي هٻڪي رهيا هئا، پر مون هنن کي چيو ته ڪنهن کي به ڪا سزا نه ڏني ويندي، آئون صرف ڳالهائڻ چاهيان ٿي ۽ توهان سان ملڻ چاهيان

تي. تہ تيو ايئن تہ هو هڪ ڏينهن ۾ ١٢٠٠ کان ١٥٠٠ گڏجي مون وٽ آفيس آيا. مون هنن کي چيو تہ ڇا اهو ممڪن آهي تہ توهان هي ڪم ڇڏي ڏيو؟ ڇا توهان جي دل نٿي چوي تہ توهان جا ٻار بہ اسڪول وڃن ۽ توهان جي زندگيءَ جو طريقو يا معيار بہ صاف سٿرو هجي؟ هنن جواب ڏنو تہ هنن وٽ روزگار جو ڪو ٻيو ذريعو ڪونهي. مون هنن کي چيو تہ جيڪڏهن حڪومت مدد ڪري تہ توهان کي ڪو ٻيو روزگار ملي تہ ڇا توهان هي ڪم ڇڏي ڏيندا؟ هنن چيو تہ اسان ان باري ۾ ڪوشش ڪري سگهون ٿا.

مون چيو تہ ان سلسلي ۾ آئون توهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿي، ڇو تہ منهنجي ڪوشش اها آهي تہ ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ ڪانسواءِ معاشري کي سڌاري سگهجي. هو ماڻهو حيران ٿي ويا. ان ڪري تہ اڄ تائين هنن کي ڪنهن ايئن نہ چيو هو تہ اسان توهان کي سڌارڻ گُهرون ٿا. سڀ ماڻهو هنن مان ڪڪ هئا ۽ جيڪو بہ پوليس آفيسر آيو ٿي، هنن کي گرفتار ٿي ڪيائين. هو ويچارا وڪيلن کي بہ پئسا ڏيندا هئا، رشوتون بہ ڏيندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي زندگي گذاري رهيا هئا.

هن ڪم جي شروعات ۾ اسان هڪ ياد داشت تي هنن ماڻهن کان صحيحون ڪرايون، پر مون ڏٺو تہ ان ياد داشت تي سڀني ايمانداري سان دستخط نہ ڪيا هئا، ڪجهہ ماڻهن دوڪو ڏيڻ ٿي چاهيو. انهن ماڻهن سان سختي ڪئي وئي. منهنجي پوليس جون ٻسون وينديون هيون، جن ۾عورتن جي پوليس بہ هوندي هئي ۽ جتان بہ شراب جي ٿورڙي بوءِ ٿي آئي، اُتي اها گهرن تي ڇاپا هڻندي هئي ۽ ماڻهن کي گرفتار ڪري ويندي هئي. سو، مون ماڻهن کي پڪڙيو بہ ۽ ماڻهن کي سڌاريو بہ ۽ مون ڪوشش ڪئي تہ آئون زيادتي نہ ڪريان ۽ بي ايماني نہ ڪريان. مون ڏٺو تہ قانون جي اندر رهي، ايمانداريءَ سان سڌاري بہ سگهجي ٿو. مون اهو بہ ڏٺو تہ ڪجهہ ماڻهو هن عمل ۾ خوشيءَ سان شريڪ ٿيا ۽ ڪجهہ قانون کان ٻجي آيا.

مون ماڻهن کي ان ڳالهہ تي راضي ڪيو تہ هو گورنر وٽ وفد وٺي وڃن ۽ هن کي چون تہ سرڪار کين ڪو ٻيو ڪم ڏي. گورنر هنن سان تعاون ڪيو. پوءِ مون اهو بہ ڪيو تہ بينڪ جي مينيجرن سان ميٽنگون ڪري کين هن مسئلي کان آگاهہ ڪيو ۽ هنن کي چيو تہ توهان ماڻهن کي نقد رقمون نہ ڏيو. ٿي سگهي ٿو تہ هُو اهي پئسا هيڏانهن هوڏانهن خرچ

ڪري ڇڏين. توهان هنن کي ڪجهه مشينري ڏيو، ڪجهه تربيت ڏيو، اهڙيون شيون ڏيو، جن جي مدد سان هو پنهنجو ڪم شروع ڪري سگهن. اهڙيءَ ريت هتي مثبت تبديليءَ جو عمل شروع ٿي ويو ۽ ويٺ ضلعو پيهر ويست ضلعو سڏجڻ لڳو ۽ ماڻهن جي حالت بهتر ٿي وئي.

ان پوري عمل ۾ مون ماڻهن کي پاڻ سان رکيو. مون ماڻهن کي چيو ته جيڪڏهن ڪو به هڪ ڪچي شراب جو ڪم ڪري ته مون کي ٻڌائي. آئون وائرليس تي هر وقت هر هڪ لاءِ موجود آهيان، جنهن جي دل چاهي، مون کي اهو ٻڌائي ته ڪٿي ڪهڙو ڏوهه ٿي رهيو آهي ۽ ان کي ڪهڙيءَ طرح روڪي سگهجي ٿو؟ اخبار وارن به هن مهم ۾ دلچسپي ورتي. ان باري ۾ خبرون، فيچر، انٽرويو ۽ مضمون ڇپيا، جنهن سان انهن ڏوهن کي روڪڻ لاءِ معاشري ۾ شعور وڌيو.

ان زماني ۾ مون وٽ ته هڪ ضلعو هو، پر دهليءَ ۾ پنج ضلعا هئا. مون ڏٺو ته هر ضلعي جي پوليس آفيسرن جون رپورٽون هيڊ آفيس پهتيون، انهن مان هر رپورٽ ۾ اهو ئي لکيل هو ته ڪنهن ڪيترا ڪيس جهليا ۽ ڪيترو شراب پڪڙيو. منهنجا باقي ساٿي ته پنهنجي سڄي ساري ڪارڪردگي اهڙي طرح ظاهر ڪندا هئا، پر منهنجو ڪم ماڻهن کي جهلڻ هو ئي ڪونه. منهنجو مقصد روڪڻ هو ۽ اهڙو ڪو به طريقو ڪونه هو ته مان رپورٽ ۾ اها ڳالهه ڏئي سگهان تنهن ڪري منهنجو اسڪور پنهنجن انهن سيني ساٿين کان گهٽ هو، ڇو ته مون نه ته شراب هٽ ڪيو ۽ نه ئي ماڻهو ٿي گرفتار ڪيا. اصل ۾ پوليس ڪا توگرفتارين تي ڪريڊٽ وٺي ٿو. هتي تخليقي ڪم ماپڻ جو ماپو آهي ئي ڪونه.

١٩٨٦ع ۾ مون کي دهليءَ جو ٻيو ضلعو مليو. اُتي وڃي مون کي لڳو ته منهنجو سڄو علم ۽ تجربو مدي خارج ٿي چڪو آهي، ڇو ته ان ضلعي ۾ مسئلو ڪچي شراب جو نه هو، ان ضلعي ۾ سڀ کان سنگين مسئلو نشي جو هو ۽ ان سان گڏ هڪ پوري مافيا هئي.

آئون ڏسندي هئس ته آئون جيڪو ڇور جهليان ٿي، اهو ته سڌيءَ طرح ڳالهائي به نٿو. مون اها بيماري پهرين ڪونه ڏٺي هئي. ان زماني ۾ دهلي نشي جو ٽرانزٽ روٽ پڄي وئي هئي ۽ جڏهن مون هنن کي اسپتال موڪلڻ گهريو ته خبر پئي ته اهي نشي جا عادي آهن ۽ اسپتال مان ڀڄي وڃن ٿا.

مون هڪ پوليس ٿاڻي ۾ نشي کان ڇوٽڪاري جو هڪ مرڪز

ڪوليو. اها بہ ماڻهن لاءِ عجيب ڳالهہ هئي تہ تاڻن ڪي اسپتال ٻڌايو وڃي. اتي هڪ ڪئمپ بہ هنئين وئي، جتي ١١٠ مريض رکي سگهجن پيا. ٿورن ئي ڏينهن ۾ اها اسپتال ڇڏڻي پئي. اهڙا ڪجهہ ٻيا مرڪز کوليا ويا ۽ انهن تاڻن مان ٧٠٠ ماڻهن جو علاج ٿيڻ لڳو. انهن مرڪزن تي اسان مختلف طرح جون شيون استعمال ڪيون. يوگا جي تعليم ڏني. هنن کان ڪسرتون ڪرايون ويون، هنن لاءِ ٽي وي هنيو ويو تہ جيئن سندن دل لڳي رهي ۽ سکون سان رهن. ان سلسلي ۾ اسان ڪي سڄي مدد رضاڪارانہ بنيادن تي ملندي رهي، جو تہ سرڪار جي بجيٽ ۾ اهڙين شين جي گنجائش هوندي ئي ناهي. مون معاشري کي ان ۾ حصيدار ڪيو ۽ عام ماڻهن جو وڏو تعداد رضاڪار طور ڪم ڪندو رهيو. ماڻهو انهن مرڪزن ۾ مريضن لاءِ بسترا، کائڻ لاءِ سامان ۽ ٻيون شيون کڻي تي آيا. ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو ويو تہ هتي نشو نہ پهچي.

جڏهن ماڻهن اهو ڏٺو تہ هيءَ هڪ اهڙي جاءِ آهي، جتي عزت سان مريضن جو علاج ٿئي ٿو، هتي مارڪُٽ نہ ٿي ٿئي، پر مسئلن جو حل ڪيو وڃي ٿو تہ ماڻهن انهن تاڻن جي سهولت مان گهڻو فائدو ورتو.

سوال: ڪرن بيدي صاحبہ! اهو ٻڌايو تہ توهان پوليس آفيسر ۽ سرڪاري ملازم آهيو، توهان جي بدلي بہ تڪڙي تڪڙي ٿيندي هوندي تہ اهڙا ڪم جڏهن توهان شروع ڪيا، سي توهان جي وڃڻ ڪانپوءِ ختم ٿي ويا هوندا، انهن کي جاري رکڻ لاءِ توهان ڇا ڪيو؟

جواب : ٻن سالن کان پوءِ جڏهن ان ضلعي مان منهنجي بدلي ٿيڻ لڳي، تڏهن مون اهو ئي سوچيو تہ آئون هتان هلي ويس تہ ان کان پوءِ ڇا ٿيندو؟ ان ڪري مون هڪ اين جي او ٺاهي ۽ اهو طئي ڪيو تہ اهو ڪم اين جي او سنڀاليندي. ان اين جي او جو نالو " نوجوتي " آهي، يعني نئين روشني، نشي جي عادي ماڻهن جي علاج ۽ بحاليءَ جا سڀئي مرڪز " نوجوتي " جي حوالي ڪيا ويا. دهليءَ جي پوليس ڪمشنر کي اسان ان جو صدر بڻايو. دهلي پوليس فائونڊيشن نوجوتيءَ جي سار سنڀال ڪري ٿي. آئون نوجوتيءَ جي جنرل سيڪريٽري آهيان. بعد ۾ اسان کي حڪومت هند جي گرانٽ بہ ملڻ لڳي، جنهن کان پوءِ اسان پگهار تي ڪجهہ اسٽاف رکيو، ڪجهہ ريسرچ بہ ڪرڻ شروع ڪئي. هن وقت نوجوتي تحت ٩ هزار ماڻهن جو مفت علاج ٿئي ٿو.

**سوال :** ڪرن بيدي صاحبا! نشي جي عادي مريضن جو فالو اپ ته تمام گهٽو ڪرڻو پوي ٿو. اهي مرڪزن تي علاج ڪرائي ته نٽا وڃي سگهن. توهان فالو اپ لاءِ ڇا ڪيو؟

**جواب:** اصل ۾ اسان سڄي هندستان ۾ نيٽ ورڪ ٺاهيو آهي ۽ اهو ايئن آهي، جو فرض ڪريو ته اسان وٽ متراما ن ڪو مريض اچي ٿو، جڏهن هو اسان جي مرڪز مان علاج ڪرائي وڃي ٿو ته اسان جي نيٽ ورڪ ۾ موجود مترا واري آرگنائيزيشن کي اسان اطلاع ڏئي ڇڏيون ٿا. اهڙيءَ طرح جتي جتي اسان جو نيٽ ورڪ آهي، اتي مقامي ماڻهو واسطيدار مريضن جي سار سنڀال لهن ٿا. هاڻي اسان جو هي نيٽ ورڪ ڏکڻ هندستان تائين وڌي ويو آهي. دهليءَ ۾ فالو اپ ڪرڻ سولو آهي، هتي رضاڪار گهرن تي وڃي ملن ٿا.

**سوال:** اهو ٻُڌايو ته توهان جي هن ڪمن سان پوليس جو هڪ نئون ڪردار اُڀري سامهون آيو آهي. توهان جا ساٿي، جيڪي پوليس آفيسر هوندا، جن کي هڪ خاص انداز سان زندگي گذارڻ جي عادت هوندي انهن لاءِ ته اها ڪا تمام سٺي ڳالهه نه ٿيندي، جو هڪ پوليس ڪماني کين هن قسم جي اصلاحي ڪمن ڏانهن وٺي وڃي. هنن جو ڇا ردعمل هو؟ هنن ڪا مزاحمت ته ڪونه ڪئي؟

**جواب:** مون کي ياد ناهي ته ڪڏهن ڪنهن تمام گهڻي مخالفت ڪئي هجي، پر ها! ايئن ضرور ٿيو ته ڪجهه ماڻهن سراهه ڪئي، پر گهڻن ماڻهن کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته جڏهن آئون پوليس جي ڪردار جي سماجي پهلوءَ جي ڳالهه ٿي ڪريان ته اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ صرف پوليس وارا ئي نه، سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جا ڪجهه ساٿي به ايئن سوچيندا هئا ته هي ڪو پوليس جو ڪم ته نه آهي، هي ته اسان جو ڪم آهي. توهان اسان جي ڪم ۾ دخل ڇو ڏئي رهيون آهيو. پر مون کي ماڻهن وٽان وڏي مدد ۽ حوصلو مليو. ماڻهن گهڻو دٻاءُ وڌو ۽ سندن مدد سبب هي ڪم هلندو رهيو. جيتوڻيڪ مون کي گهڻي جدوجهد ڪرڻي پئي، پر ان جو نتيجو اهو نڪتو ته هاڻي پوليس جي ڪم جو تصور بدلجڻ لڳو آهي. پوءِ ١٩٩٤ع ۾ مون کي جيڪو سِگا ساسي ايوارڊ مليو، ان به تمام اهم ڪردار ادا ڪيو. اهو هن ريت ته اسان جي معاشري ۾ ٿيندو ايئن

جيڪو بہ عدم تشدد جو پرچار ڪري، اهو اسان لاءِ احترام لائق آهي پوءِ ڪني اهو هندو هجي، عيسائي، مسلمان يا سک!

سوال: اوهان پنهنجي موجوده ڪم بابت ٻڌايو؟
جواب : آئون اوهان کي ٻڌائي رهي هيس تہ اسان کي وقت ضايع نہ ڪرڻ جي تربيت ملي. آئون جڏهين جيل جي آءِ جي ٿيس تہ مون کي خيال آيو تہ منهنجو پوليس جو تجربو چوي ٿو تہ اهي ماڻهو جيڪي ڪيسن جي زماني ۾ بہ ٽي يا چار سال قيد ۾ گذاري آيا آهن، اهي جيل جي ماحول سبب وڏا ڏوهاري بڻجي وڃن ٿا. پر هاڻي تہ اهي مون سان آهن ۽ منهنجي ذميواري آهن ۽ آئون انهن لاءِ ڪجهہ ڪري سگهان ٿي.
هن جيل ۾ ۹ هزار ماڻهو آهن، اٽڪل هڪ هزار سزا يافتہ آهن. جن کي سزا ملي آهي، اهي تہ ڪنهن ڪرت ۾ لڳايا آهن، باقي واندا آهن جن کي ڪرڻ لاءِ نہ ڪوهنر آهي نہ مشقت. مون پوليس آفيسر جي حيثيت ۾ سوچيو تہ هاڻي آئون ڪنهن سان شڪايت ڪريان هاڻي تہ آئون پاڻ ذميوار آهيان. مون کي ٿي حالتون ٺيڪ ڪرڻ گهرجن. مون ڏٺو تہ ڪجھ قيدين ۾ ۸۰ سيڪڙو اڻ پڙهيل هئا. اهي غريب هئا ۽ پڙهڻ جي خواهش پڻ هين. مون تعليمي ڪلاسن جو پروگرام ترتيب ڏنو. هن وقت جيل ۾ ۹ وڳي کان هڪ وڳي منجهند تائين چار ڪلاس ٿين ٿا. زبانن سکڻ جا بہ ڪلاس هلن ٿا. توهان کا اهو ٻڌي خوشي ٿيندي تہ اسان جي جيل ۾ عربي، فارسي، جرمن، اسپيني، اڙدو ۽ ٻين گهڻن ئي زبانن جي بنيادي تعليم جا ڪلاس هلن ٿا. پڙهيل قيدي اڻ پڙهيلن کي پڙهائين ٿا. اهڙا قيدي بہ آهن جيڪي ستون اٺون ڪلاس پاس آهن اهي ميٽرڪ پاس ڪري وٺن ٿا. جيڪي انٽر پاس آهن اها بي اي پاس ڪرڻ لاءِ محنت ڪن ٿا. اهڙيءَ ريت اندرا گانڌي اوپن يونيورسٽيءَ جا مرڪز پڻ اسان جي جيل ۾ کلي ويا آهن. ڪجهہ پبلشرن ڪتاب عطيي ۾ ڏنا آهن. هن وقت جيل جي هر هڪ باريڪ ۾ هڪ ننڍي لائبرري نظر ايندي. اسان مسئلن جو حل ان ريت ڳوليو تہ اعلان ڪندا آهيون تہ جيل ۾ تعليم لاءِ ڪاپيون ۽ ڪتاب گهرجن توهان يقين ڪيو تہ ڪاپين، سليٽن، پينسلن ۽ پراڻن ڪتابن جون ڪيتريون ئي ٽرڪون پرجي اسان وٽ پهتيون. ان ڪانسواءِ اسان ملاقاتين کي چواندا آهيون تہ پنجن رپين جي ڪاپي خريدي اچن جيڪا اسين بي سهارا قيدين کي ڏيندا هئاسين.

اسان هڪ سئو اسڪولن جي استادن ۽ منتظمن سان گڏجاڻيون ڪيون، اسڪولن اسان جي ڀرپور مدد ڪئي. سڄي معاشري کي ان ڳالهہ ۾ دلچسپي آهي تہ ڏوهاري سڌري وڃن ۽ هو باعزت روزگار لائق ٿين تہ جيئن معاشري ۾ امن امان ٿي سگهي. توهان کي هن وقت جيل جي هر بلاڪ ۾ هڪ اسٽور نظر ايندو جنهن ۾ ڪاپيون ڪتاب اسٽيشنري وڪري لاءِ موجود آهن. ان ڪانسواءِ لائبرري بہ آهي جتي ويهي قيدي اخبارون ۽ ڪتاب پڙهن ٿا. مون کي خوشي آهي تہ هاڻي قيدين واتان ٻڌان ٿي تہ "وقت ضايع نہ ڪريو". قيدي بہ اڪثر اهو جواب ڏين ٿا تہ اسان وٽ فلاڻي ڪم لاءِ وقت ڪونهي.

جڏهن مون پوليس جي نوڪري شروع ڪئي تہ مون کي بہ ڪئين ڏکيائون هيون. هڪ تہ آئون هڪ عورت هيس ۽ ٻيو تہ آئون پوليس ۾ آهيان پر انهن ٻنهي ڏکيائن کي وقت سان مون پنهنجي لاءِ فائديمند طور استعمال ڪيو.

سوال : هندوستان ۾ هن وقت پوليس ۾ ڪيتريون عورتون آهن توهان انهن لاءِ تہ مثالي ڪردار هونديون؟

جواب : هاڻي هندوستان ۾ ٤٥ خواتين پوليس آفيسر آهن. جيڪي تمام سٺا ۽ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن ۽ شايد اهي مون کي هڪ مثالي ڪردار جي حيثيت ۾ ڏسنديون هجن. آئون تحقيق جي ڪم سان پڻ لڳل آهيان مون کي نهروفيلوشپ ملي آهي. ان وسيلي آئون مختلف جيلن جو مطالعو ڪرڻ گهران ٿي ۽ ڏسڻ گهران ٿي تہ انهن جيلن ۾ ڪهڙيءَ ريت ڪم ٿئي ٿو. پاڪستان جي جيلن جو مطالعو ڪرڻ جو پڻ شوق اٿم. اميد اٿم تہ ايندڙ سال پاڪستان جو دورو ڪري سگهنديس. مون کي پاڪستان سان ان ڪري بہ دلچسپي آهي جو منهنجون پاڙون پشاور ۾ آهن منهنجو والد گورنمنٽ ڪاليج لاهور مان پڙهيو آهي ۽ مون کي شوق آهي تہ آئون پنهنجي پيءُ کي هڪ ڀيرو ان ڪاليج ۾ وٺي وڃي سگهان.

# 4- اسين غريب ڇو آهيون؟

نراسائي ۽ ويڳاڻپ جا اهڃاڻ جيڪي شهرن ۾ رهندڙ سنڌين ۾ نمايان آهن انهن کان گهڻا وڌيڪ گهرا گهاوَ اسان جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ پيارن ماڻهن جي من تي لڳل آهن. تازو سنڌ جي هڪ ننڍڙي پياري ڳوٺ ۾ وڃڻ ٿيو. ڳوٺ جو نالو نشان وس ڪري نٿو لکان جو متان حد جا واسطيدار سڀاجهن تي ڪهر ٻنجي ڪِرن. ڳوٺاڻن جو ميڙاڪو هو ۽ موضوع سخن هو:

**اسين غريب ڇو آهيون؟**

پنجن ٽولين ۾ ويهي هنن دوستن ٻچث ڪيو ۽ پنهنجا نتيجا هر هڪ گروپ الڳ الڳ پيش ڪيا. مون انهن سيني سببن کي گڏيو آهي. هي سبب ڪجهه هن ريت آهن. (هن لسٽ ۾ ترتيب ڪانهي.)

احساس ڪمتري، مقدر تي ياڙڻ، ذهني جاڳرتا جو نه هجڻ، غلط ريتون رسمون، جاگيرداري نظام، وسيلن جي غلط ورڇ ۽ غلط استعمال، منصوبه بندي نه هجڻ، آباديءَ ۾ اضافو، فضول خرچي، سم ۽ ڪلر، واهن جي ڪاٽي نه هئڻ، پاڻيءَ جي کوٽ، مال ۾ مختلف بيمارين، مڇرن جي ڪري بيماريون، قدرتي آفتون، حڪومت جون غلط پاليسيون، تعليم جي گهٽتائي، صحت جون سهوليتون ميسر نه هئڻ، حڪومت جو هارين طرف ڪوبه ڌيان نه هئڻ، صفائيءَ جو بندوبست نه هجڻ، ڍل جي وڌيڪ وصولي، پوليس جو جبر، جبري مشقت، لياقت جو قدر نه ڪرڻ، مهانگائي، بيروزگاري، محنت جي گهٽتائي، لڳاتار غلامي، وقت جو قدر نه ڪرڻ، رشوت، نشي جي عادت، ڳرا قرض، وڏيرن جو ڏاڍ، سماجي برايون، پراڻن طريقن جو استعمال ۽ جديد طريقن جي ڄاڻ نه هئڻ، پير پرستي، ٻڌي نه هئڻ، عورتن کي برابر نه سمجهڻ، صحيح معاوضو نه ملڻ، ذاتي جهڳڙا، هنر جي گهٽتائي، ذهني غربت، زمين نه هئڻ، رستن جي کوٽ، سستي ۽ ڪاهلي، حسد، ٻئي تي ياڙڻ جي عادت، وڏن جو چيو نه مڃڻ، امتحانن جي ڳري في.

بحث دوران شريڪ ساٿين ڪجهه اهم اعتراض پڻ اٿاريا:

١) زرعي ٽاسڪ فورس ۾ اهڙا ماڻهو آهن جن ڪڏهن زمين ڏٺي به

# ۵- ايجنڊا - ۱۹۹۵

سال ۱۹۹٤ع پنهنجو وارو وڄائي ويو. ڪئين زخم يادگيريون پويان ڇڏي ويو. سنڌ جي حوالي سان هن سال ۾ ڪئين اهم واقعا ٿيا. سنڌي علم و ادب فن جي دنيا ۾ ڪئين نقصان ٿيا. سنڌي اخبارن ۱۹۹٤ع جي اهم واقعن جو ذڪر ڪيو آهي. پر افسوس جو انهن واقعن ۾ ڊاڪٽر الهہ داد ٻوهيو، يوسف علي ۽ منصور بلوچ ڊراما آرٽسٽن جي وفات متعلق ذڪر نہ ڪيو آهي. هلال پاڪستان بہ ائين نہ ڪيو آهي الائي ڇو؟

ان ڪانسواءِ ادبي دنيا ۾ سنڌي ادبي بورڊ اندروني ڇڪ ڇاهہ ۾ رهيو ۽ ان کي نئون چيئرمين جناب حسين شاهہ راشدي مليو. خدا ڪري شال نئون سال ادبي بورڊ لاءِ سڀاڳو ثابت ٿئي. هن اهم علمي اداري جو ڪم وري زور وٺي.

سال جي پڇاڙي واري دور ۾ سنڌ جي ٻن اهم ادبي شخصيتن جي اختلافن جون خبرون آيون آهن. سنڌي علم و ادب جي دنيا ان تي بيحد رنجيده آهي. ان ڏک سان اسان سال جي شروعات ڪئي آهي. ٻئي طرف مهاجرن پاران سنڌين تي حڪومت ڪرڻ جي حق وٺڻ لاءِ عدالت عاليہ وٽ ڪليم پڻ سال جي پڇاڙيءَ ۾ داخل ٿيو آهي.

سنڌ جي تعليمي ماحول ۾ گهڻي تبديلي نہ آئي آهي. ۱۹۹٤ع جي ساليانن امتحانن ۾ ڪاپيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪومت سنڌ سرجوشي ڏيکاري. ان جا ڪجهہ نتيجا نڪتا آهن. پر اڃا منزل پري آهي. سفارش جو راڄ قائم آهي. سفارش ڪندڙن ۾ سياسي رهنما، ڪارڪن ۽ تعليم کاتي جا عملدار ۽ استاد سيني کان اڳرا آهن. ان ڪري ڪنهن غريب حقدار شاگرد لاءِ تعليمي ڏاڪڻ وسيلي اڳيرو ٿيڻ جو خواب اڃا نا تمام آهي. يونيورسٽيون سڀ گهڻو ڪري مصيبتن ۾ گهيريل آهن. استادن ۽ وائيس چانسلرن جون لڙايون هاڻي روايت بڻجي ويون آهن. شاگردن ۾ بہ ڇڪتاڻ وارو ماحول رهيو ۽ هڪ منزل اهڙي بہ آئي جو لڳو پئي تہ وري هٿيارن جو نماءُ ٿيندو ۽ ڪئين ڪونڌر ڪسندا، پر ڪو ڏنو ڪم آيو ۽ ماحول ۾ ڪافي ٺاپر اچي وئي آهي.

جيتوڻيڪ اها صورتحال ڪراچيءَ جي ادارن ۾ پڻ بتدريج رهي، پر

ان هوندي به نوڪرين ڏيارڻ وارا غير سرڪاري ادارا سنڌ يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ وارن کي نوڪرين لاءِ نااهل قرار ڏيندا رهيا آهن. ان جو هڪ سال ڏينا داستي اعلان مسلم ڪمرشل بينڪ ڪيو. مون سمجهيو هو ته ان اعلان سان سنڌي ڀهراڙين ۾ هيءَ بينڪ بند ٿي ويندي ۽ ماڻهو پنهنجا اڪائونٽ هن مان ڪڍي ويندا، پر ائين نه ٿيو، ڇاڪاڻ جو اسان پاڻ سمجهون ٿا ته سنڌ يونيورسٽيءَ جا گريجوئيٽ لائق ڪونه آهن!

هيءَ به هڪڙو بيحد ڏکوئيندڙ احساس آهي، پر استاد محترم جن هڙتال پنهنجي حقن لاءِ ڪئي ۽ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو لاڪپ جو منهن ڏٺو. تعليم کي وڌائڻ ۽ ان جو معيار اگهتي ڪرڻ لاءِ ڪو به جامع ڪم نه ٿيو ۽ نه وري ڪا تحريڪ هلي.

شاگردن پاران يونين بحال ڪرڻ لاءِ آواز اُٿيا آهن، پر سياسي ڪشمڪش جي هن ماحول ۾ ڇا يونين هٿيارن ڪانسواءِ هڪ تعليمي غيرنصابي سرگرمي رهي سگهندي؟ اهو سوال ڪيترن مون جهڙن کي ڇريو ڪندو رهندو!

سياسي سطح تي يو اين اي جڙي پر سال جي پڄاڻي وارن ڏينهن ۾ جيئي سنڌ تحريڪ ان ڪان الڳ ٿي وئي. نواز شريف جي اسي ساله پيءُ جي به ڏينهن گرفتاري پاڪستان کي لوڏي وڌو، پر سنڌ جي ٩١ ساله سياسي خدمتگار ۽ ضمير جي قيدي جي ايم سيد جي بي دريافتي ڪنهن کي به ڪونه جهنجهوڙيو.

سنڌي ماڻهن جي ٻڌي ايڪويهين صديءَ جي ايجنڊا تي سگهي ٿي. اسان جي مخالفت براءِ مخالفت واري ريت ۽ هڪٻئي کي ناپسند ڪرڻ واري عادت سنڌي قوم لاءِ وڏا مسئلا ڪڙا ڪيا آهن.

هن وقت پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ دانشور طبقي ۾ سنڌي ماڻهن جي سياسي ويچارائي تي ڇتا نظريا موجود آهن، پر اسان سياسي سطح تي مختلف علائقن ۾ پنهنجو ڪيس پوري ريت پيش ئي نه ڪيو آهي. ڊاڪٽر فيروز احمد جي اسلام آباد ۽ لاهور ياترا ڪافي سٺا اثر ڇڏيا آهن.

حڪومتي پارٽي هميشه وانگر پنهنجي "پڪيئڙن" جي پرن جي ڇانءَ ۾ آهي ۽ "فدوي" هميشه وانگر سنڌين کي غير مسلم ۽ پاڪستان دشمن ثابت ڪرڻ ۾ مصروف آهن اسان جا اهي دوست جيڪي اڳ

اسان بنيادي طرح ھڪبئي جا ترا ڪيندڙ حاسد لالچي ۽ خود پسند بنجي پيا آھيون. اھي بيماريون غلاميءَ جي جيوڙي سبب پيدا ٿينديون آھن ۽ غلام معاشري ۾ زور وٺنديون آھن. اسان ٻہ ذھني طور غلام آھيون؟

اسان کي غلام بنائيندڙ ڪير آھي؟ سماجي نظام، سياسي حڪمت عملي، ذھني لاڙا يا معاشي نابرابري؟ اھو فيصلو ڪرڻو آھي.

غريبي اسان جو مقدر ڪونھي نہ وري غلامي اسان جي ميراث آھي. تہ پوءِ سنڌ جي سچي سباجھڙي ڳوٺاڻي ماڻھو کي ترقيءَ جي تحريڪ ۾ ڪيئن سلھاڙجي؟

اڇو تہ گڏجي "ايجنڊا" ٩٥ جوڙيون.
سدا شال سکيا ستابا ھجو
نئون سال مبارڪ

(جاڳو ٦ جنوري، ١٩٩٥)

باب پنجون

# متفرق ليک

## 1- هن شهر جي کهڙي ڳالهه ڪجي

**سال ١٩٩٦**

١٢ آڪٽوبر شام مانٽريال پهتو آهيان. موسم ٿڌي آهي. ڪڏهين سج نڪري ٿو ته ان سان ٿڌي هوا پڻ گهلڻ لڳي ٿي جيڪا ٽپ ئي ٺاريو ڇڏي. شهر جي وچم هاليڊي ان سليڪٽ (چائينز) ۾ اچي لڏو لاٿو اٿئون.

مانٽريال، ڪينيڊا جي ڪيوبڪ صوبي جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي. هي فرينچ ڳالهائيندڙن جو صوبو آهي ۽ گذريل سال جي راءِ شماريءَ ۾ الڳ بنجڻ وارو هنن جو خواب پورو ٿي نه سگهيو. تمام ٿورن ووٽن تان فرينچ ڳالهائيندڙ هارائي ويا. ان جمهوري عمل کي هنن دل سان قبوليو آهي. هتي ظاهري طور ڪابه گڙٻڙ نظر ڪانه ٿي اچي.

مائونٽ رايل Mount Royal جبل جي دامن ۾ هيءَ هڪ خوبصورت شهر آهي جنهن ۾ صرف ڏهه لک ماڻهو رهن ٿا. جن مان سٺ سيڪڙو فرينچ ڳالهائيندڙ آهن ٻويهه سيڪڙو ماڻهو انگريزي ٻولي ڳالهائين ٿا باقي چيني، اسپيني، اطالوي ۽ ٻين نسلن جا ماڻهو آهن.

**تاريخي جائزو :**

١٥٣٥ع ۾ جيڪس ڪارٽيئر (Jacques Cartier) نالي هڪ سڪاني سينٽ لارينس نديءَ وسيلي هن ٻيٽ تي پهتو ان وقت هتي Ameri Indians

(ايمري انڊين) نسل جا ماڻهو رهندا هئا. جيڪي هن ذرتيءَ جا ضدين کان وارث هئا. سڪاني هن جبل تي چڙهيو ۽ ان جو عيسائي نالو Mont Royal رکيائين. ١٦٤٢ع ۾ هڪ فرينچ پال ڊي شومي درجن کن فرينچ قبضہ گيرن جي وسيلي "ميري" (Ville Marie) ڳوٺ جو بنياد وڌو جيڪو اڄ جو مانٽريال آهي. هي ننڍڙي ڪالوني سينٽ لارينس نديءَ جي ڪناري تي جوڙي ويئي. جيڪا اڄ بہ پراڻي مانٽريال جي نالي سان سڏجي ٿي.

١٧٦٠ع جي جنگ ۾ مانٽر يال برطانوي فوجن جي قبضي هيٺ آيو ۽ هڪ برطانوي بيئڪ (Colony) بنجي ويو. ان وقت جو حاڪم Nouvelle France پنهنجي سٺ هزار ماڻهن سميت پيش پيو ۽ اهڙي ريت ١٧٦٣ع ۾ هيءَ ملڪ برطانوي راڄ هيٺ اچي ويو. ٧٦-١٧٧٥ع دوران چند مهينن لاءِ آمريڪي فوجن هن شهر تي قبضو ڪيو پر سنت ئي برطانوي فوجن ٻيهر قبضو قائم ڪري ورتو ١٨٠١ع ۾ برطانوي بادشاهہ هن شهر جون يتيون ڊاهڻ جو حڪم صادر ڪيو. ١٩٠٠ع ۾ هي آمريڪي کنڊ جو بيحد طاقتوارو شهر بنجي ويو ۽ هن جي تڪڙي واڌ ۽ ترقي ٿي. ١٩٦٧ع ۾ هن ئي شهر ۾ عالمي واپاري ميلو منعقد ٿيو. ١٩٧٦ع ۾ اولمپڪ رانديون هن شهر ۾ ٿيون ١٩٩٢ع ۾ هن شهر پنهنجي ٣٥٠ هين سالگرهہ ملهائي ۽ هنيئر ١٩٩٦ع ۾ دنيا جي پهرين عالمي ماحول جي تحفظ جي ڪانفرنس First World Conservation Conference هتي منعقد ٿي رهي آهي. جنهن ۾ شرڪت لاءِ آئون هتي آيل آهيان. هن شهر جي تعارف ۾ اهو چيو ويندو آهي تہ "مانٽريال اهو شهر آهي جتي نديون ۽ ثقافتون گڏ ٿيون آهن".

"A Unique Metropolis Where rivers and cultures come together"

هن وقت مانٽريال ڪئناڊا جو وڏو صنعتي مرڪز آهي ۽ هڪ جديد ڪاسمو پوليٽن شهر آهي. هي شهر اڏاوت جي لحاظ کان قديم ۽ جديد جو سنگم آهي. هڪ طرف پراڻي شهر ۾ وڏيون پٿر جون عمارتون ڳاٽ اوچو ڪريو بيٺيون آهن جن جي وچم ننڍڙا پارڪ فوهارا، وڏيون ديوليون وڪتورين طرز عمارت سازيءَ جي ياد ڏيون ڏين تہ ٻئي طرف جديد طرزِ عمارت سازيءَ جا نمونا فائبر گلاس جي چٽين سان شهر جي سونهن جو سبب بنيا آهن. ٢٩ ڪلو ميٽرن ۾ ڦهليل زير زمين شهر ڏسڻ سان تعلق تو رکي. گهڻو ڪري هي فلڪ بوس عمارتون زير زمين رستن، شاپنگ سينٽرن ۽ طعام گاهن وسيلي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن

جن جي فاصلي کي وري زير زمين ريل (ميترو) ڳنڍائي ڇڏيو آهي.
شهر ڏونهين ۽ مٽيءَ کان بلڪل پاڪ آهي.

هن شهر ۾ اعليٰ تعليم جا ٤ اهم ادارا آهن جن ۾ مانٽريال يونيورسٽي مڪ گِل يونيورسٽي، ڪيوبيڪ يونيورسٽي ۽ ڪنڪارڊيا يونيورسٽي اچي وڃن ٿيون. انگلش سواءِ هي دنيا جو سڀ کان وڏو فرينچ ٻولي ڳالهائيندڙ شهر آهي.

ڪئناڊا جي نائب وزير اعظم ۽ قومي ورثي جي حفاظت جي وزير شيلا ڪاپس Shella Caps جي چوائي :–" اسان وٽ تازي پاڻيءَ جو سڄي دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو ذخيرو آهي. اسان وٽ وقت جا ڇهه علائقا (Time Zones) ۱۱ مندون (Climates) آهن. اسان وٽ دنيا جو وڏي ۾ وڏو غير فوجي سرحدي علائقو آهي. اسان وٽ دنيا جو وڏي ۾ وڏو سامونڊي ڪنارو آهي. اسان پئسفڪ، آرڪيٽڪ (Arcatic) ۽ ايٽلانٽڪ (Atlantic) قوم آهيون.

اسان کي فخر آهي ته اسين اهڙي ملڪ ۾ رهون ٿا جيڪو ايڏو وسيع آهي ۽ جنهن کي قدرت خوبصورت قدرتي ورثي سان نوازيو آهي ۽ اسان کي خبر آهي ته اهو اسان جو فرض آهي ته هن عظيم ورثي جي اسان حفاظت ڪريون نه صرف ڪيناڊا جي ماڻهن لاءِ پر سڄي دنيا جي ماڻهن لاءِ ".

هن شهر ۾ دنيا جي سيني وڏن شهرن وانگر هڪڙو چيني ڳوٺ (China Town) آهي. دراصل اسان واري هوٽل پڻ ان جو حصو آهي. هوٽل جي پر واري گهٽيءَ ۾ مختلف چيني کاڌي جا طعام گاهه چيني دوڪان جن ۾ جن سنگ کان وٺي اڪو پنڪچر تائين هر چيني ٽول ۽ پنسار موجود آهي.

–قدرت جي بچاءَ جي عالمي يونين :
International Union of Conservation of Nature (IUCN)

اٽڪل اٺ سئو ميمبرن تي مشتمل هڪ عالمي ادارو آهي جنهن جا ۱۳۳ ملڪ ميمبر آهن. هن ۾ سرڪاري ادارا ۽ غيرسرڪاري تنظيمون شامل آهن. هن اداري جو بنيادي مقصد (Mission) هنريت آهي.

–سڄي دنيا جي سماج جي، قدرتي وسيلن جي بچاءَ ۽ جيوت تضادن کي قائم رکڻ لاءِ همٿ وڌائڻ ۽ انهن تي اثرانداز ٿيڻ ته جيئن اهو يقين ڪري سگهجي ته قدرتي وسيلن جو استعمال برابري ۽ ماحول

جي پائيدار ترقي مطابق ٿئي ٿو.

هر ٽئين سال هن يونين جي جنرل اسيمبلي ڪوٺائي ويندي آهي. ١٩٩٣ع ۾ اها گڏجاڻي ريو ڊي جنيرو ۾ "ڌرتي ڪانفرنس Earth Summit جي نالي سان منعقد ٿي هئي. هن دفعي اها ڪانفرنس عالمي قدرتي تحفظ ڪانگريس (World Conservation Congress) جي سري هيٺ هتي مانٽريال ۾ ٿي رهي آهي.

جنرل اسيمبليءَ ۾ چونڊون پڻ ٿينديون آهن. هن يونين جو هڪ صدر ۽ هڪ خزانچي هوندا آهن. ان ڪانسواءِ ٢٤ ڪائونسلر (جيڪي دنيا جي ائن مختلف علائقن مان هر علائقي مان ٣) ۽ ڇهن خاص ڪميشن جا اڳواڻ چونڊيا ويندا آهن.

ان ريت يونين جي ڪائونسل تي ٣٢ ميمبر ٿين ٿا. هنن سيني عهدن لاءِ سڀ ميمبر ووٽ ڏين ٿا.

سڄي دنيا کي ائن علائقن ۾ ورهايو ويوآ هي. هيٺ ڏنل نقشي ۾ علائقي ۽ ان ۾ موجود ميمبرن جو وچور ڏنل آهي.

| علائقو | ميمبر | علائقو | ميمبر |
|---|---|---|---|
| آسٽريليا – اوشنيا | ٦٢ | نارٿ آمريڪا – ڪيريبين | ٩٨ |
| اولهہ ايشيا | ٣٧ | اولهہ يوروپ | ٢٥٩ |
| اوڀر ايشيا | ٨٦ | اوڀر يوروپ | ٤٤ |
| آفريڪا | ١٢٢ | ڏکڻ آمريڪا | ١٧٢ |

ڪل ميمبر ٨٠٠

**هن يونين جا خاص ڪم هن ريت آهن:**

١) خطري ۾ آيل جانورن ۽ ٻوٽن جو تحفظ ڪرڻ.

٢) قومي پارڪ ۽ تحفظ وارا علائقا قائم ڪرڻ.

٣) مختلف جيوت جي صورتحال جوجائزو وٺڻ ۽ جهنگلن جو تحفظ.

ان کان سواءِ هي ادارو قدرتي وسيلن (زميني ۽ پاڻيءَ جي جيوت) جي واجبي ۽ پائيدار استعمال لاءِ جاکوڙي ٿو.

پاڪستان ۾ هن اداري جا دفتر ڪراچي، اسلام آباد ۽ پشاور ۾ آهن. هاڻي ڪوئيٽہ ۾ پڻ دفتر قائم ڪيو ويو آهي.

هن اداري جو پروگرام هن ريت آهي.

– ماڻهن جي مدد ڪرڻ تہ جيئن هو قدرتي جيوت تضاد (Bio-Diversity) کي قائم رکڻ لاءِ ڪوششون وٺي سگهن.

– زراعت، ٻيلن ۽ ماهي گيريءَ ۾ جيوت تضاد جو خيال رکڻ.

– جيوت تضاد ڄي سمجهڻ ۽ ان متعلق اطلاعن جي سمجهہ وڌائڻ.

– مٿين مقصدن لاءِ معاشي ۽ مالياتي مدد جو انتظام ڪرڻ.

يونين ١٩٤٨ع ۾ قائم ٿي. هاڻي پنجاهہ سالن جي عمر کي پهچڻ واري آهي ان عرصي ۾ هن اداري پنهنجي ڪم سان دنيا جي وڏي حصي ۾ قدرتي وسيلن جي بچاءَ ۽ ماحول کي خوبصورت رکڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. هن اداري ۾ سوين سائنسدان، زراعت، تحفظ جيوانات، پاڻيءَ جي صحيح استعمال، گدلاڻ کي روڪڻ، صنعتي خطرناڪ گيسن جي خاتمي ۽ ان قسم جي ڪيئن مسئلن تي ڪم ڪن پيا.

١٣ آڪٽوبر ١٩٩٦ع تي صبح جونوين وڳي ڪانگريس جو افتتاحي اجلاس منعقد ٿيو. پيلس ڊي ڪانگريس هڪ خوبصورت ڪانفرنس سينٽر آهي. پهرين منزل تي رجسٽريشن ۽ ڪانگريس جي سيڪريٽريٽ قائم آهي. هڪ وڏي علائقي ۾ نمائش لڳائي وئي آهي جنهن ۾ مختلف ادارن پاران پنهنجي ملڪن جي ماحول تي مواد رکيل آهي. هن ئي طبق تي ڪافي شاپ ۽ سوکڙين جو ننڍڙو دوڪان آهي. بجليءَ جي چاڙهيءَ وسيلي ماڻهو چوٿين منزل تي پهچيو وڃي. جتي ڪانفرنس جو هڪ وڏو هال آهي جنهن ۾ ڇهہ هزار ماڻهن جي ويهڻ جو سٺو انتظام آهي. هي هال سڌو سنئون آهي. (آڊيٽوريم وانگر ڪونهي) جنهن جي سامهون اسٽيج آهي. ٽيبل ڪرسيون اهڙيءَ ريت رکيل آهن جو هر هڪ وفد اڏو لکڻ لاءِ ٽيبل آهي ۽ مائيڪ نصب ٿيل آهي جيئن سوال ڪندڙ جو آواز پهچي سگهي. سڄو هال وڊيو وسيلي پڻ ڳنڍيل آهي. پاسن تي ٤ وڏا وڊيو اسڪرين نصب ٿيل آهن جن تي ڳالهائيندڙ جا ڪلوز اپ نظر اچن ٿا ۽ سندس وفد ۽ تنظيم جو نالو الڳ اسڪرين تي اچي ٿو. صدر جي سامهون ٽي وي مانيٽرپيل آهن جن تي ڏسي هو حاضرين سان ڳالهائي سگهي ٿو.

هر هڪ ماڻهوءَ کي مختلف رنگن جا بيج لڳل آهن، بيج کان سواءِ ڪوبہ ماڻهو ڪانفرنس هال ۾ داخل ٿي نہ ٿو سگهي ميمبرن لاءِ سائو، عهديدارن لاءِ آسماني، مبصرن لاءِ اڇو تنظيم ڪاري اسٽاف لاءِ ڳاڙهو

تيا جيڪي ساڳئي وقت مختلف هالن ۾ هلندار هيا.

۱۸ تاريخ جمع تي رات جو ۷ وڳي ثقافتي سانجهہ جو انتظام ڪيل هيو. Bell- Amphi - Theatre برف تي راندين ڪيڏڻ جو ٿيٽر آهي جيڪو بيل، ٽيليفون ڪمپني اولمپڪ راندين لاءِ خاص طور ٺهرايو هو. هن ٿيٽر جي داخلا واري راهداري (Lobby) ۾ ڪئنيڊا جا اصلي رهاڪو پنهنجي مخصوص لباس ۾ موسيقي ۽ رقص جي شغل ۾ مصروف هئا. آمري ايڊين ۽ ايسڪيمو نسلن جي ماڻهن پنهنجي روايتي گهرن جا ماڊل پڻ جوڙيا هئا جن جي وچ ۾ ننڍڙا دوڪان ۽ هوٽلون اهڙي ريت هيون جڻ تہ سنڌ جي ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ ۾ پيا گهمون. هن ننڍڙي ڳوٺ مان لنگهي ٿيٽر جي علائقي ۾ پهچي ورياسين ٿيٽر جي وچ ۾ هڪ وسيع ميدان آهي جيڪو برف سان ڍڪيل آهي. هي برفاني ميدان برف تي گسڪڻ وارين راندين لاءِ جوڙيو ويو آهي. هن ميدان جي چوگرد ٽن طبقن ۾ گيلريون ٺهيل آهن جن ۾ هزارين ماڻهو ويهي رانديون ڏسي سگهن ٿا.

ان رات انهن گيلرين ۾ قسمين قسمين کاڌي ۽ مشروبات کي سجايو ويو هو. ڪئنيڊا ۾ سانبر Moose هڪ خاص جانور طور مشهور آهي. هن جو گوشت هتي هڪ دلپزير کاڌي Delicacy طور کاڌو ويندو آهي. هن محفل ۾ سانبر جو پڪل گوشت پيش ڪيو يو هو. ان کان سوا مڇي جا ڪجهہ نمونا ياجيون ۽ ٻيا کاڌا پيش ڪيل هئا.

هر هڪ وفد جي ميمبر کي هڪ ڪارڊ ڏنو پئي ويو جنهن تي پروگرام درج ٿيل هو ۽ ان جي هيٺين ڪناري تي ۲ ڪوپن هئا جن وسيلي ۲ مشروب حاصل ڪري سگهياسين ٿي. کاڌي پيتي جي ڪارروائي دوران ڪئنيڊا جي لوڪ موسيقيءَ جون ڌنون وڄنديون رهيون. ڪافي ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. ان ڪري ميلي جو ماحول ٿي لڳو. پروگرام مطابق ڇهن مشهور فنڪارن کي سڏيو ويو ۽ انهن برف تي گسڪي رقص جا نادر نمونا پيش ڪيا. ائين پئي لڳو جڻ تہ چابيءَ وارا رانديڪا هجن جيڪي موسيقيءَ جي لئہ تي تيزيءَ سان نچن ڪڏن پيا ۽ ڦيريون پيا پائين.

هن جي مظاهري کان پوءِ ميزبان سيني ماڻهن کي رنگ ۾ اچڻ لاءِ چيو ۽ خوبصورت موسيقي جي پس منظر ۾ اجتماعي ناچ شروع ٿيو. اٽڪل هڪ سئو کن ماڻهو رضاڪارانہ طور هن ناچ لاءِ پهتا. انهن مان گهڻا اهڙا هئا جن کي ان جو ڪوبہ تجربو ڪونہ هو. ان ڪري هن لاءِ

مرزا صاحب ڪالهه واپس هليو ويو هو. ان ڪري ٻه ڪجهه اوپرو پئي لڳو. مرزا صاحب سان گڏ گهمڻ جي اهڙي عادت پئي جو اڪيلو ڏينهن ٻسو پئي لڳو. ڪانفرنس هال جو چڪر ڏنم ۽ مختلف جاين جون تصويرون ڪڍيم زير زمين ڪاڏي جي مارڪيٽ ۾ اڄ اڪيلو ويهي ماني کاڌم هوٽل وارن کي ڪمرو واپس ڏئي هڪ وڳي ڏاري ٽرين اسٽيشن پهتس. (هتي ريلوي اسٽيشن کي چون) ٽيشڻ ڏهن منٽن جي پنڌ تي هئي. مون کي اڄ مانٽريال کان آٽوا (OTTAWA) ڪئناڊا جي راڄڌاني وڃڻو هو. گاڏي ١٧ نمبر پليٽ فارم تان وڃڻي هئي. پليٽ فارم زير زمين هئا ۽ زميني طبق (Ground - Floor) تي انتظار گاهه، طعام گاهه، عام استعمال جي شين جا دوڪان، بوٽ پالش جو دوڪان آهن. هتي ڪئناڊا ۽ آمريڪا ۾ بوٽ پالش جي دوڪان تي اوهان ڪرسي تي ويهي پيرن ۾ پاتل بوٽ تي پالش ڪرائڻ جي عياشي ڪري سگهو ٿا. جيڪا هڪ وڏي نوابي آهي. مون وٽ ڪو گهڻو سامان ڪونه هو هڪ وڏي ڪپڙن جي بئگ ۽ هڪ بريف ڪيس. سوچيم ته وڏي بئگ کي اڳوات چيڪ ان ڪرايان ته پوءِ واندو ٿي گهمان. سڌسماءُ جي ڊڪي طرف پئي ويس ته هڪ جوان اڳتي وڌي آيو. ٻڌايائين ته هو پاڻ سامان کڻندڙ (Porter) آهي.

" اوهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟ مون ڪيس ٽڪيٽ ڏيکاري. هن پڇيو " جي اوهان چاهيو ته آئون اوهان جو سامان اوهان جي گاڏيءَ ۾ پهچايان، پر ياد رکو آئون ڪجهه مهانگو پورٽر آهيان ". مون چيومانس ته " ٺيڪ آهي پر پهرين ٻولي ڪر " هو کليو چيائين ته " هي مانٽريال آهي نيويارڪ ناهي، تون فڪر نه ڪر تنهنجو سامان ٤ نمبر گاڏي ۾ هوندو تنهنجي ريل جو نمبر ٣٥ آهي ".

خير سائين ٻه لڳي ٢٥ منٽن تي ١٧ نمبر پليٽ فارم جو دروازو کليو ۽ چند ڏاڪا لهي هيٺ پهتس جتي ڪنهن ٻه ٽڪيٽ ڪانه ڏٺي صرف ٻڌايو ته هي پهريون گاڏو فرسٽ ڪلاس آهي ان کانپوءِ ٻه گاڏا (Economy) ڪلاس جا آهن. آئون جڏهين نمبر ٤ گاڏي ۾ پهتس ته منهنجو سامان رکيل هو پورٽر ڪونه مليو. پوءِ خيال آيم ته هن قيمت جي جيڪا ڳالهه ڪئي هئي اها صرف خوش طبعي هئي. گاڏو هوائي جهاز جي ڪيبن جهڙو صاف، آرامده ۽ خوبصورت هو سيٽ دري واري تي وڃي قبضو ڪيم. گاڏيءَ ۾ چند ماڻهو هئا ڪا ٻه رش ڪانه هئي. مقرر وقت تي سيٽي وڳي ۽ گاڏي ڀڄي آٽوا ٻن ڪلاڪن جو پنڌ آهي. رستي تي ٻن اسٽيشنن

تي گاڏي بيٺي. گاڏي هلندي جهاز جي ريت وانگر ميزبان خاتون ڪاڏي جي ٽرالي آندي جنهن ۾ ڪافي ۽ مٺي سوڊا مفت ۽ ڪاڏي جون شيون پئسن سان هيون. ٿڌي موسم ۾ بک البت لڳي ٿي. ان ڪري سئنڊوچ ورتم ڏاڍو لذيذ ۽ صاف سٿرو هو. سفر بيحد آرامده هو. دريءَ مان گذرندڙ منظر اداس هئا جو سرءَ جي زرد ۽ ڳاڙهن پنن ساون پنن ۽ گلن جي جاءِ ورتي هئي.

پوڻين پنجين ڏاري منزل تي پهتس. سامان ڏڪيندو اسٽيشن جي ڇپري ۾ داخل ٿيس ته ايلن (Allen) مليو . (متر ايلن اٿرنگٽن Allen Ethrington اسان جي تنظيم جي فني مددگار ايجنسي ڪوواٽر Cowater جو نمائندو آهي) فيصلو اهو ٿيو ته اول آٽوا جي نيشنل پارڪ جي رنگيني ڏسجي ۽ پوءِ (Hull) هل ۾ هوٽل پهچجي.

ميلن ۾ پکڙيل آٽوا جو قومي پارڪ سرءَ جي رنگن سان سينگاريل آهي. هتي اچي محسوس ٿئي ٿو ته سرءَ جي مند به ايڏي سهڻي ۽ لڀائيندڙ ٿي سگهي ٿي. هن وقت هتي ڇئن رنگن جا پن نظر اچن ٿا - پائين جا وڻ اجا ساوا آهن. شاهه بلوط (Maple - Leaf) جا پن Fern Pine ڳاڙها ٿي ويا آهن ۽ بهڻ (Aspen) جاپن زردا آهن. باقي وڻ سڪي ويا آهن ۽ سندن پن ناسي رنگ جا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪجهه وقت کان پوءِ هي سڀ پن ڇڻي ويندا ۽ برف جي نرم بوري سان اڇا ٿي ويندا. هن وقت ڇئن قسمن جي رنگن جو ميلاپ انڊلٺ وارو منظر ٿو ڏيکائي ڏئي، آٽوا ندي جي ڪناري تي هي قدرتي ٻيلا قومي ورثي طور سنڀاليا وڃن ٿا. اسان هن وسيع ٻيلي جي وچ مان هڪ سهڻي شاهراهه تان موٽر ۾ ڊوڪي پئي وياسين. هڪ هنڌ تي چبوترو جڙيل هو ايلن جو خيال ٿيو ته اتي بيهي اوچائيءَ تان نديءَ جو نظارو ڪجي. اسان جي پهچڻ سان هڪ جوان جوڙو تهي ويو. ڏک ٿيم. مغرب ۾ به ايترو شرم سياويڪ لڳم. اتي هوا ڪليل هئي. سچ جي لهڻ جو منظر هو درياءَ جو ڪنارو ۽ ٻيلي جي رنگين وڻن جي اوٽ. شاعريءَ جو منظر هو. واپس ورندي هرڻ ڊوڙندي ڏٺم ۽ رستي جي پڪَ سان نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گسڪندڙ چاڪڙين سان گسڪندا نظر آيا.

رات جي مانيءَ لاءِ ايلن دعوت ڏني هئي ۽ آٽوا جي هڪ هندوستاني طعام گاهه " حويلي " ۾ وٺي ويو. سڪ عورت اسان جي ٽيبل تي اچي اسان کان اسان جي پسند پڇي. گهڻن ڏينهن کان پوءِ دال ۽ نان

نصيب ٿيا چڪن تڪا ۽ ڀاڄيءَ جا ڪوفتا سڀ مزيدار هئا ۽ حسب ذائقه هئا. ان ريت هي سفر وارو ڏينهن ختم ٿيو ۽ آئون هاليڊي ان ڪرائون پلازا هل جي ڀارهين منزل جي ٻارهين نمبر ڪمري ۾ ٽانيڪو ٿيس.

آٽوا ندي، آٽوا ۽ هل شهرن کي الڳ ڪري ٿي. هيءَ ندي گهڻي ويڪري ڪانهي. جمڙا ٽوڪينال جيڏي ويڪري ٿيندي. لڳي ته ائين ٿو ته هي ٻه شهر هڪڙي ئي شهر جا ٻه حصا آهن. پر اصل ۾ هنن جڙيل شهرن ۾ سياسي ۽ سماجي فرق نمايان آهن. هل Hull، ڪيو بيڪ (Qubec) ۾ آهي جيڪو فرينچ ڳالهائيندڙن جو علائقو آهي جڏهين ته آٽوا (Ottawa) اُنٽاريو (Ontario) صوبي جو شهر آهي جيڪو انگريزي ڳالهائيندڙن جو علائقو آهي.

ڪيوبيڪ غريب ٿو لڳي. طعام گاهن ۽ دوڪانن ۾ سينگار (Decor) اهڙو ڪونهي. گهر ٻه هتي ننڍا آهن. حڪومت جي چند عمارتن کان سواءِ هت ٻيو ڪجهه خاص ڪونهي. جڏهين ته هڪ ننڍي پل سان ڳنڍيل صرف پنجڻ منٽن جي مسافري تي قائم آٽوا ڪئناڊا جو دارالحڪومت آهي. هن جي آدم شماري ٣ لک کن آهن. هن شهر ۾ پارليامينٽ هائوس جي يوروپين قلعي جهڙي روايتي عمارت خاص دلچسپيءَ لائق آهي. ان ڪانسواءِ " تهذيب جو عجائب گهر " (Museum of Civilization) هڪ تمام وڏي عمات جو جوڙيو اٿن. آرٽ گيلري پڻ جديد اڏاوت جو هڪ سٺو نمونو آهي. پراڻي پيليس هوٽل جي عمارت اٽڪل ڏيڍ سئو سال پراڻي طرز تعمير جو نمونو آهي، جيڪا تازو ئي مرمت ڪري ٻيهر کولي وئي آهي، هوٽل جي زميني طبق ۾ شاپنگ سينٽر ريسٽوران ۽ آئيس ڪريم پارلر آهن. ذيابيطش وارن لاءِ خاص آئيس ڪريم جي گولا ۾ هتي وچي نڪتاسين پر اها تمنا پوري ٿي نه سگهي.

"Chapters" چيپٽرس " ڪتابن جو دوڪان : يادگيريءَ موجب هيڏو وڏو ڪتابن جو ٻپار ٽمنتل اسٽور، نه سنيران، هن دوڪان جي اشتهار مطابق هن ۾ اٽڪل هڪ لک موضوعن تي ڪتاب وڪري لاءِ موجود آهن. ان ڪانسواءِ ڪمپيوٽر لاءِ هزارين پروگرام (Soft Wares) پڻ موجود آهن. عام طور ڪتابن جي دوڪانن جي ٻاهران لکيل هوندو آهي ته هتي ڪائڻ پيئڻ ۽ ڪتاب پڙهڻ جي اجازت ڪانهي، هيءَ عجيب دوڪان آهي. جنهن ۾ ڪافي شاپ آهي، ٻئي طبق تي هڪ طرف ڪرسيون ٽيبلون مطالع گاهه وانگر سجايل آهن جتي اوهان ڪوبه ڪتاب ڪڍي ويهي پڙهو

تنظيمن کي سماجي ڀلائي ۽ خيراتي ادارن مان ترقياتي ادارن ۾ تبديل ڪرڻ جو اُدم پئي ڪري. اسان جو اهو يقين آهي تہ جيستائين ڳوٺاڻا ماڻهو ۽ پنهنجي پيل ماڻهو پنهنجي ڳوٺن جو انتظام پنهنجي هٿن ۾ نہ کڻندا ايستائين هنن جي ترقي ۽ واڌاري جو ڪو پلو ٽي نہ سگهندو. هڪ خيال کان هيءَ هڪ منفرد تجربو آهي ۽ هن تجربي جو بنياد سگا جي ساڃاهہ تي رکيل آهي. سِگا جو بنيادي اصول پنهنجي پرائمري اسڪولن کي پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ هو (پنهنجي اسڪول جي مالڪي ڪريو). ايس پي او ۾ اسين چئون ٿا تہ "پنهنجي ڳوٺ جي مالڪي ڪريو".

هن وقت پاڪستان ۾ ماڻهن جي گڏيل ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ جا ڪيئن ماڊل عمل هيٺ آهن. ڪجهہ ماڊل هتي واضح ڪرڻ ضروري آهن.

(الف) عام ڀلائيءَ جون انجمنون Welfare Organizations

سڀ جي ڏهاڪي ۾ سوشل ويلفيئر کاتي جي رهنمائيءَ ۾ هڪڙي نئي آئين وسيلي انجمن جو قيام عمل ۾ آيو. هي محلي يا ڳوٺ جي بنياد تي ننڍا سماجي ڪم ڪن ٿيون. جيئن تہ غريب ٻارن ۾ ڪتاب ورهائڻ، بيواهہ عورتن کي سلائي مشينون وٺي ڏيڻ، سلائي ۽ ڀرت جا مرڪز هلائڻ، غريب مريضن جي دوادرمل ۾ مدد ڪرڻ.

(ب) خيراتي ٽرسٽ : هي ادارا انگريزن جي زماني کان برصغير ۾ قائم آهن. شروعات ۾ هي ادارا شاهوڪار شخص /ڪٽنبن پنهنجي خاندان جي نالي کي قائم رکڻ لاءِ قائم ڪيا ۽ انهن وسيلي خيراتي اسپتالون، اسڪول، يتيم خانا، عبادت گاهہ وغيره قائم ڪيا ويا. هنن ادارن ۾ عبدالله هارون ٽرسٽ، دائود فائونڊيشن، آدم جي فائونڊيشن وغيره اچي وڃن ٿا. تازو اسي واري ڏهاڪي ۾ عبدالستار ايڌيءَ ان تتبع تي عام ماڻهن جي زڪوات ۽ خيرات وسيلي ايڌي ٽرسٽ قائم ڪيو.

(پ) سهڪاري ادارا ميمبرن ۽ عام ماڻهن جي سهڪار سان عوامي ادارا قائم ڪن ٿا. سنڌ ۾ سنڌ محمدن ائسوسيئيشن ڪيترائي هندن جا قائم ڪيل ادارا جهڙوڪ اين جي وي هاءِ اسڪول، اين اي ڊي ڪاليج سنڌ مدرسة الاسلام، نور محمد هاءِ اسڪول، مدرسة البنات، پارسي اسڪول، مشنري اسڪول، راءِ بهادر اوڌوداس اسپتال، مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول ۽ سروري ڪاليج نوشهري ۽ ٽنڊي باڳي وارا مدرسہ سڀ ان سهڪاري جذبي جا مثال آهن.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن پڻ انهن روشن مثالن جي پس

منظر ۾ قائم ٿي پنهنجو سفر شروع ڪيو.

هن وقت دنيا ۾ پاڪستان جي حوالي سان جيڪو مثال سڀ کان وڌيڪ مشهور ٿيو آهي. اهو اورنگي پائلٽ پراجيڪٽ آهي جيڪو ١٩٨٠ع ۾ ڊاڪٽر اختر حميد خان جي اڳواڻيءَ ۾ شروع ٿيو. ان لاءِ شروعاتي امداد آغا حسن عابدي ڏني هن رٿا مُطابق اورنگيءَ ۾ بنگلاديش مان لڏي ايندڙن جي بستين ۾ پيئڻ جي پاڻي، گندي پاڻيءَ جي نيڪال، تعليم، صحت ۽ روزگار جو بندوبست سهڪاري بنيادن تي ڪرڻو هو جنهن جو مطلب اهو ٿو ٿئي ته هرڪو خاندان پنهنجي لاءِ سهوليتن جي قيمت ۾ سهڪاري بڻبو. هيءُ تجربو هڪ ننڍڙي بستيءَ کان شروع ٿي اورنگيءَ جي چئني پاسي ڦهلجي ويو. ايتري تائين جو هن بستيءَ کي هاڻي ايشيا جي سڀ کان وڏي ۾ وڏي" ڪچي " بستي سڏ جي ٿو.

(پ) رورل سپورٽ پروگرام : ڳوٺاڻا مددگار ادارا، آغا خان رورل سپورٽ پروگرام AKRSP جي نموني تي هن وقت ملڪ جي سيني صوبن ۾ قائم ٿي.چڪا آهن.

هز هائينس پرنس ڪريم آغا خان پنهنجي غريب ۽ دوردراز رهندڙ پوئلڳن لاءِ ترقياتي ماهرن جي مدد سان هڪ پروگرام جوڙيو جيڪو پڻ اسي جي ڏهاڪي کان اترين علائقن ۽ هماليه جبل جي دامن ۾ رهندڙ آغاخانين جي ڀلائي لاءِ شروع ٿيو. هي پروگرام ڳوٺاڻين تنظيمن جي جوڙ جڪ ڪري ٿو ۽ انهن کي ماڻهن جي ضرورتن پٽاندڙ رٿائون جوڙي ڏئي ٿو. هن پروگرام هيٺ پيئڻ جي پاڻي، پوک لاءِ پاڻي، رستا، پليون، تعليمي ادارا، صحت جا ادارا ۽ روزگار ي ذريعن تي ڪم ٿئي ٿو. هاڻي اهو پروگرام آغا خانين کان وڌي اترين علائقن جي سيني رهندڙن لاءِ ٿي ويو آهي، پاڪستان جي خوبصورت ترين ۽ دشوار گذار علائقن ۾ هي پروگرام پڻ دنيا ۾ ڳوٺاڻي ترقيءَ جي ماهرن جي توجهه جو مرڪز بڻيو آهي.

هن پروگرام جي ڪاميابيءَ کي ڏسندي پاڪستان حڪومت نيشنل رورل سپورٽ پروگرام نوي جي ڏهاڪيءَ ۾ شروع ڪيو. جيڪو ملڪ جي مختلف ضلعن ۾ پنهنجو پروگرام هلائي ٿو.

هن پروگرام جا بنياد ساڳيا AKRSP وارا آهن پر گهڻو توجهه هاڻي بچت ۽ ننڍين قرضن طرف آهي. بنگلاديش جي گرامين بئنڪ (ڳوٺاڻي بئنڪ) واري تجربي اهو ثابت ڪيو ته تمام ننڍا قرض غريب بي زمين ۽

ويڳاڻن ماڻهن کي باروزگار ڪري مستحڪم ڪري سگهن ٿا. ان ڪان سواءِ غريب قرض موٽائڻ ۾ وڌيڪ جوابدار آهن ان ڪري اهي قابل اعتماد آهن. ان تجربي جي روشنيءَ ۾ هاڻي ڳوٺاڻا ترقياتي ادارا ان محور تي وڌيڪ توجهہ ڏين ٿا.

هن وقت هن ئي ماڊل هيٺ سرحد رورل سپورٽ ڪارپوريشن ۽ بلوچستان رورل سپورٽ پروگرام ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ رورل سپورٽ پروگرام پڻ هڪ غيرسرڪاري خانگي ٽرسٽ طور رجسٽر ٿي چڪو آهي.

(ب) مددگار ترقياتي ادارا : هي ترقياتي ادارا ماڻهن جي پاڻ ڀرائي خود اعتمادي ۽ خود انحصاري جالاڙا ۽ احساس وڌائڻ لاءِ تربيت ۽ ترغيب جي فروغ لاءِ ڪم ڪن ٿا. پاڪستان جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اٽڪل ويهارو هزار رضاڪار سماجي تنظيمون ڪم ڪن ٿيون. انهن جو تعلق سماجي ڀلائي ۽ خيراتي ڪمن ڪارين سان آهي. ساڳئي وقت انهن ادارن وٽ هڪ وڏو تعداد پاڻ ارپي رضاڪار بنيادن تي پنهنجي معاشري جي اوسر لاءِ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن جو آهي. هنن کي سماجي ڀلائي ۽ ترقيءَ جو تفاوت سمجهائڻو آهي. هنن کي مستحڪم ۽ پائيدار ترقياتي عمل ۾ متحرڪ ڪرڻو آهي. هنن ادارن کي ترقياتي ادارن ۾ تبديل ڪرڻ جي عمل کي اڳيرو ڪرڻ لاءِ مددگار ترقياتي ادارا اسي جي آخري سالن ۾ قائم ٿيا جيڪي گهڻو ڪري غيرملڪي امداد ٿي هلن ٿا ۽ پنهنجي تربيت ٿيل انجمن جون رابطا ڪائونسلون پڻ جوڙين ٿا. ان قسم جي ادارن ۾ سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ پاڪستان اين جي او آر سي، ايس پي او ۽ اي ڊي ايچ آر جهڙا ادارا اچي وڃن ٿا.

آتوا جي خوبصورت منظرن جو ذڪرڪندي سماجي اوسر ۽ ترقيءَ جي ڪيتر ۾ لڙي پياسين. سچ تہ سجاڳ قومن پنهنجي سماج کي ايترو تہ صاف، مربوط ۽ خوبصورت بنايو آهي جو پنهنجو پاڻ کي ڏسي شرم اچيو وڃي. اسان هسيتائين ڇا پئي ڪيو. ڇا اهو اسان جي قيادت جو ڏوهہ آهي؟ يا ان جو ڏوهہ اسان سمجهدار پڙهيل لکيل باروزگار عملدار طبقي کي ڏيون جيڪي مختلف وقتن تي بااختيار رهيا آهن؟ يا وري ڏوهہ بہ سئو سالن جي غلامي ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل درباري، جي حضوري طبقن جي موقعي پرستيءَ کي ڏيون؟

ان سوال جو جواب جڏهين اسان ڏيڻ جي همت ڪري ورتي تہ پوءِ

سماجي ترقيءَ جي منزل پري ڪانهي.

٢٤ آڪٽوبر ١٩٩٦ع ڪينيڊين انٽرنيشنل ڊيولپمنٽ ايسوسيئيشن CIDA جي صدر دفتر ۾ پنهنجي ڪم جو تعارف ڪرائڻ کان پوءِ ان ئي بلڊنگ جي ٻُهري (Basement) ۾ هڪ اطالوي ريسٽورنٽ ۾ پاڇين جي هڪ طعام سان پيٽ جي دوزخ پري سيڊا جي پاڪستان، افغانستان، بنگلاديش جي جنرل پروگرام مئنيجر مسٽر ايوبُلانشي سان ملاقات لاءِ ويس. هن ٤٥ منٽ ڏنا جن ۾ مون کي ايس پي او لاءِ ايندڙ صديءَ ۾ مدد جي گذارش ڪرڻي هئي ۽ پاڪستان ۾ غيرسرڪاري تنظيمن ۽ سرڪار جي تعلق تي ڳالهائڻو هو.

مسٽر بلانشي فرينچ ڳالهائيندڙ ڏاڍو پرجوش جذباتي ماڻهو هو. اهڙن ماڻهن سان کلي دل سان ڳالهائي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ اسان پهريون پيرو مليا هئاسين پر ٿوري دير ۾ ائين ٿي لڳو ته اسان سالن کان واقف هئاسين. هن ڪانپوءِ ڪئناڊا جي هڪ ٻئي وڏي اين جي او سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ انٽرنيشنل جي صدر دفتر ۾ ان جي سربراهه رچرڊ سان ملڻ ويس.

سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ انٽرنيشنل ڪئناڊا کان سواءِ ٥ ملڪن ۾ ڪم ڪري ٿي جن ۾ پاڪستان، هندوستان، سري لنڪا، نيپال ۽ بنگلاديش اچي وڃن ٿا. هيءَ ادارو سماجي ۽ راجوڻي جماعتن (Community Based Organization) جي مدد ڪري ٿو انهن جي ڪارڪنن جي تربيت ڪري ٿو ۽ انهن ادارن کي بنيادي سهوليتون پيدا ڪرڻ لاءِ معاونت ڪري ٿو. هن اداري جو بين الاقوامي رابطو مختلف ملڪن ۾ ترقياتي سرگرمين کي ڳانڍاپي جو ڪم ڪري ٿو. هن وقت هن اداري جي بين الاقوامي سيڪريٽريٽ ڪئناڊا ۾ آهي پر هاڻي ايندڙ سال کان سيڪريٽريٽ سري لنڪا ۾ قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي پئي وڃي جيئن برصغير سان لاڳاپو ويجهو رهي سگهي.

سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ جو پاڪستان ۾ دفتر لاهور ۾ آهي. هن اداري جا مقصد هنريت آهن.

– ڏکڻ ايشيا جي محروم عوام جي بهبوديءَ لاءِ خود انحصاريءَ تي مشتمل ترقياتي سرگرمين جو آغاز ڪرڻ.

– ڏکڻ ايشيا جي انهن رضاڪار ترقياتي انجمن جي حمايت ڪرڻ ۽ انهن کي تقويت بخشڻ جيڪي پنهنجي راڄن ۾ شرڪت جي بنياد تي

ترقيءَ جي عمل ۾ مصروف آهن.

– ڏکڻ ايشيا ۽ ڪئناڊا جي رضاڪار ادارن ۽ سماجي گروهن وچ ۾ هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي رابطہ قائم ڪرڻ.

– ترقياتي مسئلن ۽ غربت جي سببن ۽ مرحلن جي باري ۾ ڪيناڊا ۽ ڏکڻ ايشيا جي رضاڪار ادارن جي وچ ۾ لاڳاپن ڪي وڌائڻ جيئن هر هڪ تي اها حقيقت آشڪار ٿي وڃي تہ ترقيءَ جو عمل شرڪت جي تصور سان ئي اڳتي وڌي سگهندو.

شام جو منهنجي ميزبان مون کي آٽوا جي سينما ۾ وٺي ويو جتي هڪ انگريزي فلم "The Margret's Museum" ڏٺوسون. هيءَ فلم هڪ ڪوئلي جي کاڻ جي مزدور جي ڪهاڻي آهي. هن دور ۾ بہ کاڻين جي مزدورن جي صورت حال ڪا چڱي ڪانهي پر هن فلم ۾ پنجاهہ سال اڳ جي تاريخ ورجايل هئي جڏهين کاڻين جا حادثا عام ٿيندا هئا ۽ ڪيئن مزدور ڏهجي ويندا هئا.

هن فلم ۾ مزدور جي زال جيڪا هن جي محبت جي شادي آهي ۽ بي اولاد آهي حادثي کان پوءِ اڪيلي رهجي وڃي ٿي ۽ هن سماج کان بدلو وٺڻ جو ۽ مزدورن جي حقن لاءِ احتجاج جو هڪ انوکو طريقو اختيار ڪيو. هن پنهنجي مڙس جا سڀ عضوا ڪڏي شيشي جي برنين ۾ محفوظ ڪيا ۽ انهن جو هڪ عجائب گهر ٺاهيو ۽ ان جو نالو "مارگريٽ جو عجائب گهر" رکيو.

دنيا جي هڪ سڌريل ۽ شاهوڪار ملڪ ۾ تصوير جو هيءُ ٻيو رخ ڏسي بيحد پريشاني ٿيم. سچ تہ هتي جي حسين نظارن جو سچو نشو ڪافور ٿي ويو.

٢٥ آڪٽوبر تي منجهند جو آٽوا جيءَ ريڊيسن هوٽل ۾ عورتن جي ترقياتي ڪردار تي ڪانفرنس جو اهتمام هو. سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ وارن پاران ڪئناڊين ايسوسيئيشن آف جرنلسٽس جي تعاون سان "ابلاغ جي کيتر ۾ عورتن جو ڪردار" تي هڪ مباحثو هو. هن مباحثي جون ٻہ مقرر خواتين هيون.

-1 مس ڪلپنا شرما ايسوسيئيٽ ايڊيٽر "هندو" انڊيا.

-2 مس لز بوسٽ بي بي سي ورلڊ سروس.

پينل تي مس لوئيز بهان (انٽرنيشنل ڊيولپمينٽ ريسرچ سينٽر) ۽ مس جولي اوئيل (سدرن نيوز) هيون.

هن مباحثي جي تڪيت ڏهه ڀالر هئي پر مون ڪي دعوت مليل هئي. مس ڪلپنا هندوستان ۾ عورت جي صورت حال تي ڳالهايو ۽ ان جي غربت ۽ پس ماندگيءَ جو ذڪر ڪيو. ٻئي طرف مس لز ٻوسٽ پاڪستان، ايران ۽ افغانستان ۾ عورت جي مجموعي صورت حال تي ڳالهايو. ايران ۽ افغانستان ۾ انقلابن جي روشنيءَ ۾ عورت تي لڳل پابندين ۽ اسلامي تهذيب جي اثرن تي پنهنجي نقطئہ نظر تي ڳالهايو.

مغرب ۾ مختلف مذاهب موجود آهن پر اسلام تي خصوصي تنقيد اتي جي فيشن ۾ شامل آهي. ان قسم جي ليڪچرن ۾ اهڙو تاثر ڏنو ويندو آهي جڻڪ اسلام ۾ عورت هڪ جانور واري حيثيت رکي ٿي. روشن خيال دنيا ۾ اسلام متعلق فرسوده عقيدا ۽ گهٽ ڄاڻ ڏسي عجيب احساس ٿئي ٿو. بهرحال هن خاتون پاڪستان جي عورت تي ڳالهائڻ وقت صرف سنڌ جي عورت جي مسئلي تي ڳالهايو ۽ "ڪاروڪاري" کي بنياد بنائي اهو تاثر ڏنو تہ سنڌ ۾ حيواني معاشرو قائم آهي. مون کان رهيو ڪونہ ٿيو ۽ سوالن واري وقفي ۾ مون پنهنجو حق استعمال ڪندي معزز خاتون جي ليڪچر تي تنقيد ڪئي، مون کي افسوس ان ڳالهہ جو ٿيو هو تہ مغربي معاشري ۾ جتي عورت وڏي سماجي ۽ اخلاقي دٻاءَ هيٺ آهي ۽ جتي هن دور ۾ بہ عورتن تي مارڪٽ ۽ قتل ڪرڻ جا واقعا روز اخبارن جي زينت بنيل آهن. انهن جو تقابلي جائزو نٿو ورتو وڃي پر اسان جهڙي پٺتي پيل غلام قوم جي غلطين کي وڏي آب تاب سان بين الاقوامي پليٽ فارمن تي اڇلايو وڃي ٿو. ڪاروڪاري نہ اسلامي روايت آهي ۽ نہ وري سنڌي تهذيب ۽ روايتن جو حصو آهي: پر اهو جاگيردارنہ روايتن جو هڪ دهشتگرد مثال آهي. اهڙا مثال سڄي دنيا جي اڻ سڌريل دور جي سماجي تاريخ جو حصو آهن. هن تنقيد مان منهنجي مراد هرگز اها ڪونہ هئي تہ آئون هن وحشت انگيز رسم جي پٺڀرائي ڪريان پر صرف اهو ظاهر ڪرڻو هو تہ سڄي دنيا ۾ صرف سنڌين کي نشانو بنائي انهن کي وحشي سڏڻ انصاف ڪونهي.

هن تقرير جي پس منظر ۾ اها ڳالهہ بہ هئي تہ نوي جي ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ ٿيل لساني ڇڪتاڻ ۾ ٻاهرين دنيا ۾ سنڌي ماڻهن کي قاتل ۽ وحشي ڪري پيش ڪيو ويو آهي. ڪيترا مددگار ادارا سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ان سبب ڪري وڃڻ لاءِ تيار ڪونہ آهن. هڪ رٿابندي هيٺ سنڌ ۾ ٻاهرين سياحن ۽ ڪاريگرن کي اغوا ڪرايو ويو. ان کان پوءِ جاپان ۽

آهي، آئون لهان تو ۽ ڪابئي ٽيڪسي تاڙيان ٿو.“ بيحد ڪاوڙ ۾ اتاولي ۾ هلڻ لاءِ هاڪار ڪيائين.

آٽوا تن لک ماڻهن جو شهر آهي رستا وڏا ۽ ويڪرا آهن. آفيسن مان موڪل جو وقت هو ان ڪري ٽريفڪ ڪجهه وڌيڪ هئي پر اها هر حالت ۾ ڪراچيءَ جي عام ٽريفڪ کان به وڌيڪ ڪانه هئي. هر ٽريفڪ سگنل تي همراه ڪاوڙيو پئي. اصل وٺ ئي نه پيو ڏئي.

نيٽ پڇيومانس ته ”لبناني آهين ڇا؟“ هاڪار ۾ وراڻي هڪدم مون کان پڇيائين ته مون کي خبر ڪيئن پئي؟ مون کيس ٻڌايو ته سندس لهجي ۽ انداز مان. مون کان به سچاڻپ ورتائين ۽ همراهه ٿڌو ٿيو. ان کان پوءِ فلسطين ۽ لبنان جي مسلمانن جي صورت حال تي ڳالهائڻ لڳو افغانستان ۾ مسلمانن جي پاڻ ۾ لڙائيءَ تي ملال ڪيائين. پاڪستان جي حالتن تي به ڳالهائي سگهيو پئي.

ائين ڪاوڙيل همراهه دوست بڻجي پيو ۽ وڌيڪ خدمت لاءِ پنهنجو فون نمبر ۽ ڪارڊ ڏنائين.

هي منهنجو آٽوا ۾ آخري ڏينهن هو. ٻئي ڏينهن ٽورنٽو وسيلي آمريڪا جي شهر سينٽ لوئيس هليو ويس.

منجهس دنيا جي ڪل آباديءَ جو ٢ سيڪڙو ماڻهو رهن ٿا، پر ايندڙ ڏهن سالن ۾ ان جي آبادي دنيا جي آباديءَ جو ٤ سيڪڙو ٿي ويندي. پاڪستان جي آزاد اميگريشن پاليسيءَ جي نتيجي ۾ پڻ ڏهن سالن اندر ست لک پرڏيهي پناهگير اچي سهڙيا آهن ۽ ايندڙ سالن ۾ اها لوڏ پنهنجي رفتار اچا وڌائيندي. هينئر تائين پاڪستان جا فطري وسيلا ۽ ماحول گهٽتيءَ جوڳي حالت ۾ آهن ۽ انهن جو آئيندو پڻ گهڻو روشن ڪونہ ٿو ڏسجي. انهن اهم مامرن کي منهن ڏيڻ لاءِ قومي بقا جي پڌرنامي ۾ هيٺيان ١٤ ترجيحي پروگرام رٿيا ويا آهن.

1- فصلن واري زمين ۾ ضروري جزا مهيا ڪرڻ.

2- آبپاشيءَ جي سرشتي کي بهتر بنائڻ.

3- پاڻيءَ جو زيان گهٽائڻ.

4- ٻيلا بچائڻ ۽ وڻ وڌائڻ.

5- ٻني ٻاري لاءِ زمين سنوارڻ ۽ چوپايو مال وڌائڻ.

6- پاڻيءَ جا ذريعا بچائڻ ۽ ماهيگيري (Fisheries) تي جوڳو ڌيان ڏيڻ.

7- مختلف جيوت جي حفاظت.

8- توانائي جي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ.

9- مرمت طلب وسيلن کي ناهي، واڌ ويجهہ ڏيڻ ۽ ڪتب آڻڻ.

10- ماحولياتي گدلاڻ کان بچاءُ ۽ ان جي خاتمي لاءِ جوڳا اپاءَ وٺڻ.

11- شهري گند ڪچرو نڪاڻي لڳائڻ.

12- عام وسيلن کي بهتر بنائڻ لاءِ ادارن کي مدد ڪرڻ.

13- آباديءَ ۽ ماحول بابت پروگرام ٺاهڻ.

14- تهذيبي ورثي کي محفوظ ڪرڻ.

قومي ايجنڊا جي روشنيءَ ۾ سنڌ جا ماحولياتي مسئلا گهڻي قدر علائقائي آهن ۽ پنهنجي موجوده حالت ۾ مستقبل لاءِ موتمار ٿي سگهن ٿا.

سم ۽ ڪلر :

ڊاڪٽر اقبال پنهور چواڻي ڪينال واري زمين جي ١٣ء٦ ملين هيڪٽرن مان ٢٥ سيڪڙو ڪلراٺي آهي. ٥. سيڪڙو سَروي ٿيل ۽ آبپاشيءَ هيٺ زمين مان بہ ٥٠ سيڪڙو سم کان متاثر ٿيل آهي ۽ اُتي زمين جي سطح کان رڳو هڪ ميٽر هيٺ تي پاڻي نڪري ٿو.

**تهذيبي ورثي جو تحفظ :**

قومي بقا جي پٽرنامي ۾ پنهنجو تهذيبي ورثو محفوظ ڪرڻ ڪي آخري اسم طور رکيو ويو آهي. ان جو اهو بہ سبب ٿي سگهي ٿو تہ ماحوليات ۽ ان جي بقا جي ماهرن ان تي گهڻو ڏيان خاص طور تي نہ ڏنوهجي. جڏهن تہ عالمي بقا جون انجمنون گهڻو زور ئي تهذيب ۽ اُصلوڪن رهاڪن جي رهڻي ڪهڻيءَ ڪي بچائڻ تي ڏين ٿيون.

**جڏهن تہ :**

- اسان جو سرڪاري ميڊيا آثار قديمہ جي ورثي، پنج هزار سال قديم ۽ دنيا ۾ مشهور موهن جي دڙي ڪي ڪابہ ترجيحي اهميت ڏين لاءِ تيار ناهي.
- اصلوڪن رهواسين جا هنر ۽ فن گهڻي قدر نابود ٿي چڪا آهن.
- طاقتور سيٽلائيٽ ميڊيا منظر ڪي تڪڙو متائيندو ٿو وڃي ۽ "الوميان! "ڪان هتي هاٿي" مست مست" ڏاتهن نيو پيو وڃي.
- اڃا بہ اسان پنهنجي صدين جي ورثي جي ماحولياتي بقا جو خواب ڏسي سگهون ٿا؟
- مان سمجهان ٿو تہ جواب نهڪر ۾ ايندو.

# اندر جنين اڏ

اڄ ايڪويهن مئي جو ڏهاڙو آهي. جيڪو اسان کي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي يادگيري ڏياري ٿو. حيدر بخش جتوئي روينيو کاتي جي ملازمت ڪندي غريب هارين جي ڏکڙن سان روشناس ٿيو. نوڪري کي ٻن ڏيئي اچي گنجي ۽ گوڏ وارن سان شريڪ ٿيو. هاري حقدار جي تحريڪ کان ويندي ون يونٽ ٽوڙيو تحريڪ تائين هي سرگرم قومي ڪارڪن تتي ٿڌي ڪاهيندو رهيو. آخر ۾ ون يونٽ جو ڪوٽ ڪرڻ جي خبر ٻڌي ٢١ مئي ١٩٧٠ع تي اسان کان موڪلائي ويو. سندس عشق سچو هو. هن سڪن واري سڌ چڏي اندر اڏ ڪيو ۽ پنهنجي حياتي سنڌ تان قربان ڪري ڇڏي. سنڌ جا هزارين گُمنام عاشق پنهنجي جيون دان ڪري چڪا آهن. اڄ جڏهن ايڪويهين صديءَ جو غوغاءُ ملڪ ۾ ماڻهن کي منجهائي پيو ۽ نيو ورلڊ آرڊر زنده رهڻ جو واحد وسيلو بڻجي ويو آهي تڏهن ٻه سنڌي ۾ ڪتاب ڇپجن پيا ۽ انهن جي مهورت لاءِ اهتمام ٿئي پيو اها ڳالهه ڏاڍي تعجب خيز آهي.

مون کي عجب ان ڪري ٿو ٿئي جو ابلاغ جا موثر ادارا سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏيئي چڪا آهن. اشتهار بازي جيڪا اڄ جي دور جي صحافت، ثقافت لاءِ آب حيات آهي اها پڻ سنڌي کي سود مند سودو ڪونه ٿي سمجهي تہ پوءِ هي روزانيون اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب ڪيئن ٿا هلن.

اهو عشق تہ آهي جنهن سنڌي ماڻهو کي جياپي جو اتساهہ بخشيو آهي. ان اتساهہ وسيلي سنڌي ٻولي پنهنجي پنجاهہ سالن جي حياتي جي ويڙهہ ڪٽي ورتي آهي.

عاشق عزازيل ٻيا مڙوئي سڙيا،
منجهان سڪ سبيل لعنتي لال ٿيو.

لطيف سائين ائين چيو هو اها مون کي خبر ڪانهي پر مون کي اڄ اهو بيت چو دل تي تري آيو آهي؟ ان ڪهاڻيءَ جو اپٽار ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. اهل دل محبت جي مامرن کي ڄاڻن ٿا.

سو ڳالهہ هئي علي گوهر ڪهاوڙ جي ڪتاب "اندر جنين اڏ" جي ۽

آئون گمراهہ مسافر وچي عشق جي ڪاڪ محل ۾ پهتس. عشق ۽ عقل جو جهيڙو تہ پراڻو قصو تي ويو آهي، پر اسان سنڌ واسي اڄا گذريل صديءَ واري عشق جي بارگاهہ ۾ آهيون. دنيا عقل جي تارازيءَ کي خودڪاز هٿيارن جو روپ ڏيئي عشق جا بڻ بنياد ناس ڪريو ويئي آهي. اسان تہ عاشق زهر پياڪ آهيون پر هي عقل جي لڱايل باهہ جو اوڙاهہ اسان جي ڪاڪ محل جي ويجهو پيو اچي. ڇا اسان جو عشق ان مٿان برهہ جي برسات وانگر ڪڙڪي ان باهہ کي وسائي ڇڏيندو يا اسان جو عشق ابراهيم ع جي عشق جيڏو مضبوط آهي جيڪو ان باهہ کي گلستان ۾ بدلائي ڇڏيندو؟

ادي علي گوهر جو زير نظر ڪتاب ٣٨ ڪالمن تي مشتمل آهي جيڪي هن هلال پاڪستان لاءِ لکيا هئا. اخباري دنيا ۾ ڪالم جي حياتي هڪ ڏينهن هوندي آهي ۽ منهنجي خيال مطابق ڪالم جا ڪارج هن ريت هوندا آهن.

١) موجود سياسي ، سماجي، معاشي، حالتن تي عام پڙهندڙ کي باخبر ڪرڻ.

٢) مختلف موضوعن کي هڪ شراڪتي بحث جي شڪل ڏيڻ، جيئن پرهندڙ مختلف اختلافي مسئلن تي گهڻ پاسي سوچ ڪن ۽ ڪو منطقي نتيجو ڪيي سگهن.

٣) ڪن معلوماتي ۽ عام مشاهدي کي پڙهندڙن جي احساس جو حصو بنائڻ.

هن ڪتاب ۾ قابل نوجوان مصنف انهن سيني ڳالهين کي نظر ۾ رکي بيحد حساس ڪالم لکيا آهن. سياسي سماجي ۽ معاشي مسئلن تي ڪالم نگار تبصرر ضرور ڪيو آهي پر اهو مٿاڇرو پيو لڳي ۽ انهن موضوعن تي وڌيڪ اڀياس جي ضرورت جو احساس ٿئي ٿو.

اڄڪلهہ ڪالم لکڻ وارا موضوع پڻ چونڊي ڇڏيندا آهن ۽ گهڻو ڪري ان ئي موضوع تي مهارت رکندا هن..جيئن اقتصادي مسئلن تي لکندڙ، مزدورن جي مسئلن جا ماهر، بين الاقوامي تعلقات جا ماهر ۽ وري ان ڪيتر ۾ مختلف ملڪن جي مسئلن تي جاڻ رکندڙ ڪالم نگار هوندا آهن. سنڌي صحافي سرمائي جي ڪوٽ ۽ وسيلن جي اڻ هوند سبب اڄا اهڙي عياشي ڪرڻ جهڙا نہ ٿيا آهيون پر ائين ضرور چئبو تہ برسات اخبار اهڙي شروعات ڪئي آهي.

اسان جي بيباڪ نوجوان صحافي سيني صنفن جي ڪالمن لکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. ان ڪانسواءِ هن سماجي براين، عملدارن جي ظلمن، بيروزگاري، دهشتگردي جو ذڪر بيحد دلپزير پيرائي ۾ ڪيو آهي. پر انهن سيني مسئلن جي سببن ۽ ممڪن اپائن جو ذڪر نہ ڪيو آهي. گاجي ڪهاوڙ جي دوست شوڪت چني جو ذڪر هجي يا وري گونگا ٻوڙها ۾ گونگي ڇوڪري جي نوجوان اڪيلي پٽ جو ظالمانو موت هجي، مصنف انهن سچن واقعن کي سٺي ريت نڀايو آهي. هن ڪالمن ۾ هڪ فئنٽسي پڻ مصنف تخليق ڪئي آهي. ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ نوجوان صحافيءَ جي گهڻ پاسائين تخليقي شخصيت ابري ٿي. ڏک ان ڳالهہ جو آهي جو سال ڪن ڪان علي گوهر لکڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. ائين الاجي ڇو آهي.!

اسان جيڪي سڀ هڪ اونداهي سوڙهي گهٽيءَ مان ان اميد ۾ لنگهون پيا تہ ان جي ٻئي ڇيڙي تي روشني هوندي ۽ باغ وبهار هوندا، انهن کي پذيرائي ۽ داد جو انتظار ڪرڻو ناهي پر مسلسل هلڻو آهي. اسان کي عشق آهي روشنيءَ سان، اسان کي محبت آهي امن سان ۽ اسان کي اوسيئڙو آهي سک ۽ سلامتي جو. اسان وٽ صرف هڪ وٽ آهي ۽ اها وٽ اسان جي ايمان مطابق ڏاڍي مضبوط آهي. اها وٽ آهي عشق.

تنهن عشق کي شاباس جنهن
محبتي ميڙيا.    عشق زنده باد.

(٢١ مئي ١٩٩٦ع تي ڪراچي پريس ڪلب ۾ نوجوان صحافي علي گوهر ڪهاوڙ جي ڪالمن جي مجموعي "اندر جنين اڌ" جي مهورت واري تقريب ۾ مهمان خاص جي حيثيت ۾ پڙهيل مضمون – هلال پاڪستان ٢٤ مئي ١٩٩٦ع ۾ بہ شايع ٿيو.)

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” أداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي أداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. أنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِه ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪِبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)